ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 06 فيبروري 2026ع 17 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 وپيم شمارو (175)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڪشمير جلد آزادي جو نئون صبح ڏسندو، ڀارتي جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏينداسين: فيلڊ مارشل

چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير مظفرآباد جو دورو ڪري ڪشمير جي آزادي واري تحريڪ جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو

ڀارتي ظلم، انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ۽ هندوپرست نظريي تحت ڪيل زيادتيون ڪشميري عوام جي جائز جدوجهد ۽ سندن عزم کي ڪمزور ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون آهن

پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل تائين سمورن عالمي فورمن تي ڪشميرين جي حق خود اراديت جو آواز بلند ڪندو رهندو

ڪنهن بہ جارحيت جو فوري، ڀرپور ۽ موثر جواب ڏنو ويندو ۽ هٿياربند فوج بدلجندڙ سيڪيورٽي ماحول ۾ روايتي ۽ هائبرڊ خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي

چيف آف ڊفينس فورسز ڪشمير ۾ مقرر آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلي، پيشيوراڻي مهارتن، پختي عزم ۽ مشڪل حالتن ۾ اعليٰ سطح جي جنگي تيارين جي ساراهہ ڪئي

راولپنڊي(م ڊ)پاڪ فوج جي سربراهہ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي تہ ڪشمير جلد آزادي جو نئون صبح ڏسندو جيڪا ڪشميرين جي اجتماعي خواهش ۽ مقدر آهي آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير مظفر آباد جو دورو ڪيو ۽ جمون ۽ ڪشمير ۾ شهيدن جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

چيني صدر سان گڏجي ٽن سالن ۾ مثبت نتيجا حاصل ڪري وٺنداسين: ڊونلڊ ٽرمپ

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي تہ هن چيني صدر شي جن پنگ سان بهترين ٽيليفونڪ ڳالهہ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: ازبڪستان جي صدر شوڪت مرزايوف کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو پيو وڃي، وزيراعظم شهباز شريف پڻ موجود آهي

ڪشمير پاڪستان جي شهہ رڳ آهي، ڪشميرين جون قربانيون رائيگان نہ وينديون: طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي)پارلياماني معاملن بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

اسان پاڪستان جي ڪشميري عوام سان پختي يڪجهتي جو ورجاءُ ڪريون ٿا: سينيٽر اعظم نذير

اسلام آباد (اي پي پي) قانون انصاف ۽ انساني حقن واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

اسان معرڪہ حق ۾ ڀارت جو غرور خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو، ڪشميرين جي حمايت هميشہ جاري رهندي: شهباز شريف

ڪشمير مسئلو سڄي دنيا ۾ اجاگر ٿي ويو آهي، ڀارت جنهن محاذ تي ۽ جنهن زبان ۾ ڳالهہ ڪندو انهي ۾ ئي جواب ملندس، پراڪسيز جو بہ اهو حشر ڪنداسين جيڪو ان جي جهازن جو ڪيو

قائداعظم ڪشمير کي پاڪستان جي شهہ رڳ قرار ڏنو هو. ڀارت جو اصل چهرو دنيا آڏو بي نقاب ٿي چڪو آهي، دنيا کي ٻڌائي ڇڏيو تہ ڪشمير نہ ڀارت جو حصو هو، نہ آهي ۽ نہ رهندو

پاڪستاني فوج فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ اسان جي هٿياربند فوج اهڙو سبق سيکاريو جيڪو ان جون نسلون بہ ڪڏهن وساري نہ سگهنديون

ڪشمير تڪرار جو پائيدار حل رڳو ڪشميري عوام جي امنگن ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عمل سان ئي ممڪن آهي، ان کانسواءِ ٻيو ڪوبہ رستو نہ آهي

ڪشمير ۽ فلسطين جي عوام کي انهن جي مرضي سان جيئڻ جو حق ملڻ دنيا جي جمهوريت پسندي ۽ انصاف پسندي جو امتحان آهي، عالمي قانون ۽ اصول ان حق جي حمايت ڪن ٿا

پناهگيرن جو وظيفو 3500 مان وڌائي 6 هزار ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي، دانش اسڪول تعمير ٿي رهيا آهن، اسلام آباد ۾ دانش يونيورسٽي ٺهندي جنهن جو ڪئمپس مظفرآباد ۾ بہ هوندو

مظفر آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پناهگيرن جو وظيفو 3500 کان وڌائي 6 هزار ڪرڻ مظفرآباد ۾ دانش يونيورسٽي ڪئمپس ۽ آسان خدمت مرڪز قائم ڪرڻ وڌيڪ 1700 شاگردن کي هلنڊ مهيني ليپ ٽاپ ڏيڻ ايجوڪيشن انڊومنٽ فنڊ تحت تعليمي وظيفا ڏيڻ اسڪولن جي ڇتن جي لاءِ هڪ ارب ۽ هريام پل جي تعمير جي لاءِ 10 ارب رپيا بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

مظفر آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ آزاد جمون ڪشمير جي وزيراعظم راجا فيصل ممتاز راٺوڙ شهيدن جي يادگار تي گل چاڙهڻ بعد دعا گهري رهيا آهن

پاڪستان ۽ ازبڪستان وچ ۾ گڏيل پڌرنامي سميت مختلف شعبن جي 29 معاهدن تي صحيحون

واپار، انفارميشن ٽيڪنالاجي، زراعت ۽ غذائي تحفظ، ڪاٽين جي ڪوٺائي بابت معاهدا ڪيا ويا

دفاعي تعاون، ماحولياتي تبديلي، رانديون ۽ ثقافت، دواسازي، منشيات جي خاتمي ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

وزيراعظم شهباز شريف ۽ ازبڪستان جي صدر شوڪت مرزائيوف جي وچ ۾ دستاويزن جي مٽاسٽا ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ازبڪستان گڏيل پڌرنامي سميت واپار انفارميشن ٽيڪنالاجي، زراعت ۽ غذائي تحفظ، ڪاٽين جي ڪوٺائي دفاعي تعاون ماحولياتي تبديلي، رانديون ۽ ثقافت، بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري نور خان ايئربيس تي ازبڪستان جي صدر شوڪت مرزايوف جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

قازقستان پاران پاڪستان مان 50 هزار ٽن ٻٽاٽا گهرائڻ ۾ دلچسپي ظاهر

اها اڳڀرائي شهباز شريف ۽ قازقستان جي صدر وچ ۾ تازي گفتگو دوران سامهون آئي

ٻٽاٽي جي برآمد لاءِ اپريل کان جون 2026 تائين ٽائم لائن طئي ڪئي وئي آهي: واپار واري وزارت

پاڪستاني برآمد ڪندڙ قازقستاني درآمد ڪندڙن کي معياري ٻٽاٽن جي فراهمي يقيني بڻائيندا

ٻنهي ملڪن جي لاڳاپيل اختيارين ۾ ٽيڪنيڪي ۽ واپاري معاملن تي مشاورت بہ مڪمل

اسلام آباد(م ڊ)قازقستان پاڪستان مان 50 هزار ٽن ٻٽاٽا درآمد ڪرڻ ۾ گهري دلچسپي ظاهر ڪئي آهي واپار واري وزارت بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

ايٽمي هٿيارن جو استعمال خطرناڪ آهي آمريڪا ۽ روس جلد نئون معاهدو ڪن: گڏيل قومون

معاهدو ختم ٿيڻ کانپوءِ ٻئي ملڪ ايٽمي هٿيارن جي ذخيرن تي لاڳو پابندين کان باضابطہ طور آزاد ٿي ويندا

اهڙي صورتحال ۾ معاهدو ختم ٿيڻ کي عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ نهايت ڳڻتي جوڳو چئي سگهجي ٿو

نيو اسٽارٽ ۽ هٿيار ڪنٽرول ڪرڻ جا ٻيا معاهدا سڄي دنيا ۾ سلامتي لاءِ تمام گهڻا بهتر ثابت ٿيا آهن

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش آمريڪا ۽ روس تي زور ڀريو آهي تہ هو جلد کان جلد هڪ نئين ايٽمي معاهدي تي صحيحون ڪري وٺن پرڏيهي خبرو اداري موجب هن هڪ بيان ۾ چيو تہ موجوده معاهدو هڪ اهڙي وقت ۾ ختم ٿي رهيو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

گڏيل قومن جي قراردادن موجب ڪشميرين کي حق خود اراديت ڏنو وڃي: سينيٽر روبينہ خالد

اسلام آباد (اي پي پي)بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينہ خالد چيو آهي تہ ڪشميري عوام بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

پاڪستان ۾ ٻاهرين پٺڀرائي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو پهرين ترجيح آهي: صدر زرداري

سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي سان بلوچستان ۾ امن کي سبوتاز ڪرڻ جي ڪڏي ڪوشش ناڪام ٿي

ڪارروائين سان ٻاهرين پٺڀرائي ۾ سرگرم دهشتگرد نيٽ ورڪس جي قيادت جي چيلهہ ٽوڙي وئي

آپريشن دوران شهيد ٿيندڙ شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن جي قربانين تي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنہ 1 جي ڪامياب تڪميل تي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. ڪالهہ خميس ڏينهن ايوان بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

دهشتگرد بلوچستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ عوام جا دشمن آهن: وزيراعظم

آپريشن ردالفتنہ جي ڪاميابي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

قوم پنهنجي شهيدن جي قرباني ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهي: پيغام ۾ اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف فتنہ الهندستان پاران بلوچستان جي امن کي سبوتاز ڪرڻ جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

گڏيل قومون ڪشميرين کي خودمختياري ڏيارڻ لاءِ فيصلائتا قدم کڻي: اسحاق ڊار

پاڪستان ڪشمير جي عوام جي جدوجهد ۾ پنهنجي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار چيو آهي تہ ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي موقعي تي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميزباني هيٺ عالمي ڪانفرنس جاري، مختلف سيشن منعقد

نوجوانن کي اي آءِ ۽ ٽيڪنالاجي جي غلط استعمال کان بچائڻ لاءِ تعليم ضروري آهي: اويس قادر شاهہ

آن لائن گيمز، سوشل ميڊيا ۽ اي آءِ ذريعي جنسي استحصال جو خطرو وڌي رهيو آهي: ساره احمد

اسيمبلي ميمبر پنهنجي اختيارن کي استعمال ڪندي مالي ۽ پاليسي فيصلا شفاف ۽ جوابده انداز ۾ ڪرڻ گهرجن: نويد قمر

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي جي ميزباني ۾ سٽين سي پي اي ايشيا ريجنل ۽ ٻي گڏيل سي پي اي ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ريجنل ڪانفرنس 2026 ۾ اڄ "پارلياماني نظام جمهوري قدرن ۽ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

ڪراچي: خيبرپختونخواهہ اسيمبلي جو اسپيڪر بابر سليم سواتي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر اويس قادر شاهہ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

February 4-5, 2026 - Islamabad

اسلام آباد: پاڪستان جو واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال خان ۽ اردن جي واپار واري وزير انجنيئر ياروب ڪدا وچ ۾ ڳالهائي ٿي رهي آهي

قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جا اجلاس ٻن ڏينهن جي وقفي کانپوءِ اڄ ٻيهر شروع ٿيندا

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جا اجلاس ٻن ڏينهن جي وقفي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ايٽمي ڳالهيون عمان جي گادي واري شهر مسقط ۾ اڄ ٿينديون

تهران (اي پي پي)ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي اعلان ڪيو آهي تہ آمريڪا سان ايٽمي ڳالهيون سلطنت عمان جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن، ڪشمير مسئلي جي حل کان سواءِ ممڪن ناهي: وڏو وزير

شهيد بينظير ڀٽو آمريت جي خاتمي کان پوءِ بين الاقوامي فورمن تي ڪشمير ڪاز کي ٻيهر زنده ڪيو

ڪشمير جو عوام سخت جبر، غيرقانوني گرفتارين ۽ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون برداشت ڪري پيو

ڀارت ڪشميري قيادت کي قيد ڪري وادي کي هڪ کليل جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي قيادت ۾ ڪشمير يڪجهتي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪشمير جون عورتون پڻ قابض ڀارتي فوج خلاف جنگ ۾ پهرين صف تي آهن: آصفہ ڀٽو زرداري

انهن جي گهرياتين جون اجتماعي قبرون هڪ وسيع تر ۽ ڀيانڪ حقيقت جو رڳو هڪ رخ آهي

ڀارتي فوج جي منظم تشدد ۽ عورتن جي خلاف وحشياڻي حملن باوجود هو اٽل بيٺل آهن

ڪشمير ۾ مسلسل انساني حقن جي ڀڃڪڙين عورتن ۽ ٻارن تي تشدد جي سخت مذمت ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪشميري عورتن ۽ نوجوانن جي استقامت کي خراج تحسين پيش ڪندي ڀارت جي غيرقانوني طور تي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

ڊيپ فيڪ ۽ اي آءِ مواد حڪومت ۽ سماج ٻنهي لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهن: شرجيل ميمڻ

حڪومت ۽ وفاقي ادارا جهڙوڪ ايف آءِ اي مواد جي نگراني ۽ ردعمل کي يقيني بڻائين

صحافي رڳو تصديق ٿيل خبرون شايع ڪن، عوام کي شعور ڏيڻ بہ ضروري آهي

جعلي مواد پکيڙيندڙن کي نتيجا ڀوڳڻا پوندا، اطلاعات کاتو صورتحال جي نگراني ڪري پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ ڊيپ فيڪ ۽ اي آءِ مواد حڪومت ۽ سماج ٻنهي لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهن حڪومت ۽ وفاقي ادارا جهڙوڪ ايف آءِ اي مواد جي نگراني ۽ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: هڪ ناري ڪشميرين سان يڪجهتي واري بينر تي صحيح ڪري رهي آهي

ڀارت خلاف ميچ جي ٻڪ ناهي، بنگلاديش جي ورلڊ ۾ نہ هجڻ تي افسوس آهي: سلمان علي آغا

ڪولمبو(م ڊ)پاڪستان ٽي ٽوئنٽي ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪپتان سلمان علي آغا بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

پي ايس ايل، بابر ۽ آفريدي، اسٽيو سميٿ نئين تاريخ لکي ڇڏي

لاهور(م ڊ)آسٽريلوي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان اسٽيو سميٿ پاڪستان سپر بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني جي ڪمبوڊيا جي قومي اسيمبلي جي صدر سان ملاقات، دوستاڻن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جو ورجاءُ

نوم پنہ (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

فنوم پينهہ: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ڪمبوڊيا جي قومي اسيمبلي جي صدر سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينا مقابلو، هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي منگهو پير محمد خان ڪالوني ۾ گلشن چوڪ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

ماحولياتي تبديلي ۽ تباهي عوام، حڪومت ۽ ڪمزور طبقن کي متاثر ڪن ٿا: شيري رحمان

پارليامينٽيرينز کي هن فورم کي عوامي عمل لاءِ موثر سمجهي رابطن جو فرق ختم ڪرڻ گهرجي

پاڪستان ۾ ٻوڏ ۽ ڏکڻ ايشيائي ملڪ گهٽ ڪاربن فوٽ پرنٽ هجڻ باوجود خطري ۾ آهن

ڪراچي: موسمي تبديلي ۽ ڪمزور طبقن جي تحفظ بابت سيشن جي صدارت سينيٽر شيري رحمان ڪئي هن سيشن ۾ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

ڪشميري عوام جو حقِ خودارادیت اڄ بہ عالمي ضمير لاءِ وڏو امتحان آهي: علي خورشيدي

والاريل ڪشمير جو مسئلو صرف علائقائي تڪرار نہ پر انساني حقن جو بنيادي مسئلو آهي

مسئلي جو حل گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عمل سان ممڪن آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يوم ڪشمير جي موقعي تي اپوزيشن ليڊر سنڌ اسيمبلي علي خورشيدي چيو آهي تہ پنج فيبروري بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان سان گڏ مضبوطي سان بيٺا آهيون: چيني سفير

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان چين جي سفير جيانگ زي ڊونگ جي اهم ملاقات ٿي

ملاقات ۾ دهشتگردي جي روڪٿام سميت داخلي سلامتي ۽ سيڪيورٽي سهڪار تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

بلوچستان ۾ دهشتگردي منظم ۽ طئي ٿيل منصوبي تحت ڪئي وئي: گهرو وزير محسن نقوي

اسلام آباد(م ڊ)پاڪستان ۾ چين جي سفير جيانگ زي ڊونگ چيو آهي تہ چين هر قسم جي دهشتگردي جي سخت مذمت ڪري ٿو ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان سان گڏ مضبوطي سان بيٺل بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت سڀني طبقن لاءِ صحت سهولتون يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي: مراد علي شاهہ

ميمڻ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ نجي شعبي جي وڏين طبي سهولتن مان هڪ بڻجي چڪو آهي

نئون افتتاح ٿيل وارڊز لاءِ مشينري ۽ طبي اوزارن جي فراهمي ۾ مڪمل سهڪار ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ميمڻ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ (ايم ايم آءِ) اسپتال ۾ ابڻ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

پاڪستان جي ورلڊ ڪپ کٽڻ جا امڪان روشن آهن: اشون

چنائي(م ڊ)اڳوڻي ڀارتي اسپنر روي چندرن اشون آءِ سي سي مينز ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ کٽڻ لاءِ مضبوط ٽيم قرار ڏئي ڇڏيو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو2

شهيد ذوالفقار ڀٽو جي نظريي تحت ڪشميرين جي حمايت جاري رکبي: سعيد غني

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشہ مظلوم قومن جي حمايت ڪئي آهي، جيڪا جاري رهندي

اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن ڪشميري عوام آزادي جي نعمت سان سرفراز ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

عورت اڳواڻن کي آن لائن تشدد، هراساني ۽ جعلي خبرن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: پروفيسر جين روسڪو

آن لائن تشدد رڳو ورچوئل نہ آهي پر ان جا اثر ذاتي، سياسي ۽ انتهائي گهمبير آهن: شازيہ مري

عورتن سان ٿيندڙ هراساني بابت بل پنجاب اسيمبلي ۾ جمع ٿي چڪو آهي: اسما احتشام

ڪراچي: عالمي ڪانفرنس ۾ پليٽري سيشن ۾ عورت اڳواڻن خلاف آن لائن تشدد، ڊجيٽل هراساني ۽ فيڪ نيوز بابت بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي جو ڀرپور اظهار، جلسا، ريليون، سيمينار منعقد

پاڪستاني مشنز ۽ ڪشميري برادري پنهنجي ڀائرن سان يڪجهتي جي ڀرپور اظهار لاءِ تقريبون منعقد ڪيون

عالمي برادري آڏو ڀارتي انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي اجاگر ڪيو ويو ڀارتي ظلمن جي سخت لفظن ۾ مذمت

آزاد جمون ڪشمير ۾ ريليون، انساني زنجيرون، امن واڪ ۽ خصوصي دعائن سان اهو ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ 5 فيبروري تي يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي پاڪستاني مشنز ۽ ڪشميري برادري پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

پشاور: ڪشميرين سان يڪجهتي طور ريلي ۾ شاگردياڻيون جهنڊا کڻي بيٺل آهن

ڪراچي ويجهو سپر هاءِ وي تي ٽرڪ جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر هاءِ وي تي خان صاحب ريسٽورنٽ پيٽرول پمپ ويجهو ٽرڪ جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت ٿي ويو ريسڪيو عملدارن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

ڪشميري عوام جي آزادي جي جدوجهد کي سلام پيش ڪريون ٿا: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي کي شهرين لاءِ وڌيڪ بهتر، خوبصورت ۽ تفريحي جاءِ بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن

فلاور شو جو مقصد شهرين ۾ ٻوٽن، وڻن ۽ ماحول جي اهميت بابت شعور پيدا ڪرڻ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ اسان ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان ڪلهو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

پاڪستان ڪشميرين جي جائز مطالبن لاءِ عالمي سطح تي آواز اٿاريندو رهندو: شرجيل انعام

والاريل ڪشمير جو عوام بنيادي حقن ۽ خود اراديت واري حق جي جنگ وڙهي رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

پاڪستان ڪشميري عوام کي سندن حق کان محروم ٿيڻ نہ ڏيندو: فريال ٽالپر

ملڪ جو هر فرد خاص طور عورتون، ڪشميري عوام سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺل آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

پي ٽي آءِ پاران مشال يوسفزئي جي بيان تي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو فيصلو

پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀينرن خلاف ڪنهن بہ قسم جي بداخلاقي برداشت نہ ڪئي ويندي: بئريسٽر گوهر

هاڻي گهڻو ٿي ويو جيڪو بہ شخص باني جي فيصلي خلاف ڳالهائيندو ان جي پارٽي ۾ ڪا جڳهہ ناهي

ايتري وڏي سياسي پارٽي آهي ان ۾ اختلاف ٿيندا رهندا آهن، آئون چيئرمين آهيان هڪ ورڪر بہ مون سان اختلاف ڪري سگهي ٿو

اسلام آباد(م ڊ)پي ٽي آءِ جو مشال يوسفزئي جي بيان تي ايڪشن شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو2

لاهور: پ پ ڪارڪنن پاران ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي تي ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي

سنڌ حڪومت پاران پرڏيهہ مان ڊي پورٽ ٿيندڙ ماڻهن اسڪريننگ ڪرائڻ جو فيصلو

هر سال لڳ ڀڳ 50 هزار پاڪستاني مختلف ملڪن مان ڊي پورٽ ٿي وطن واپس اچن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

پاڪستان ڪشميري عوام سان هر محاذ تي گڏ بيٺل آهي: محمد علي ملڪاڻي

ڀارت طرفان ڪشمير ۾ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون عالمي برادري لاءِ وڏو سوال آهن

ڪشميرين جي آزادي واري جدوجهد جي مڪمل اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکنداسين

ڪراچي/ ڪوهالا پل (بيورو رپورٽ) يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ڪوهالا پل تي هڪ بارونق منظر ۽ جوش پري بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

ڪشمير هڪ سياسي مسئلو نہ پر اڻ سلجهيل انساني الميو آهي: ارم تنوير

ڀارت جي هڪ طرفي قدمن سان عوام جي مشڪلاتن ۾ واڌارو ٿيو آهي، امن ۽ انصاف عالمي ذميواري بڻجي ويو آهي

پاڪستان اڳڀرائي نہ پر ڳالهيون چاهي ٿو ۽ امن ڪشميري عوام جي امنگن جي احترام سان سلهاڙيل آهي

جينزي وائيسز ڪالنگ، شارٽ فلم ڊاڪيومينٽري ۽ اينيميشن چئلينج 2026 ڪراچي ۾ ٿي گذريو، وڏي انگ ۾ نوجوانن جي شرڪت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جينزي وائيسز ڪالنگ، شارٽ فلم ڊاڪيومينٽري ۽ اينيميشن چئلينج 2026 گڏيل ڏينهن سينٽر فار الٽرنيٽو پرسپيڪٽو پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف اليڪٽرانڪ ميڊيا اينڊ پبليڪيشنز جي سهڪار سان محمد ابراهيم جويو آڊيٽوريم بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

DEPARTMENT
ENT OF SINDH

ڪراچي: ڊي جي پي آر ارم تنوير جينزي وائيسز ڪالنگ شارٽ فلم ڊاڪيومينٽري ۽ اينيميشن چئلينج جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

ڪراچي جي روڊن تي لڳل وڏين اسڪرينز تي فحش وڊيوز هلي ويون، عوام ۾ سخت ڪاوڙ

ڊي ايڇ اي ۾ لڳل ڊيجيٽل اسڪرينز کي نامعلوم ماڻهن هيڪ ڪري نازيبا وڊيو نشر ڪيون

انتظاميا فوري قدم کڻندي سمورين اسڪرينز کي فوري بند ڪري ڇڏيون جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پوش علائقي ڊي ايڇ اي جي مصروف شاهراهن خاص طور تي خيابانِ اتحاد روڊ تي لڳايل ڊيجيٽل ايڊورٽائيزمينٽ اسڪرينز تي نامعلوم ماڻهن هيڪ ڪري نازيبا فحش بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو2

فيصل آباد: ڪشميرين سان يڪجهتي طور ريلي ۾ شاگردياڻيون جهنڊا کڻي بيٺل آهن

ازبڪستان جو صدر شوڪت مرزائيوف پاڪستان جي ٻن ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) ازبڪستان جو بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو2

ڪراچي: آرٽس ڪائونسل ۾ ڪشميري عوام سان زيادتين بابت لڳايل تصويري نمائش جو ميئر مرتضيٰ وهاب معائنو ڪري رهيو آهي

"هو اسان جو ڀاءُ آهي" بنگلاديشي فاسٽ بالر مستفيض الرحمان لاهور قلندرز ۾ شامل

لاهور(م ڊ)لاهور قلندرز پي ايس ايل 11 لاءِ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو2

ايران جي پاسداران انقلاب نار ۾ ٻہ آئل ٽينڪر قبضي ۾ وٺي ڇڏيا

پرڏيهي عملو رکندڙ ٻن آئل ٽينڪرن کي ٻارڻ سمگلنگ جي الزام ۾ تحويل ۾ ورتو ويو آهي: پرڏيهي ميڊيا

اڃا تائين اهو واضح ناهي ٿي سگهيو تہ ضبط ڪيل ٽينڪرن تي ڪهڙن ملڪن جا پرچم لڳل هئا

مجموعي طور تي عملي جي 15 پرڏيهي ميمبرن کي عدالتي ڪارروائي لاءِ اختيارين حوالي ڪيو ويو

تهران(م ڊ)ايران جي پاسداران انقلاب نار ۾ ٻہ آئل ٽينڪر قبضي ۾ وٺي ڇڏيا. پرڏيهي ميڊيا موجب پرڏيهي عملو رکندڙ ٻن آئل ٽينڪرن کي ٻارڻ سمگلنگ جي الزام ۾ تحويل ۾ ورتو ويو آهي ۽ اڃا تائين اهو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

Daily Ibrat Karachi
Friday 6th February 2026
سال (18) خميس 05 فيبروري 2026ع 16 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 وپيم شمارو (137)
Daily Ibrat Hyderabad
Friday 6th February 2026

بقايا 1 ڊونلڊ ٽرمپ

ٻولهه ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب هن ان ڳالهه ٻولهه دوران چين طرفان آمريڪا کان وڌيڪ زرعي مصنوعات، تيل ۽ گئس جي خريداري جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي هن پليٽ فارم "ٽروٿ سوشل" ذريعي واضح ڪيو ته هن پنهنجي هم منصب سان ايران، تائيوان ۽ يوڪرين جي جنگ تي به ڳالهه ڪئي ٽرمپ چيو ته آئون ايندڙ ٽن سالن ۾ چيني صدر سان گڏجي مثبت نتيجا حاصل ڪري وٺندس خاص طور تي ان لاءِ ته چين سان اسان جا لاڳاپا ۽ صدر شي سان منهنجا ذاتي لاڳاپا بهترين آهن ٻئي پاسي چيني صدر شي جن پنگ ان رابطي دوران ان ڳالهه تي زور ڏنو ته بيجنگ يوڪرين جي بحران جي پرامن حل تائين پهچڻ جي سمورين ڪوششن جي حمايت ڪري ٿو ياد رهي اها ڳالهه ٻولهه اپريل ۾ ٽرمپ جي متوقع چين جي دوري کان اڳ ٿي آهي

بقايا 2 شهباز شريف

فراهم ڪرڻ سميت آزاد ڪشمير جي ترقي جي لاءِ کيترن ئي قدمن جو اعلان ڪندي چيو آهي ته سڄي پاڪستان وانگر آزاد ڪشمير جي ترقي به کيس تمام گهڻو عزيز آهي ڪشمير ۾ ڪا به حڪومت هجي وفاق جو تعاون جاري رهندو معرڪ حق ۾ ڀارت جو غرور خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو ڪشمير مسئلو سڄي دنيا ۾ اجاگر ٿي ويو ڀارت جنهن محاذ تي ۽ جنهن زبان ۾ ڳالهه ڪندو انهي ۾ ئي جواب ملندس ان جي پراڪسيز جو به اهو حشر ڪنداسين جيڪو ان جي جهازن جو ڪيو هو ڪالهه خميس ڏينهن آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي کي خطاب ڪري رهيو هو ان موقعي تي نائب وزيراعظم اسحاق ڊار آزاد جمون ۽ ڪشمير جو وزيراعظم راجا فيصل ممتاز راٺور آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي جا ميمبر اڳوڻا وزيراعظم ۽ حريت قائدين سميت سمورين سياسي پارٽين جي قيادت پڻ موجود هئي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته هو اڄ ڪشميري ڀينرن ڀائرن سان يڪجهتي جي اظهار ۽ ڪشمير جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي لاءِ آيو آهي برهان واني سيد علي گيلاني آسيه اندرابي ياسين ملڪ ۽ مير واعظ عمر فاروق سميت سمورن ڪشميري اڳواڻن عورتن ٻارن ۽ بزرگن جدوجهد جي تاريخ لکي آهي انهن جي قربانين سان ڪشمير جي ڌرتي ڳاڙهي ۽ ڀارت جو اصل چهرو دنيا آڏو بي نقاب ٿي چڪو آهي دنيا کي ٻڌائي ڇڏيو ته ڪشمير نه ڀارت جو حصو هو نه آهي ۽ نه رهندو هن چيو ته ڪشمير کي قائداعظم محمد علي جناح پاڪستان جي شهه رڳ قرار ڏنو هو اهو ئي پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو بنياد آهي هن واضح ڪيو ته ڪشمير تڪرار جو پائيدار حل رڳو ڪشميري عوام جي امنگن ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عمل سان ئي ممڪن آهي ان ڪانسواءِ ڀارت وٽ ڪو رستو نه آهي پاڪستان ڪشميرين کي انهن جو حق ملڻ تائين انهن جي حمايت جاري رکندو وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته پاڪستان معرڪ حق ۾ ڀارت جو غرور خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو ۽ ان کي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ اسان جي هٿياربند فوج اهڙو سبق سيکاريو جيڪو ان جون نسلون به ڪڏهن وساري نه سگهنديون معرڪ حق رڳو اسان جي فوج جي پيشيوارانه مهارت جي فتح نه آهي پر اها ڪشميري عوام جي قربانين جي به فتح آهي هن چيو ته معرڪ حق ڪانپوءِ ڪشمير ڪاز پوري دنيا ۾ پوري قوت سان زندهه ٿيو ڀارت جي ڪوڙ جو بيانيو دفن ٿيڻ اسان جي سفارتي ڪاميابي آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته ڀارت ذلت آميز شڪست ڪانپوءِ پنهنجي پراڪسيز جي ذريعي پاڪستان ۾ ٻيهر دهشتگردي تيز ڪري ڇڏي آهي ڀارت جي جارحاڻي توسيع پسندانه ۽ تسلط پسندانه ارادن کي ترڪ ڪرڻ تائين خطي ۾ امن قائم نه ٿي سگهي هن چيو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ سيڪيورٽي فورسز ڀارت جي دهشتگردي ۾ ملوث پراڪسيز جو پڻ اهو ئي حشر ڪنديون جيڪو ان جي ريڙهاڪ جهازن جو ٿيو اسين امن چاهيون ٿا پر برابري ۽ انصاف جي بنياد تي ڀارت جيڪو محاذ کوليندو ۽ جنهن زبان ۾ ڳالهه ڪندو انهي ۾ جواب ملندس وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته ڪشمير ۽ فلسطين جي عوام کي انهن جي مرضي سان جيئڻ جو حق ملڻ دنيا جي جمهوريت پسندي ۽ انصاف پسندي جو امتحان آهي عالمي قانون ۽ اصول ان حق جي حمايت ڪن ٿا

بقايا 3 گڏيل قومن

آهي جنهن کي عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ نهايت ڳڻتي جوڳو چئي سگهجي ٿو نيو اسٽارٽ معاهدو خميس تي ختم ٿي ويندو جنهن ڪانپوءِ روس ۽ آمريڪا ٻئي پنهنجي ايٽمي هٿيارن جي ذخيرن تي لاڳو پابندين کان باضابطه طور تي آزاد ٿي ويندا سيڪريٽري جنرل پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته اڌ صدي کان وڌيڪ عرصي ۾ اهو پهريون ڀيرو آهي ته اسان هڪ اهڙي دنيا ڏي منهن ڏئي رهيا آهيون جتي روسي فيڊريشن ۽ رياست متحده آمريڪا جي اقتصادي ايٽمي هٿيارن تي پابندي جي ڪا به حد موجود نه هوندي هن چيو ته نيو اسٽارٽ ۽ هٿيار ڪنٽرول ڪرڻ جا ٻيا معاهدا سڄي دنيا جي ماڻهن جي سلامتي لاءِ تمام گهڻا بهتر ثابت ٿيا آهن

بقايا 4 سينيٽر روبينا خالد

ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ظلم ۽ ڏاڍ کي منهن ڏئي رهيو آهي عالمي برادري ان جو نوٽيس وٺي ۽ گڏيل قومن جي قراردادن موجب ڪشميرين کي حق خوداراديت ڏنو وڃي. اهڙو اظهار هن گذريل ڏينهن 5 فيبروري تي يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ ڪيو بي آءِ ايس پي پاران جاري بيان ۾ هن چيو ته يوم يڪجهتي ڪشمير مظلوم ڪشميري عوام سان پختي حمايت جي عزم جو ورجاءُ جو ڏينهن آهي. پاڪستان ڪشميري عوام جي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو ڪشميري عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ظلم ۽ ڏاڍ کي منهن ڏئي رهي آهي. عالمي برادري نوٽيس وٺي سينيٽر روبينه خالد چيو ته گڏيل قومن جي قراردادن موجب ڪشميرين کي حق خود اراديت ڏنو وڃي هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه ڪشميري عوام جي حق خود اراديت جي ڀرپور حمايت ڪئي آهي. قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪشمير کي پاڪستان جي شهه رڳ قرار ڏنو شهيد محترمه بينظير ڀٽو عالمي سطح تي ڪشمير مسئلي کي موثر انداز ۾ اجاگر ڪيو

بقايا 5 اويس قادر شاهه

جديد عالمي چئلينجز" بابت اهم سيشن منعقد ڪيا ويا. خانگي هوٽل ۾ رٿيل ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن ٿيل سيشن ۾ متوازي (Parallel)بريڪ آئوٽ سيشن، پلينري سيشن ۽ اعليٰ سطحي خطاب شامل آهن پهرئين سيشن جو عنوان "پارليامينٽري تعليم روزاني زندگيءَ ۾ جمهوري اصول اختيار ڪرڻ" ٻئي سيشن جو عنوان "پرامن ۽ هم آهنگ سماجن لاءِ پارليامينٽن جو ڪردار: جعلي خبرن، هٿرادو ذهانت ۽ غلط ڄاڻ جو اپار" ٽئين سيشن جو عنوان "بقا لاءِ قانون سازي: موسمياتي تبديلي ۽ متاثر ٿيندڙ طبقا" چوٿين سيشن جو عنوان "پارليامينٽ کي مضبوط بڻائڻ: پارليامينٽ جي جوابده ذريعي ذميوار حڪمراني کي يقيني بڻائڻ" ٻئي پلينري سيشن جو عنوان "جنس، ٽيڪنالاجي ۽ اعتماد: عورت اڳواڻن کي آن لائن تشدد ۽ ڊجيٽل هراساني کان بچائڻ" هو پارلياماني تعليم ۽ جمهوري قدرن جي واڌ بابت سيشن جي نظامت سنڌ اسيمبلي ميمبر طحا احمد خان سنڀالي جڏهن ته سري لنڪا جو ڊپٽي اسپيڪر ڊاڪٽر رضوي صالح، قومي اسيمبلي ميمبر مهتاب اڪبر راشدي، خواجا اظهار الحسن، قومي اسيمبلي ميمبر شمعون اشرف هاشمي ۽ پنجاب اسيمبلي جو ميمبر ذوالفقار علي شاهه سيشن جو حصو بڻيا ساڳئي وقت ٻئي سيشن ۾ جعلي خبرن اي آءِ ۽ غلط ڄاڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي جنهن جي موڊريٽر قومي اسيمبلي ميمبر ڊاڪٽر شرميلا فاروقي هئي هن سيشن ۾ مالديپ جو ڊپٽي اسپيڪر احمد ناظم سنڌ جو سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ بلوچستان اسيمبلي ميمبر فرح عظيم شاهه، پنجاب اسيمبلي ميمبر ساره احمد، قومي اسيمبلي ميمبر بئريسٽر دانيال ۽ خيبرپختونخوا اسيمبلي جو ميمبر آصف خان شريڪ ٿيا. مالديپ جي ڊپٽي اسپيڪر احمد ناظم چيو ته اي آءِ ۽ ڊيپ فيڪ چونڊن ۽ عوامي راءِ تي اثر انداز ٿيا آهن

بقايا 6 آصف علي زرداري

قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان پاڪستان جي اڻٽٽ يڪجهتي ۽ خودمختياري جي حق جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو آهي ڪالهه خميس ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ موجب پنهنجي پيغام ۾ خاتون اول ڪشميري عورتن جي تڪليفن ۽ حوصلي طرف ڌيان ڇڪرايو هن چيو ته عورتون بنيادي انساني حقن جي خلاف قابض فوج جي جنگ ۾ پهرين صف تي آهن انهن جي گهرڀاتين جون اجتماعي قبرون هڪ وسيع تر ۽ ڀيانڪ حقيقت جو رڳو هڪ رخ آهي هن چيو ته پوري برادرين تي سوچيل خاموشي منظم تشدد ۽ والاريل واديءَ جي عورتن جي خلاف وحشياڻي حملن جي ذريعي لاڳو ڪئي پئي وڃي ان جي باوجود والاريل جمون ۽ ڪشمير جون عورتون دنيا جي هڪ تڪراري خطي ۾ جاري ڏکيا ترين ۽ بي رحم نئين آبادياتي تسلط جي خلاف مزاحمت ۽ قائداڻو ڪردار ادا ڪندي جمي بيٺل آهن خاتون اول ڀارت جي غيرقانوني طور تي قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ مسلسل انساني حقن جي خلاف ورزين خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن تي انهن جي اثرن تي شديد ڳڻتي جو اظهار ڪيو هن چيو ته جنگي عورتن کي ڌمڪين ۽ نقصان درپيش آهن

بقايا 7 ورجاءُ

يوسف رضا گيلاني ڪمبوڊيا جي قومي اسيمبلي جي صدر سامديچ مها راسائيڪيا ٿيپاڊي خوون سوداري سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ دوستاڻي ۽ مضبوط لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جو ورجاءُ ڪيو ويو سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب سيد يوسف رضا گيلاني ڪمبوڊيا جي حڪومت ۽ عوام جي طرفان ڪمبوڊيا جي قومي اسيمبلي ۽ ان جي قيادت لاءِ نيڪ تمنائن ۽ خير سگالي جي جذبن جو اظهار ڪيو هن خوون سوداري جي ڪمبوڊيا جي قومي اسيمبلي جي پهرين عورت صدر چونڊجڻ تي مبارڪون ڏيندي ان کي صنفي برابري ۽ شموليتي قيادت کي هٿي ڏيڻ جو اهم سنگ ميل قرار ڏنو سيد يوسف رضا گيلاني ڪمبوڊيا جي قيادت ۽ عوام کي سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۽ سياسي استحڪام تي مبارڪون ڏيندي چيو ته پاڪستان ۽ ڪمبوڊيا جا لاڳاپا گڏيل احترام، گڏيل مفادن ۽ گهڻ رخي فورمن تي ويجهي تعاون تي ٻڌل آهن هن علائقائي تعاون ۽ پارلياماني سفارتڪاري ۾ ڪمبوڊيا جي فعال ڪردار کي ساراهيو ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرشپ 26-2025ع لاءِ پاڪستان جي حمايت تي ٿورو مڃيو پارلياماني تعاون تي زور ڏيندي سينيٽ چيئرمين پارلياماني فرينڊشپ گروپس، اداره جاتي ڳالهين ۽ بين الپارلياماني فورمز خاص ڪري ايشيائي پارلياماني اسيمبلي ذريعي رابطن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو سينيٽ چيئرمين ڪمبوڊيا سان پنهنجي ذاتي رابطن جو حوالو ڏيندي ايشيا پيسفڪ ڪمبوڊيا ڪانفرنس 2019ع ۾ شرڪت، اڳوڻي وزيراعظم هن سين سان ملاقات جولاءِ 2023ع ۾ بين القوامي اليڪشن مبصر طور ڪمبوڊيا جي دوري ۽ ٻين عالمي فورمن جي موقعي تي اعليٰ قيادت سان ملاقاتن جو ذڪر ڪيو هن ڏکڻ اوڀر ايشيا طرفان اسٽريٽجڪ سفارتي ڪارروائي جو مظهر قرار ڏنو ملاقات ۾ ڌرين واپار سيڙپڪاري، ماحولياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ دفاعي ڳالهين عوامي رابطن ۽ ثقافتي سفارتڪاري جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو پاڪستان جي گنڌارا تهذيب ۾ موجود ٻڌمت ورثي جي به ثقافتي رابطن جو اهم ذريعو قرار ڏنو ويو سينيٽ چيئرمين ڪمبوڊيا سان ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي پاڪستان جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪندي اعليٰ سطحي پارلياماني رابطن جي تسلسل کي امن، استحڪام ۽ جامع ترقي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ضروري قرار ڏنو

بقايا 8 گرفتار

ويجهو پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ ٿيندڙ مقابلي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو ڇيپا ذريعن موجب زخمي جوابدار کي موقعي تي ئي حراست ۾ ورتو ويو ڇيپا ذريعن ٻڌايو ته زخمي جوابدار کي فوري طور تي طبي علاج لاءِ ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي جوابدار جي سڃاڻپ بابر پٽ محمد رمضان جي نالي سان ٿي آهي، جنهن جي عمر 25 سال ٻڌائي پئي وڃي پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته جوابدار جي ممڪن ڪرمنل رڪارڊ جي به جانچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 9 سيمينار منعقد

جي ڀرپور اظهار لاءِ جلسا، جلوس، ريليون، سيمينار ۽ ٻيون تقريبون منعقد ڪيون، عالمي برادري آڏو ڀارتي انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي اجاگر ڪيو ويو ۽ ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ته پاڪستان هر فورم تي ڪشميري عوام جي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو. ڀارتي ظلمن جي مذمت ۽ ڪشمير مسئلي کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۽ آزاد جمون ڪشمير (اي جي ڪي) ۾ ريليون، انساني زنجيرون، امن واڪ ۽ خصوصي دعائن سان اهو ڏينهن ملهايو ويو سڄي ملڪ ۾ صبح 10 وڳي هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي جنهن ڪانپوءِ ڪشميري عوام جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي سائرن وڄايا ويا مختلف تقريبن سميت سيمينارن، جلوس ۽ ميڊيا مهم سڄي ملڪ ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ ڪشميرين لاءِ پاڪستان جي سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي جدوجهد جي ڀرپور [illegible] ويو سياسي اڳواڻن تڪرارن جي منصفاڻي ۽ پرامن حل لاءِ گڏيل قومن جي قراردادن تي عملدرآمد تي زور ڀريندي ڪشميرين جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو ان ڏينهن جي مناسبت سان عوامي ميڙاڪا، ڪشمير جي انساني حقن جي صورتحال تي نمائشون ۽ والاريل واديءَ ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف احتجاج ڪيو ويو ان حوالي سان وفاقي گاديءَ واري شهر ۾ خاص تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

بقايا 10 مرتضيٰ وهاب

ڪلهي سان گڏ بيٺا آهيون. ڪشميري عوام جي آزادي جي جدوجهد کي سلام پيش ڪريون ٿا، دنيا کي گهرجي ته ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙي جو نوٽيس وٺي. ڪشميري عوام جون قربانيون ضايع نه وينديون ڪراچي زو کي شهرين لاءِ هڪ خوبصورت ۽ تفريحي جاءِ بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن فلاور شو جو مقصد شهرين ۾ ٻوٽن، وڻن ۽ ماحول جي اهميت بابت شعور پيدا ڪرڻ آهي، جڏهن ته قوالي جهڙيون ثقافتي سرگرميون ڪراچي جي روايتي رونقن کي بحال ڪرڻ جو ذريعو آهن انهن خيالن جو اظهار هن ڪراچي چڙيا گهر ۾ منعقد فلاور شو ۽ قوالي محفل جي افتتاح جي موقعي تي ڪيو ان موقعي تي سٽي ڪائونسل ۾ پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي، ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دروان وڏي تعداد ۾ شهري، سول سوسائٽي جا نمائندا، پارٽي ڪارڪن ۽ ميڊيا جا نمائندا موجود هئا تقريب يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪشميري عوام سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اڳ اهڙين تقريبن ۾ ٻارهن ماڻهو به نه هوندا هئا، پر اڄ هزارين ماڻهو شريڪ آهن جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪراچي جا شهري پنهنجي شهر سان محبت ڪن ٿا هن چيو ته ڪراچي وارا پنهنجي شهر تي فخر ڪن ٿا ۽ اها ئي هن شهر جي خاص ڳالهه آهي ته ماڻهو فخر سان پاڻ کي ڪراچي وارا سڏين ٿا هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي بهتري ۽ ترقي جي سفر کي جاري رکندي، ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ سڀ اتحادي پارٽيون منشور تي عملدرآمد لاءِ متحد آهن ميئر ڪراچي شهرين کان اپيل ڪئي ته هو ڪراچي زو ۾ پنهنجون تقريبون منعقد ڪن ڇو ته هتان حاصل ٿيندڙ آمدني جانورن جي فلاح ۽ بهبود تي خرچ ڪئي ويندي تقريب دوران فلاور شو سان گڏ قوالي محفل شرڪت ڪندڙن کي محظوظ ڪيو ۽ ڪراچي زو ۾ خوشگوار ۽ پررونق ماحول ڏسڻ ۾ آيو شهرين ميئر ڪراچي جي قدمن کي ساراهيندي اهڙن پروگرامن جي تسلسل جو مطالبو ڪيو

بقايا 11 شرجيل انعام

۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي سمورن ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن کي پيغام پيش ڪندي چيو آهي ته 5 فيبروري جو ڏينهن ڪشميري عوام سان اسان جي يڪجهتي جو مظهر آهي، والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان بنيادي حقن ۽ خود اراديت واري حق جي جنگ وڙهي رهيو آهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته ڀارت ۽ خاص طور تي ڪاسائي مودي رياست جبر جا ليڪا لتاڙي ڇڏيا پر ڪشميري عوام جا حوصلا پست ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو پاڪستان ڪشميري عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي ۽ سنڌ هر سطح تي حمايت جاري رکي ويندي شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته ڀارت جون پاليسيون انساني حقن جي عالمي اصولن جي ڀڃڪڙي ۽ پوري پرڳڻي ۾ امن ۽ سلامتي لاءِ خطرو آهن ڪشميري عوام جي قربانين سياسي قيدين لاپتا ماڻهن جي تعداد ۾ اضافي کي عالمي برادري نظر انداز نٿي ڪري سگهي عالمي ادارا گڏيل قومن جي ٺهراءُ موجب ڪشميري عوام کي سندن خود اراديت جو حق ڏيارڻ ۾ فوري ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪن هن چيو ته ڀارتي دهشتگردي خطي ۾ عدم استحڪام عسڪري ڇڪتاڻ ۽ انساني الميي کي جنم ڏنو آهي ڪشميرين جي جدوجهد انساني حقن ۽ انصاف جي لاءِ جنگ آهي پاڪستان سندن جائز مطالبن جي لاءِ عالمي سطح تي آواز اٿاريندو رهندو

بقايا 12 فريال ٽالپر

پارٽي ليڊيز ونگ جي صدر فريال ٽالپر چيو آهي ته پنج فيبروري جو ڏينهن ڪشميري عوام سان پاڪستاني قوم جي اڻ ڏنڊڙ عزم اخلاقي وابستگي ۽ تاريخي رشتي جي علامت آهي يوم يڪجهتي ڪشمير ان عهد جي تجديد جو ڏينهن آهي ته پاڪستان ڪشميري عوام کي سندن حق کان محروم ٿيڻ نه ڏيندو يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ فريال ٽالپر چيو ته پاڪستان جو هر فرد خاص طور تي عورتون، ڪشميري عوام سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺل آهن ۽ رهنديون ڪشميري عوام اڄ به ڀارتي رياستي ظلم جبر ۽ دهشتگردي ۽ انساني حقن جي بدترين لتاڙ کي منهن ڏئي رهي آهي هن چيو ته ڀارت جي ڏاڍ هيٺ والاريل جمون ۽ ڪشمير جي بي معصوم شهرين عورتن ٻارڙن ۽ بزرگن تي جاري ظلم پوري دنيا جي ضمير جي لاءِ سوال آهن والاريل ڪشمير ۾ عدالت کان ٻاهرين قتل جبري گمشدگيون گهرن کي ڊاهڻ اظهار راءِ تي پابنديون ۽ عورتن جي تذليل عالمي قانون، انساني قدرن ۽ گڏيل قومن جي قراردادن جي کليل خلاف ورزي آهن فريال ٽالپر چيو ته علائقائي دهشتگرد ڀارت جي ظلمن تي عالمي برادري جي خاموشي سندس ظلمن کي وڌيڪ سگهه بخشي رهي آهي پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي قيام کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪشمير عوام سان گڏ بيٺل رهي آهي بيٺل رهندي شهيد ڀٽو کان وٺي شهيد بي بي ۽ صدر آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تائين پاڪستان پيپلز پارٽي ڪشمير جو ڪيس جرئت ۽ اصولي موقف سان پيش ڪيو پاڪستان پيپلز پارٽي جي ليڊيز ونگ هن مسلسل جدوجهد ۾ ڪشميري عورتن جي حوصلي ۽ قربانين کي خراج پيش ڪري ٿي هن چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عمل نه ٿيڻ عالمي ادارن جي ساک تي سواليه نشان آهي عالمي برادري دهشتگرد ڀارت تي دٻاءُ وجهي ته هو ڪشميري عوام کي گڏيل قومن جي ٺهراءُن موجب آزاداڻي راءِ جو حق ڏي

بقايا 13 نوجوان فوت

موجب ٽرڪ جي ٽڪر ۾ فوت ٿيندڙ نوجوان جي لاش کي ڇيپا جي رضاڪارن قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال پهچايو انهن چيو ته فوت ٿيل موٽرسائيڪل سوار هو ۽ حادثو ٽرڪ جي ٽڪر ڪان پوءِ پيش آيو فوت ٿيل جي سڃاڻپ 28 سالن جي عبدالشڪور جي نالي سان ٿي آهي پوليس چيو ته حادثي جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو جڏهن ته پوليس ٽرڪ کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ ان حوالي سان وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 14 ارم تنوير

لياقت ميموريل لائبريري ڪراچي ۾ منعقد ڪيس تقريب جي پهرين حصي ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي طور ڪارو ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ جمون ڪشمير تي ڀارت جي غير قانوني قبضي جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪندي ڪشمير جي عوام سان پاڪستان جي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو پاڪ ڪلام جي تلاوت سان شروع ٿيل افتتاحي اجلاس ۾ قومي ترانو ڳايو ويو سي اي جي ٽي جي تعارفي وڊيو پيش ڪئي وئي آجياڻي خطاب ۾ ڊاڪٽر سمرين باري عامر چيو ته جينيز رائيسز ڪالنگ جهڙا پليٽ فارم پاڪستان جي نوجوانن کي سندن تخليقي اظهار جي ڪهاڻي بڻائڻ جو موقعو ڏين ٿا خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڊي جي پي آءِ ارم تنوير چيو ته ڪشمير صرف هڪڙو سياسي مسئلو ناهي پر اهو انساني الميو آهي جنهن جون پاڙون خود اراديت جي اڌوري واعدي ۾ کتل آهن هن وڌيڪ چيو ته 2019ع ۾ ڀارت پاران کنيل هڪ طرفي قدمن ڪشمير جي مسئلي کي عالمي سطح تي نمايان ڪيو ۽ اتي جي عوام جي مصيبتن ۾ واڌارو ڪيو هن چيو ته ڪشمير ٻن ايٽمي طاقتن جي وچ ۾ هڪ حساس معاملو آهي جنهن کي امن ۽ انصاف عالمي ذميواري بڻجي وئي آهي پاڪستان جو موقف واضح آهي ته اسان بالادستي نه پر ڳالهين چاهيون ٿا ۽ پائيدار امن کي ڪشميري عوام جي مرضي ۽ انهن جي سوچ جي احترام سان مشروط سمجهون ٿا ان موقعي تي تقريب جي اسپانسر سيد حذيفه چيو ته نوجوانن جي تخليقي ڪاوشن جي سرپرستي باشعور معاشري لاءِ سيڙپڪاري آهي تقريب جي آخر ۾ ڊاڪٽر سندس بشارت احمد ٿورا مڃيا، ٻئي اجلاس ۾ يوم ڪشمير جي حوالي سان خصوصي ڊاڪيومينٽريون پيش ڪيون ويون ان موقعي تي طاهر نواز فهام الدين حقي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ۽ ٽئين سيشن ۾ جينيز جون شارٽ فلمون پيش ڪيون ويون

بقايا 15 قبضي ۾ ورتي ويا

واضح ناهي ٿي سگهيو ته ضبط ڪيل ٽينڪرن تي ڪهڙن ملڪن جا پرچم لڳل هئا ۽ عملي جو واسطو ڪهڙن ملڪن سان آهي. ايراني ميڊيا موجب ٻنهي جهازن مان 10 لک ليٽر کان وڌيڪ سمگل ٿيل ٻارڻ برآمد ڪيو ويو جڏهن ته مجموعي طور تي عملي جي 15 پرڏيهي ميمبرن کي عدالتي ڪارروائي لاءِ اختيارين حوالي ڪيو ويو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب پاسداران انقلاب اهي ٽينڪر نار ۾ ايراني ٻيٽ فارسي ڀرسان تحويل ۾ ورتا پاسداران انقلاب بيان ۾ چيو ته اهي جهاز گذريل ڪيترن ئي مهينن کان سمگلنگ ۾ ملوث هئا ۽ نگراني انٽيليجنس جاچ ۽ سامونڊي ڪارروائين ڪانپوءِ انهن کي روڪيو ويو

بقايا 16 محمد علي ملڪاڻي

مرڪزي تقريب ۽ ريلي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز محمد علي ملڪاڻي بطور مهمان خاص شرڪت ڪئي تقريب ۾ عام شهرين، ڪشميري نمائندن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن، نوجوانن، شاگردن ۽ مختلف طبقن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪشميري عوام سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪيو هن موقعي تي خطاب ڪندي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام سان هر محاذ تي گڏ بيٺل آهي ۽ سندن جائز آزادي واري جدوجهد جي مڪمل اخلاقي سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو هن چيو ته ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جون قربانيون ڪڏهن به ضايع نه وينديون ۽ ان شاءَ الله اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ڪشمير آزاد ٿيندو محمد علي ملڪاڻي وڌيڪ چيو ته ڀارت طرفان قبضي هيٺ ڪشمير ۾ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون عالمي برادري لاءِ وڏو سوال آهن هن گڏيل قومن ۽ بين عالمي ادارن کان مطالبو ڪيو ته هو پنهنجين قراردادن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ ۽ ڪشميري عوام کي سندن حق خود اراديت ڏيارڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪن هن چيو ته يوم يڪجهتي ڪشمير رڳو هڪ ڏينهن نه پر هڪ عهد آهي جنهن تحت پاڪستاني قوم هر حال ۾ ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل رهندي پاڪستان جا ماڻهو ڪشميرين جي ڏک ۽ تڪليفن کي پنهنجو ڏک سمجهن ٿا ۽ آزادي حاصل ٿيڻ تائين سندن حق ۾ آواز بلند ڪندا رهندا تقريب دوران امن امان کي يقيني بڻائڻ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا هئا. نوجوانن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ ريلي ۾ شرڪت ڪري ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو واضح پيغام ڏنو مقررين ڀارت جي قدمن کي بين الاقوامي قانون ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن پرامن احتجاج ۽ نعرن ذريعي عالمي ضمير کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آخر ۾ پاڪستان ۽ ڪشمير جي سلامتي ترقي ۽ آزادي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي تقريب جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن هن عزم جو اظهار ڪيو ته هو هر فورم تي ڪشميري عوام جي حمايت ۾ آواز بلند ڪندا رهندا.

بقايا 17 فيصلو

پرڏيهه مان ڊي پورٽ ٿي واپس ايندڙ ماڻهن جي ايڇ آءِ وي، تپ دق (ٽي بي) ۽ هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي لازمي اسڪريننگ ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. صحت کاتي سنڌ موجب هر سال لڳ ڀڳ 50 هزار پاڪستاني مختلف ملڪن مان ڊي پورٽ ٿي وطن واپس اچن ٿا. صحت کاتي جو چوڻ آهي ته غير تشخيص ٿيل مريض خاموشي سان سماج ۾ خطرناڪ بيمارين جي ڦهلاءَ جو سبب بڻجي رهيا آهن. جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي تي روزانو اوسطاً 150 کان 200 ڊي پورٽيز مختلف ملڪن مان پهچن ٿا. وڏي تعداد ۾ ڊي پورٽ ٿي ايندڙ ماڻهو ماضي ۾ ڪنهن به باقاعده طبي جاچ کان سواءِ سڌو پنهنجي علائقن ڏانهن روانا ٿي ويندا آهن. صحت کاتي سنڌ جو وڌيڪ چوڻ آهي ته متاثر ماڻهو بروقت علاج کان محروم رهجي وڃن ٿا، جڏهن ته لاعلمي سبب پنهنجي گهرڀاتين ۽ ڪميونٽي جي ٻين ماڻهن ۾ بيماري منتقل ٿيڻ جو خطرو پڻ وڌي وڃي ٿو.

بقايا 18 پروفيسر جين روسڪو

اهم سيشن ٿيو سيشن جون موڊريٽرز سنڌ اسيمبلي ميمبر سميتا افضال سيد ۽ ندا کهڙو هيون جڏهن ته برطانيا جي پروفيسر جين راسڪو پنجاب اسيمبلي ميمبر اسما احتشام الحق، ڊاڪٽر فوزيا حميد، يو اين وومين جو نمائندو جمشيد ايمر قاضي، قومي اسيمبلي ميمبر شازيا مري ۽ سينيٽر فاروق ايڇ نائيڪ خيالن جو اظهار ڪيو سنڌ اسيمبلي ميمبر سميتا افضال سيد، جينڊر ٽيڪنالاجي ۽ اعتماد تي سيشن جي نظامت ڪئي سيشن ۾ عورت اڳواڻن خلاف آن لائن تشدد، ڊجيٽل هراساني ۽ غلط معلومات کان تحفظ تي بحث ڪيو ويو قانون سازي، ميڊيا جي ذميواري ۽ ادارن جي سهڪار سان محفوظ ڊجيٽل اسپيس قائم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو پلينري سيشن ۾ پروفيسر جين روسڪو ڳالهايو جنهن چيو ته عورت اڳواڻن کي آن لائن تشدد، هراساني ۽ جعلي خبرن کي منهن ڏيڻ پوي ٿو ثقافتي تبديلي، شعور تربيت ۽ مرد ميمبرن جي گڏيل مدد ضروري آهي. قانون سازي ۽ پاليسي سڌارن ذريعي تحفظ ۽ سپورٽ نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ گهرجن پلينري سيشن ۾ پنجاب اسيمبلي ميمبر اسما احتشام الحق خطاب ڪيس جنهن چيو ته عورت اڳواڻن خلاف آن لائن تشدد، هراساني ڊيپ فيڪ ۽ ڪوڙا الزام رڳو جنس جي بنياد تي ٿين ٿا تحفظ ۽ برابري جا موقعا انصاف جا گهرجائو آهن هراساني بابت بل پنجاب اسيمبلي ۾ جمع ٿي چڪو آهي. پلينري سيشن ۾ يو اين وومين پاڪستان جي نمائندي جمشيد ايمر قاضي چيو ته عورت اڳواڻن خلاف آن لائن تشدد هڪ منظم ۽ منصوبابند هٿيار بڻجي چڪو آهي 70 سيڪڙو عورتون ۽ انساني حقن جا ڪارڪن آن لائن هراساني جو شڪار ٿين ٿا ڊيپ فيڪ جعلي مهمون ۽ اي آءِ خطرا وڌائين ٿا ۽ اثرائتي قانون سازي ضروري آهي پلينري سيشن ۾ ڪو موڊريٽر ندا کهڙو نظامت سنڀالي قومي اسيمبلي جي ميمبر شازيا مري چيو ته ڊجيٽل دنيا ۾ قانون سازي جو اثرائتو جواب لازمي آهي. عورت اڳواڻ آن لائن هراساني، ڪوڙا الزام منظم بدنامي واريون مهمون ۽ اي آءِ تي ٻڌل مواد کي منهن ڏئي رهيون آهن 2024ع جي عام چونڊن دوران 84 ڪيسن ۾ عورتون نشانو بڻايون ويون شازيا مري چيو ته آن لائن تشدد رڳو ورچوئل نه آهي پر ان جا اثر ذاتي، سياسي ۽ انتهائي گهنڀير آهن ۽ انصاف حاصل ڪرڻ ۾ وقت ۽ ڏکيائي پيش اچي ٿي اڳوڻي سينيٽر وفاقي وزير فاروق ايڇ نائيڪ چيو ته ٽيڪنالاجي عورت اڳواڻن لاءِ آواز مضبوط ڪرڻ ۽ قيادت جا موقعا پيدا ڪرڻ شفافيت، بهتر سروس ۽ عوامي شموليت لاءِ ڪارائتي آهي پر اها غلط معلومات، منظم ڪوڙ ۽ ڊجيٽل هراساني لاءِ به استعمال ٿي سگهي ٿي آئين جو آرٽيڪل 9 حقن جي حفاظت ڪري ٿو

بقايا 19 سعيد غني

صدر سعيد غني چيو آهي ته يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي ان عزم جو ٻيهر اعلان ڪري ٿي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نظريي جي روشني ۾ ڪشميري عوام جي آزادي تائين سندن جدوجهد جي ڀرپور حمايت جاري رکندي. يوم ڪشمير جي حوالي سان جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ سعيد غني چيو ته مسئلو ڪشمير صرف هڪ علائقائي تڪرار ناهي پر هڪ پراڻو ۽ سنگين انساني مسئلو آهي، جنهن تي ڪشميري عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان قربانيون ڏئي رهيو آهي. سعيد غني چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه مظلوم قومن جي حمايت ڪئي آهي ۽ ڪشميري عوام جي حق خوداراديت جي جدوجهد ۾ کين ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيو ويندو. هن چيو ته ڪشميري عوام جون قربانيون تاريخ جو حصو آهن ۽ انهن قربانين کي ڪڏهن به وساريو نٿو وڃي. سندس چوڻ هو ته اڄ سڄو پاڪستان ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ انشاءالله اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ڪشميري عوام آزادي جي نعمت سان سرفراز ٿيندو ۽ کين پنهنجو مستقبل پاڻ چونڊڻ جو حق حاصل ٿيندو.

بقايا 20 علي خورشيدي

ڪشميري عوام سان يڪجهتي ۽ وفاداريءَ جو ڏينهن آهي هن پنهنجي پيغام ۾ زور ڏنو ته ڪشميري عوام جو حق خوداراديت اڄ به عالمي ضمير لاءِ وڏو امتحان آهي ۽ مسئلو صرف علائقائي تڪرار نه پر هڪ انساني حقن جو بنيادي مسئلو آهي علي خورشيدي چيو ته ڀارتي قابض افواج پاران مقبوضه ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙي جاري رکيو آهي، جنهن ۾ ماوراءِ عدالت قتل ۽ جبري گمشدگيون شامل آهن جيڪي صورتحال جي سنگيني جو واضح عڪس آهن هن چيو ته اهي ظلم نه صرف ڪشميري عوام لاءِ وڏيون ڏکيائيون پيدا ڪري رهيا آهن پر عالمي برادري جي ضمير کي به پريشان ڪن ٿيون اپوزيشن ليڊر سنڌ زور ڀريو ته مسئلي جو حل صرف گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي مڪمل عملدرآمد سان ممڪن آهي جيڪو بين الاقوامي قانون ۽ انساني حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائيندو هن چيو ته پاڪستان سنڌ سميت سڀني قومپرست ڌرين ۽ سياسي تنظيمن پاران مظلوم ڪشميري عوام جي هر سطح تي مڪمل حمايت جاري رکبو

بقايا 21 شيري رحمان

قومي اسيمبلي ميمبر تمڪين اختر نيازي، پنجاب اسيمبلي ميمبر سيد ذوالفقار شاهه، سنڌ اسيمبلي ميمبر قاسم سومرو پنجاب اسيمبلي ميمبر محمد احمد خان لغاري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. سينيٽر ۽ ماحولياتي معاملن جي ماهر شيري رحمان ڪلائميٽ چينج ۽ مستقبل جي پارليامينٽن تي سيشن جي شروعات ڪئي هن چيو ته ماحولياتي تبديلي ۽ ماحول جي تباهي عوام، حڪومت ۽ ايشيا ۾ ڪمزورن کي متاثر ڪن ٿا. پارليامينٽيرينز کي هن فورم کي عوامي عمل لاءِ موقعو سمجهڻ گهرجي ۽ رابطن جو فرق ختم ڪرڻ ضروري آهي نوجوان مستقبل جا مالڪ آهن ۽ ماضي جي نسل بحران پيدا ڪيو 2023ع دنيا جو سڀ کان گرم ترين سال رهيو ۽ سڀ کان وڌيڪ متاثر سماجي [illegible] جو هيٺيون طبقو آهي پاڪستان ۾ 2022ع جي ٻوڏ ۽ ننڍا ايشيائي ملڪ گهٽ ڪاربن فوٽ پرنٽ هجڻ باوجود خطري ۾ آهن

بقايا 22 وڏو وزير

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن ڪراچي ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ هڪ وڏي ڪشمير يڪجهتي ريلي جي قيادت ڪئي جيڪا ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير (IIOJK)جي عوام لاءِ پاڪستان جي اڻٽٽ سياسي اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جو ورجاءُ ڪندي قبضي هيٺ علائقي ۾ ڀارتي انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي سخت مذمت ڪئي ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير يڪجهتي ڏينهن جي موقعي تي ڪشمير يڪجهتي ڏينهن تي ريلي جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته 5 فيبروري ۽ دنيا کي ڪشميري عوام جي قربانين ۽ سندن بهادري جدوجهد بابت پاڪستان جي عزم جي ياد ڏيارڻ لاءِ ڏينهن آهي هن چيو ته اڄ اسين دنيا کي صاف پيغام ڏئي رهيا آهيون ته اسين ڪشميري عوام سان ڪلهو ملائي بيٺل آهيون هن وڌيڪ چيو ته آزادي سڀ کان وڏي نعمت آهي ۽ ان جي قيمت چڪائڻ لاءِ [illegible] ڪشميري عوام جي [illegible] گهرجي. مراد علي شاهه چيو ته [illegible] آزادي کان سواءِ نامڪمل آهي ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ڪشمير مسئلي جي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل (UNSC) جي قراردادن مطابق منصفاڻي حل کان سواءِ ممڪن ناهي هن چيو ته دنيا هاڻي سمجهي چڪي آهي ته خطي ۾ امن رڳو ڪشمير جي آزادي سان ئي ممڪن آهي ريلي کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته ڪشميري عوام گذريل 79 سالن کان حق خوداراديت لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن انهن کي سخت جبر غيرقانوني گرفتارين ۽ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون برداشت ڪرڻيون پيون آهن هن چيو ته ڀارت ڪشميري قيادت کي قيد ڪري ۽ اختلاف راءِ کي زور سان دٻائي قبضي هيٺ واديءَ کي هڪ کليل جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي هن زور ڏنو ته ڪشميري عوام جي حق خوداراديت جي حمايت پاڪستان جي اخلاقي ذميواري آهي ۽ يقين ڏياريو ته پاڪستان هر بين الاقوامي فورم تي ڪشمير مسئلي کي اجاگر ڪندي رهندي هن چيو ته ڪشمير مسئلو عالمي برادري جي ضمير تي هڪ قرض آهي ۽ ڪشميرين لاءِ انصاف کان سواءِ بين الاقوامي قانون اڌورا آهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي تاريخي ڪردار کي اجاگر ڪندي مراد علي شاهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو گڏيل قومن ۾ جرئت سان ڪشمير مسئلو پيش ڪيو جنهن کان پوءِ اهو مسئلو عالمي سطح تي نمايان ٿيو هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو آمريت جي خاتمي کان پوءِ بين الاقوامي فورمن تي ڪشمير ڪاز کي ٻيهر زنده ڪيو جڏهن ته صدر آصف علي زرداري عالمي سطح تي ڪشميرين لاءِ آواز بلند ڪندا رهيا. هن پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي به خراج تحسين پيش ڪيو جن پنهنجي پرڏيهي وزير واري دور ۾ ڪشمير مسئلي کي اثرائتي نموني اجاگر ڪيو ۽ عالمي سفارتي سطح تي امن لاءِ ڪوششون ڪيون تاريخ جو حوالو ڏيندي وڏي وزير چيو ته 1947ع جي ورهاڱي کان پوءِ ڪشميري عوام پاڪستان سان الحاق جو فيصلو ڪيو هو پر ڀارت غيرقانوني طور پنهنجون فوجون مقرر ڪيون ۽ پوءِ گڏيل قومن ۾ اهو تسليم ڪيو ته ڪشمير جي مستقبل جو فيصلو ڪشميري عوام کي ڪرڻو آهي جيڪو واعدو اڄ تائين پورو نه ٿيو آهي مراد علي شاهه چيو ته ڪشمير يڪجهتي ڏينهن 1994ع ۾ ان وقت جي وزيراعظم بينظير ڀٽو سرڪاري موڪل طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو هو ته جيئن ڪشميري عوام سان پاڪستان جي گڏيل حمايت جو ورجاءُ ڪري سگهجي هن چيو ته ڪشميري عوام پنهنجي حق خوداراديت کان گهٽ ڪنهن به شيءِ کي قبول نه ڪندا ۽ کين يقين آهي ته آخرڪار ڪشميري عوام جو فيصلو پاڪستان جي حق ۾ هوندو وڏي وزير ڪشمير ۽ فلسطين ۾ جاري ظلمن ۾ مماثلت جو ذڪر ڪندي چيو ته جيستائين دنيا ۾ ناانصافي ۽ انساني حقن جون ڀڃڪڙيون جاري رهنديون تيستائين ڪٿي به پائيدار امن قائم نٿو ٿي سگهي ۽ امن امان جي صورتحال بابت ڳالهائيندي مراد علي شاهه چيو ته اهم شاهراهن تي احتجاج جي اجازت نه ڏني ويندي هن چيو ته پرامن جمهوري احتجاج هر شهري جو حق آهي پر ان سان عوام کي تڪليف نه پهچڻ گهرجي ۽ عوامي سهولت کي اوليت ڏني وڃي وڏي وزير جي قيادت ۾ پيپلز چورنگي کان مزار قائد تائين نڪتل ريلي ۾ ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جيڪي ڪشمير جي آزادي جي حق ۾ نعرا هڻي رهيا هئا. سنڌ ڪابينا جا ميمبر چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جاويد عالم اوڍو صوبائي سيڪريٽرين اعليٰ عملدار ۽ پارٽي اڳواڻ پڻ ريلي ۾ شريڪ ٿيا ۽ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو خطاب ڪندي پڄاڻي تي وڏي وزير چيو ته سنڌ ۽ پاڪستان جا عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان ان وقت تائين مضبوط نموني بيٺل رهندا، جيستائين انهن کي انهن جو ناقابل تنسيخ حق خوداراديت حاصل نه ٿو ڪري وٺن

بقايا 23 اسحاق ڊار

پاڪستان جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي خودمختياري جي حق جي منصفاڻي جدوجهد ۾ انهن سان پنهنجي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو ڀارت جي مسلسل هٺ ڌرمي گڏيل قومن جي چارٽر، لاڳاپيل سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ چوٿين جنيوا ڪنوينشن جي واضح خلاف ورزي آهي ڪالهه خميس ڏينهن ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته غيرقانوني ڀارتي قبضي تحت ڪشميري عوام اڄ به پنهنجي بنيادي حقن کان محروم آهي جڏهن ته انهن جي ثابت قدمي ۽ استقامت انهن جي منصفاڻي موقف جي صداقت جي گواهي ڏي ٿي نائب وزيراعظم چيو ته جمون ۽ ڪشمير تڪرار جو بنياد ڀارت پاران گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي انهن قراردادن تي عملدرآمد ۾ ناڪامي آهي جن تحت ڪشميري عوام کي آزاداڻي ۽ غيرجانبداراڻي ريفرنڊم جو حق ڏنو ويو هو هن چيو ته ڀارت جي مسلسل هٺ ڌرمي گڏيل قومن جي چارٽر لاڳاپيل سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ چوٿين جنيوا ڪنوينشن جي واضح خلاف ورزي آهي سينيٽر اسحاق ڊار چيو ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ زميني صورتحال رڳو وقتي خلاف ورزين کان اڳتي وڌي ڪري هڪ منظم ۽ مسلسل ڏاڍ جي نظام جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي هن چيو ته هندوتوا تي ٻڌل نظام تحت ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي مسلسل امتيازي سلوڪ درپيش آهي اهڙا قدم جن تحت مسجدن جي پروفائيلنگ ڪئي پئي وڃي ۽ مذهبي پيشوائن کي پنهنجي ذاتي معلومات، تصويرون، مسلڪي وابستگيون فراهم ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي ادارجاتي اسلامو فوبيا جو سنگين مثال آهي نائب وزيراعظم چيو ته عدالت کان ٻاهر قتل جبري گمشدگيون من پسند حراستي قدمن ۽ بنيادي آزادين تي پابنديون بدستور جاري آهن هن چيو ته پاڪستان عالمي برادري کان مطالبو ڪري ٿو ته اها ڀارت جي غيرقانوني ۽ هٺڪرفي قدمن تي ان کي جوابده قرار ڏي، ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ خراب ٿيندڙ انساني حقن جي صورتحال جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺڻ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ۽ ڪشميري عوام کي انهن جي واعدي موجب خودمختياري جو حق ڏيارڻ لاءِ فيصلائتا قدم کڻي نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي سطح تي گڏ بيٺل رهندو اسان جون سموريون ڪوششون جمون ۽ ڪشمير جي پرامن منصفاڻي ۽ پائيدار حل کي حاصل ڪرڻ تي مرڪوز رهنديون

بقايا 24 وزيراعظم

ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائڻ جي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ردالفتنه جي ڪاميابي تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ اهلڪارن ۽ پاڪ فوج جي قيادت کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف آپريشن دوران بلوچستان جي امن ۽ ترقي جي دشمن جي چيلهه ٽوڙڻ ۽ مجموعي طور تي 216 دهشتگردن کي جهنم واصل ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانه صلاحيتن کي ساراهيو وزيراعظم محمد شهباز شريف دهشتگردن جي معصوم شهرين جي خلاف ڪارروائين دوران عورتن ٻارن سميت 36 ماڻهن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ملڪ جي حفاظت کي پنهنجي جان تي فوقيت ڏيندي شهادت ماڻيندڙ 22 سيڪيورٽي اهلڪارن کي خراج عقيدت پيش ڪيو هن چيو ته قوم پنهنجي شهيدن جي قرباني ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي ٻزدل دهشتگردن جي معصوم شهرين کي نشانو بڻائي بلوچستان جي امن کي سبوتاز ڪرڻ جي ناپاڪ ارادن کي سدائين خاڪ ۾ ملائيندا رهنداسين وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته بلوچستان جي معصوم شهرين کي نشانو بڻائي دهشتگردن اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته اهي بلوچستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ عوام جا دشمن آهن دهشتگردي جي لعنت جي ملڪ مان مڪمل خاتمي تائين انهن جي خلاف جنگ جاري رکنداسين ملڪ جي حفاظت جي اٽل عزم ۾ مون سميت پوري قوم پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 25 فيلڊ مارشل

يادگار تي حاضري ڀري ۽ گل نچاور ڪيا ان موقعي تي فيلڊ مارشل ڪشمير تحريڪ جي شهيدن جي بهادري ۽ قربانين کي ساراهيو هن چيو ته ڀارت جي رياستي جارحيت ۽ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ڪشميرين جو حوصلو نه ٽوڙي سگهيون، هندوتوا تي ٻڌل پاليسين باوجود ڪشميري عوام جي جدوجهد وڌيڪ مضبوط ٿي آهي، پاڪستان عالمي فورمز تي ڪشمير جو ڪيس ڀرپور نموني سان اٿاريندو رهندو فيلڊ مارشل چيو ته پاڪستان ڪشميرين جي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو ڪشمير جلد آزادي جو نئون صبح ڏسندو جيڪا ڪشميرين جي اجتماعي خواهش ۽ مقدر آهي. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل ڪشمير ۾ مقرر آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقاتون ڪيون ۽ سندن جذبي، پيشيوارانه معيار ۽ جنگي تيارين کي ساراهيو هن چيو ته ڏکين آپريشنل حالتن باوجود فوج جو بلند حوصلو ساراهه جوڳو آهي ڪنهن به جارحيت جو تڪڙو اثرائتو ۽ ڀرپور جواب ڏنو ويندو پاڪستان فوج روايتي ۽ هائبرڊ ٻنهي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تيار آهي ان کان اڳ مظفرآباد پهچڻ تي چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو استقبال راولپنڊي جي ڪور ڪمانڊر ڪيو

بقايا 26 طارق فضل

واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته ڀارتي ڏاڍ کان آزادي ۽ پنهنجي حق خوداراديت لاءِ ڪشميرين جون قربانيون هرگز رائيگان نه وينديون. پاڪستان سان نظرياتي وابستگي سبب اڄ هر پاڪستاني جي دل ڪشميرين سان گڏ ڌڙڪي رهي آهي اسان پنهنجي سمورين سياسي وابستگين کان مٿانهون ٿي ڪري هڪ آواز ۾ اهو پيغام ڏئي رهيا آهيون ته ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي اهڙو اظهار هن وفاقي گادي واري شهر ۾ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي چائنا چوڪ کان ڊي چوڪ تائين ڪڍيل ريلي کي خطاب دوران ڪيو جنهن ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪري ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو صبح 10 وڳي سائرن وڄندي ئي سڄي شاهراهه دستور تي ٽريفڪ بيهجي وئي ۽ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪري ڪشمير جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو

بقايا 27 سينيٽر اعظم

نذير تارڙ چيو آهي ته اڄ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي اسان پاڪستان جي ڪشميري عوام سان پختي يڪجهتي جو ورجاءُ ڪريون ٿا ۽ انهن جي آزادي، وقار ۽ انساني حقن لاءِ سندن جائز جدوجهد ۾ مڪمل حمايت جو اعلان ڪريون ٿا ڪشميري عوام ڏهاڪن کان ظلم ۽ ناانصافي کي منهن ڏئي رهي آهي، پر سندن حوصلو ۽ عزم اڄ به مضبوط ۽ مستحڪم آهي پاڪستان هر عالمي فورم تي سندن آواز بلند ڪرڻ سندن حالتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ هڪ پرامن ۽ منصفاڻي حل لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري رهيو آهي هن چيو ته خود اراديت وارو حق هڪ ختم نه ٿيڻ جوڳو بنيادي حق آهي جنهن کي گڏيل قومن ۽ عالمي برادري تسليم ڪيو آهي ڪو به ظلم ۽ ڏاڍ ڪنهن قوم جي آزادي جي جائز امنگن کي هميشه لاءِ دٻائڻ ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي اسان عالمي برادري کي هڪ ڀيرو ٻيهر مطالبو ڪريون ٿا ته هو انصاف جي قيام لاءِ پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪري ۽ مظلوم ڪشميري عوام جي ڏکن جي خاتمي لاءِ عملي قدم کڻي

بقايا 28 صحيحون

دواسازي، منشيات جي خاتمي ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون جي 29 معاهدن ۽ ايم او يوز تي صحيحون ڪيون آهن ان سلسلي ۾ ڪالهه خميس ڏينهن ازبڪستان جي صدر شوڪت مرزائيوف جي دوري دوران خصوصي تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ ازبڪستان جي صدر شوڪت مرزائيوف شرڪت ڪئي ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ ازبڪستان جي وچ ۾ گڏيل پڌرنامي تي صحيحون ڪيون ۽ متاستا ڪئي جنهن ڪانپوءِ مفاهمت جي ڪيترين ئي يادداشتن ۽ معاهدن تي ٻنهي ملڪن جي لاڳاپيل وزيرن جي وچ ۾ دستاويزن جي متاستا ٿي ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي معاملن وارن وزارتن جي وچ ۾ 2028 – 2025ع جي لاءِ تعاون جي معاهدي تي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ ازبڪستان جي صدر جي پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار پري فيرنشل ٽريڊ ايگريمينٽ تحت گڏيل لسٽ جي توسيع جي پروٽوڪول تي واپار واري وزير جام ڪمال ۽ ازبڪستان جي سيڙپڪاري ۽ واپار واري وزير ٽيڪسٽائيل ۽ ملبوسات جي شعبي ۾ ٻطرفي تعاون جي معاهدي تي واپار واري وزير جام ڪمال ۽ ازبڪستان جي لائٽ انڊسٽري جي ترقي جي لاءِ قائم اداري جي ڊائريڪٽر کاڻين جي کوٽائي ۽ جيو سائنس جي شعبي ۾ تعاون جي لاءِ پيٽروليم ڊويزن واري وزارت ۽ ازبڪستان جي مائننگ ۽ جيو سائنس جي صنعت جي وچ ۾ مفاهمت جي يادداشت تي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ ازبڪستان جي کاڻين جي کوٽائي ۽ جيالوجي جي وزير سزا يافته ڏوهارين جي متاستا/ حوالگي جي معاهدي تي گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ ازبڪستان جي صدر جي پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار منشيات جي روڪٿام جي لاءِ تعاون جي معاهدي تي گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ ازبڪستان جي صدر جي صلاحڪار انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن جي شعبي ۾ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپيل وزارتن ۾ مفاهمت جي يادداشت تي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪام واري وزير شزه فاطمه خواجه ۽ ازبڪستان جي سيڙپڪاري ۽ واپار واري وزير سائنسي تعليم ڪلچرل ۽ آرڪيٽيڪچرل هيريٽيج جي تحفظ تحقيق ۽ فروغ لاءِ معاهدي تي قومي ثقافت ۽ ورثي واري وزير اورنگزيب کچي ۽ ازبڪستان جي ثقافت واري وزير ثقافت جي شعبي ۾ تعاون جي لاءِ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپيل وزارتن ۾ تعاون جي معاهدي تي وفاقي وزير اورنگزيب کچي ۽ ازبڪستان جي ثقافت واري وزير پاڪستان ايگريڪلچر ريسرچ ڪائونسل پي اي آر سي ۽ ازبڪستان جي زراعت واري وزارت جي وچ ۾ ايم او يو تي وفاقي وزير راڻا تنوير حسين ۽ ازبڪستان جي زراعت واري وزير ۽ تازي ميوي جي برآمد جي لاءِ فائٽو جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ پلانٽ پروٽيڪشن جي شعبي ۾ پروٽوڪول تي ٻنهي ملڪن جي زراعت وارن وزيرن فوڊ سيڪيورٽي جي لاءِ تعاون جي معاهدي تي پڻ ٻنهي ملڪن جي زراعت ۽ فوڊ سيڪيورٽي وارن وزيرن ڪراچي گوادر پورٽ قاسم بندرگاهن جي ڪارگو ڪنٽينرز جي حوالي سان ميري ٽائيم ٽريڊ اينڊ ٽيري فيرشل پورٽ ارينجمينٽس جي لاءِ ايم او يو تي سامونڊي معاملن واري وزير جنيد انوار چوڌري ۽ ازبڪستان جي سيڙپڪاري ۽ واپار واري وزير دفاعي تعاون جي لاءِ ايڪشن پلان ۽ روڊ ميپ تي دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف ۽ ازبڪستان جي دفاع واري وزير اين ڊي ايم اي ۽ ازبڪستان جي اڪالوجي ۽ ماحولياتي تبديلي بابت قومي ڪميٽي جي وچ ۾ اڪالوجي ۽ ماحولياتي تبديلي ۽ ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ جي شعبي ۾ ايم او يو تي دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف ۽ ازبڪستان جي دفاع واري وزير اين ڊي ايم اي ۽ ازبڪستان جي هنگامي صورتحال جي وزارت جي وچ ۾ ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ جي شعبي ۾ تعاون جي لاءِ ايم او يو تي پڻ ٻنهي ملڪن جي دفاع وارن وزيرن ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ۾ سهولت جي ۽ پيداوار واري وزارت ۽ ازبڪستان جي اڪانومي ۽ فنانس واري وزارت جي وچ ۾ ايم او يو تي بين الصوبائي رابطن جي خاص معاون هارون اختر ۽ ازبڪستان جي سيڙپڪاري واپار واري وزير ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي ۽ ازبڪستان جي فارماسيوٽيڪل مصنوعات جي لاءِ اسٽيٽ انسٽيٽيوشن سينٽر جي وچ ۾ فارماسيوٽيڪل مصنوعات جي ريگيوليٽري معاملن ۾ تعاون جي لاءِ ايم او يو تي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال ۽ ازبڪستان جي فارماسيوٽيڪل انڊسٽري ڊيولپمينٽ جي اداري جي ڊائريڪٽر فزيڪل ڪلچر ۽ اسپورٽس جي شعبي ۾ تعاون جي لاءِ پاڪستان اسپورٽس بورڊ ۽ ازبڪستان جي ثقافت واري وزارت جي وچ ۾ ايم او يو تي بين الصوبائي رابطن واري وزير راڻا ثناءُ الله ۽ ازبڪستان جي سيڙپڪاري ۽ واپار واري وزير جي وچ ۾ صحيحون ٿيل دستاويزن جي متاستا ٿي ان ڪانسواءِ پاڪستان ۽ ازبڪستان جي وچ ۾ جن ايم او يوز ۽ معاهدن جو اعلان ڪيو ويو انهن ۾ يونيورسٽي آف پشاور ۽ تاشقند يونيورسٽي آف اورينٽل اسٽڊيز جي وچ ۾ ايم او يو انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز اسلام آباد ۽ ازبڪستان جي اسٽريٽجڪ اينڊ ريجنل اسٽڊيز بابت انسٽيٽيوٽ جي وچ ۾ ايم او يو پرڏيهي وزارت تحت انسٽيٽيوٽ آف ريجنل اسٽڊيز ۽ ازبڪستان اسٽريٽجڪ ۽ ريجنل اسٽڊيز بابت انسٽيٽيوٽ جي وچ ۾ پاڪستان ازبڪستان ايڪسپرٽ ڪائونسل قائم ڪرڻ جي لاءِ ايم او يو پاڪستان نيوڪليئر ريگيوليٽري اٿارٽي ۽ ازبڪستان جي انڊسٽريل ريڊي ايشن ۽ نيوڪليئر سيفٽي ڪميٽي جي وچ ۾ ايم او يو قومي احتساب بيورو ۽ ازبڪستان جي اينٽي ڪرپشن ايجنسي جي وچ ۾ ايم او يو پشاور ۽ ترمذ شهرن جي انتظاميا جي وچ ۾ [illegible] لاڳاپا قائم ڪرڻ جو معاهدو اسلام آباد ۽ سمرقند شهرن جي انتظاميا جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ جي لاءِ ايم او يو ۽ پاڪستان ازبڪستان جوائنٽ بزنس ڪائونسل قائم ڪرڻ جي لاءِ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس ۽ ازبڪستان جي صنعتن جي وچ ۾ معاهدا پڻ شامل آهن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گڏيل پڌرنامي ڪانسواءِ 21 معاهدن ۽ مفاهمت جي يادداشتن جي متاستا ڪئي وئي جڏهن ته 8 وڌيڪ ايم او يوز جو اعلان پڻ ڪيو ويو

بقايا 29 قازقستان/پٽاٽا

موجب اها اڳڀرائي وزيراعظم شهباز شريف ۽ قازقستان جي صدر جي وچ ۾ تازي گفتگو دوران سامهون آئي، واپار واري وزارت ٻڌايو ته پٽاٽن جي برآمد لاءِ اپريل کان جون 2026 تائين ٽائم لائن طئي ڪئي وئي آهي جنهن تحت پاڪستاني پٽاٽا برآمد ڪندڙ قازقستاني درآمد ڪندڙن کي معياري پٽاٽن جي فراهمي يقيني بڻائيندا بيان موجب ان مقصد لاءِ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپيل اختيارين وچ ۾ ٽيڪنيڪي ۽ واپاري معاملن تي مشاورت ۾ مڪمل ڪئي وئي آهي ته جيئن برآمدي عمل کي اثرائتو بڻائي سگهجي، واپار واري وزارت جو چوڻ آهي ته پاڪستان جي زرعي شعبي، خاص طور پٽاٽن جي پيداوار ۾ برآمدي سگهه موجود آهي، جڏهن ته قازقستان طرفان وڏي مقدار ۾ پٽاٽا درآمد ڪرڻ ۾ دلچسپي پاڪستاني هارين ۽ برآمدي شعبي لاءِ هاڪاري اڳڀرائي آهي

بقايا 30 صدر زرداري

صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي وقت سر ڪارروائي سان فتنه الهندستان پاران بلوچستان جي امن کي سبوتاژ ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام ٿي ملڪ ۾ ٻاهرين پٺڀرائي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو اولين ترجيح آهي صدر چيو ته خوشي آهي ته انٽيليجنس تي ٻڌل ٺوس ڪارروايون سان ٻاهرين پٺڀرائي ۾ سرگرم دهشتگرد نيٽ ورڪس جي قيادت ۽ صلاحيت جي چيلهه ٽوڙي وئي هن آپريشن دوران شهيد ٿيندڙ معصوم شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن کي خراج عقيدت ۽ گهرڀاتين سان همدرديءَ جو اظهار ڪندي چيو ته قوم پنهنجي شهيدن جي قربانين کي سلام پيش ڪري ٿي ۽ اها دهشتگردي جي خلاف متحد آهي

بقايا 31 شروع ٿيندا

ڪانيون اڄ جمعي تي ٻيهر شروع ٿيندا شيڊول موجب سينيٽ جو اجلاس 13 فيبروري تائين جاري رهندو جڏهن ته قومي اسيمبلي جو اجلاس 12 فيبروري تي ختم ٿي ويندو اميد آهي ته اجلاس دوران ٻئي ايوان قانونسازي، سوالن جا جواب، ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۽ عوامي اهميت جي معاملن کي اٿاريندا

بقايا 32 اڄ ٿينديون

گادي واري شهر مسقط ۾ اڄ جمعي جي صبح اٽڪل 10 وڳي منعقد ٿينديون پرڏيهي ميڊيا موجب ان ڏس ۾ وائيٽ هائوس جي هڪ عهديدار ۽ تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا جمعي ڏينهن عمان ۾ ايران سان ان جي ايٽمي پروگرام تي ڳالهيون ڪندو ان کان اڳ اهڙيون رپورٽون سامهون آيون هيون ته ملاقات جي هنڌ ۽ طريقيڪار تي اختلافن سبب ڳالهيون ناڪام ٿيڻ جو خدشو پڻ آهي

بقايا 33 شرجيل ميمڻ

ردعمل کي يقيني بڻائين جڏهن ته صحافي رڳو تصديق ٿيل خبرون شايع ڪن عوام کي شعور ڏيڻ به ضروري آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اطلاعات کاتو 24 ڪلاڪ صورتحال جي نگراني ۾ مصروف آهي جڏهن ته جعلي ۽ حقيقي مواد جي سڃاڻپ لاءِ هڪ موثر نظام جي ضرورت آهي جنهن لاءِ هڪ AI ڊيٽيڪشن ٽول جي ترقي وقت جي ضرورت آهي هن چيو ته مختلف ٽي وي چينلن جي نالي تي جعلي خبرون پکيڙڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي آڊيو ۽ وڊيوز جي ڪاپي ذريعي غلط معلومات پکيڙي رهي آهي هن چيو ته حڪومت فيس بڪ، ايڪس، ٽڪ ٽاڪ ۽ انسٽاگرام سميت سڀني سوشل ميڊيا پليٽ فارمن جي مسلسل نگراني ڪري رهي آهي صوبائي وزير واضح ڪيو ته جعلي مواد پکيڙيندڙن کي نتيجا ڀوڳڻا پوندا ڇو ته غلط معلومات ڪنهن جي زندگي کي خطري ۾ رکي سگهي ٿي هن جعلي خبرن کي پوري سماج لاءِ هڪ سنگين چيلينج قرار ڏنو ۽ چيو ته مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ مضبوط قانون سازي ضروري آهي هن وڌيڪ چيو ته پي سي اي ايڪٽ اڳ ۾ ئي لاڳو آهي پر وڌيڪ بهتري جي ضرورت آهي صحافين جي پيشه ورانه تربيت ضروري آهي ڇاڪاڻ ته غير مستند خبرون ڪنهن جي شهرت کي نقصان پهچائي سگهن ٿيون هن اهو به زور ڏنو ته قانون سازي سماج جي سڀني طبقن لاءِ هڪجهڙي هجڻ گهرجي جعلي خبرون پکيڙيندڙن جي جوابدهي قانوني ڪارروائي ۽ سزا ضروري آهي

بقايا 34 سلمان علي آغا

چيو آهي ته ڀارت خلاف ميچ بابت فيصلو حڪومت جو ڪرڻو آهي ۽ اسان حڪومت جي فيصلي جو احترام ڪيون ٿا. آءِ سي سي ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ بابت ڪولمبو ۾ ڪپتانن جي پريس ڪانفرنس دوران سلمان علي آغا چيو ته ڪپتان طور هي منهنجو پهريون عالمي ڪپ آهي جنهن لاءِ تمام گهڻو پرجوش آهيان ۽ اميد آهي ته منهنجي قيادت ۾ ٽيم سٺو کيڏندي هن چيو ته ڀارت خلاف ميچ بابت فيصلو حڪومت کي ڪرڻو آهي ۽ اسان حڪومت جي فيصلي جو احترام ڪيون ٿا ڀارت سان ميچ ٿيندي يا نه ان بابت ڪا پڪ ناهي حڪومت جيئن چوندي اسان تيئن ڪنداسين بنگلاديش ٽيم جو ورلڊ ڪپ ۾ شامل نه هجڻ افسوسناڪ آهي سلمان علي آغا چيو ته اسان ايشيا ڪپ ڪانپوءِ ڪا به [illegible] رهيا آهيون گذريل 6 مهينن کان سٺي ڪرڪيٽ کيڏي رهيا آهيون هن ڀيري ٽيم سٺو کيڏي رهي آهي اميد آهي ته سٺي ڪارڪردگي ڏيکارينداسين ۽ باقي ٽيمون به اسان خلاف سٺو کيڏنديون قومي ڪپتان وڌيڪ چيو ته سريلنڪا منهنجي لاءِ ٻئي گهر جهڙو آهي ۽ هتان جا ماڻهو سٺي اخلاق وارا آهن سريلنڪا ۾ جڏهن به ڪرڪيٽ کيڏڻ لاءِ آيو آهيان سٺو محسوس ڪيو آهي سندس چوڻ هو ته انهن شين تي وڌيڪ ڌيان نٿا ڏيڻ چاهيون جيڪي اسان جي هٿ وس ناهن اسان سٺي ڪرڪيٽ کيڏڻ جي ڪوشش ڪنداسين ورلڊ ڪپ ۾ ڪا به ٽيم ننڍي ناهي هوندي نيڊرلينڊز خلاف ميچ لاءِ سٺي تياري ڪري رهيا آهيون

بقايا 35 اسٽيو سمٿ

ليگ (پي ايس ايل) جي تاريخ جو مهانگو ترين رانديگر بڻجي ويو آهي پي ايس ايل جي نئين فرنچائز سيالڪوٽ اسٽالينز پي ايس ايل جي يارهين ايڊيشن لاءِ آسٽريليا جي ڪپتان اسٽيو سمٿ کي ٽيم ۾ شامل ڪري ورتو آهي. سيالڪوٽ اسٽالينز طرفان اسٽيو سمٿ جي شموليت جو اعلان سوشل ميڊيا ذريعي ڪيو ويو، هن سيزن ۾ هو پهريون ڀيرو پاڪستان سپر ليگ ۾ ايڪشن ۾ نظر ايندو سيالڪوٽ اسٽالينز اسٽيو سمٿ کي ڊائريڪٽ سائننگ ذريعي پنهنجي ٽيم جو حصو بڻايو آهي رپورٽ موجب سيالڪوٽ اسٽالينز 14 ڪروڙ رپين ۾ اسٽيو سمٿ کي ٽيم ۾ شامل ڪيو آهي جنهن ڪانپوءِ سمٿ هاڻي پي ايس ايل جي تاريخ جو سڀ کان مهانگو رانديگر بڻجي ويو آهي بابر ۽ آفريدي، اسٽيو سمٿ پي ايس ايل جي تاريخ جا مهانگا ترين رانديگر بڻجي ويا آهن پي ايس ايل 11 لاءِ فرنچائزز طرفان رٽين ڪيل رانديگرن جي رقم جو اعلان ڪيو ويو آهي. جنهن موجب پشاور زلمي بابر اعظم، لاهور قلندرز شاهين آفريدي ۽ اسلام آباد يونائيٽيڊ شاداب خان کي 7 ڪروڙ رپين ۾ رٽين ڪيو آهي پي ايس ايل جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو رانديگرن جي چونڊ واري عمل ۾ وڏي تبديلي آندي وئي آهي هاڻي روايتي ڊرافٽ سسٽم بدران نيلامي تي ٻڌل ماڊل متعارف ڪرايو ويو آهي جنهن تحت فرنچائز هاڻي هر ڪيٽيگري مان 8 بدران رڳو هڪ هڪ رانديگر کي رٽين ڪري سگهن ٿيون ۽ باقي رانديگرن کي نيلامي ذريعي ٽيم جو حصو بڻايو ويندو

بقايا 36 چيني سفير

آهي. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان چين جي سفير جيانگ زي ڊونگ جي اهم ملاقات ٿي جنهن دوران چيني سفير بلوچستان ۾ تازي دهشتگرد حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ متاثر خاندانن سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ دهشتگردي جي روڪٿام سميت داخلي سلامتي ۽ سيڪيورٽي سهڪار تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو جڏهن ته انٽيليجنس شيئرنگ ۽ سائبر ڪرائم جي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي پڻ اتفاق ٿيو چيني سفير چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ متاثرن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا، چين هر قسم جي دهشتگردي جي مذمت ڪري ٿو ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان سان گڏ مضبوطي سان بيٺو آهي

بقايا 37 مراد علي شاهه

سينا وارڊ، ابن الهيثم وارڊ ۽ الشفا آئوٽ پيشنٽ ڊپارٽمينٽ (او پي ڊي) جو افتتاح ڪيو هن ان قدم کي صوبي ۾ معياري صحت سهولتن جي واڌاري ڏانهن هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏنو تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته نيون سهولتون مريضن کي وڌيڪ آرام، وقار ۽ سهولت سان علاج جي فراهمي ۾ مددگار ثابت ٿينديون جيڪو عوامي ڀلائي لاءِ مضبوط عزم جي عڪاسي ڪري ٿو هن چيو ته سنڌ حڪومت صحت جي بنيادي ڍانچي جي بهتري، خصوصي طبي خدمتن جي فروغ ۽ سماج جي سڀني طبقن لاءِ صحت سهولتن تائين برابري جي رسائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي وڏي وزير پنهنجي 2017 واري دوري کي ياد ڪندي چيو ته آغا خان يونيورسٽي اسپتال ۽ انڊس اسپتال کان پوءِ ميمڻ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ ڪراچي ۾ نجي شعبي جي وڏين طبي سهولتن مان هڪ بڻجي چڪو آهي هن مخير حضرات جي ڪردار کي ساراهيندي ان کي انسانيت جي خدمت جو بهترين مثال قرار ڏنو مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي جديد طبي علاج جي سهولتن سبب عالمي سڃاڻپ رکي ٿو ۽ جتي حڪومت سڌي ريت خدمتون فراهم نٿي ڪري سگهي اتي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ انتهائي اهم آهي. هن زور ڏنو ته سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ انساني وقار کي اوليت ڏيندي عوام جي خدمت ڪري رهي آهي وڏي وزير اعلان ڪيو ته سنڌ حڪومت نون افتتاح ٿيل وارڊز لاءِ مشينري ۽ طبي اوزارن جي فراهمي ۾ مڪمل سهڪار ڪندي هن وڌيڪ چيو ته ايم ايم آءِ اسپتال علاج کان محروم رهجي ويندڙ ٻارن کي مفت علاج فراهم ڪندي جيڪو هڪ اهم فلاحي قدم آهي. تعليم ۽ صحت کي خوشحال سماج جا بنيادي ستون قرار ڏيندي وڏي وزير چيو ته ايم ايم آءِ جهڙا ادارا نه رڳو پيشيوراڻي طبي خدمتون مهيا ڪن ٿا پر فلاحي پروگرامن ذريعي ڪمزور طبقن جي به مدد ڪن ٿا

بقايا 38 اشون

آهي. اشون پنهنجي يوٽيوب چينل تي پاڪستان اسڪواڊ جو تجزيو ڪندي ٽيم جي عالمي ڪپ جي تيارين جي روشني وڌي. اڳوڻي ڀارتي اسپنر چيو ته "شايد ڪجهه ماڻهن کي اها ڳالهه نه وڻي پر آئون رڳو ڪرڪيٽ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان منهنجي خيال ۾ هن ورلڊ ڪپ ۾ پاڪستان جي کٽڻ جا سچ پچ ڏاڍا سٺا امڪان آهن" اشون موجب پاڪستان جا اوپنر ۽ بالر ٽيم جي وڏي طاقت آهن هن چيو ته پاڪستان جي سڀ کان وڏي سگهه ان جي اوپننگ جوڙي آهي، بابر اعظم اوپن نه ڪندو پر صاحبزاده فرحان ۽ صائم ايوب اوپن ڪندا، صائم ايوب پاور پلي دوران بيٽنگ ڪندي متاثر ڪندو رهيو آهي اشون چيو ته بالنگ ۾ شاهين شاهه آفريدي جو پاور پلي ۾ اڪانامي ريٽ 6.5 آهي ابرار احمد ۽ نواز به سٺا بالر آهن نواز ڪنٽرول سان ۽ ابرار پنهنجي انفراديت سبب خطرناڪ آهن اشون پاڪستان ٽيم جي خامين جو به ذڪر ڪيو جن ۾ ڪجهه اهم رانديگرن جي غير مستقل ڪارڪردگي ۽ ٽيم ڪامبينيشن بابت فيصلا شامل آهن بهرحال هن نوجوان ٽيلنٽ جي صلاحيت کي به تسليم ڪيو هن چيو ته پاڪستان جي ڪمزوري بابر اعظم جو مڊل آرڊر ۾ اچڻ آهي جڏهن ته نسيم شاهه ۽ شاهين شاهه آفريدي جي ڊيٿ اوورز ۾ بالنگ گهڻي اثرائتي نه رهي آهي شاداب خان جي بيٽنگ ۽ بالنگ ۾ تنزلي آئي آهي هن وڌيڪ چيو ته مجموعي طور پاڪستان جي ٽيم مضبوط آهي پر ڪمزوريون به موجود آهن پر هن ٽيم ۾ سلمان علي آغا جهڙا رانديگر به آهن جن جو اڪثر ذڪر ناهي ڪيو ويندو واضح رهي ته آءِ سي سي ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ 7 فيبروري کان 8 مارچ تائين ڀارت ۽ سريلنڪا ۾ جاري رهندي پاڪستان ايونٽ ۾ پنهنجي پهرين ميچ ڇنڇر ڏينهن نيڊرلينڊز خلاف کيڏيندي

بقايا 39 فيصلو

آهي ان حوالي سان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀينرن خلاف ڪنهن به قسم جي بداخلاقي برداشت نه ڪئي ويندي، هن چيو ته هاڻي گهڻو ٿي ويو جيڪو به شخص باني جي ڀينرن جي خلاف ڳالهائيندو ان جي پارٽي ۾ ڪا جڳهه ناهي سندس وڌيڪ چوڻ هو ته اها وڏي سياسي پارٽي آهي ان ۾ اختلاف ٿيندا رهندا آهن آئون چيئرمين آهيان هڪ ورڪر به مون سان اختلاف ڪري سگهي ٿو

بقايا 40 سخت ڪارو

وڊيو نشر ڪري ڇڏيون اهڙيون وڊيوز نشر ٿيڻ سبب شهرين ۾ سخت تشويش پيدا ٿي وئي آهي اطلاعات موجب اسڪرينز کي ڪجهه دير لاءِ هيڪ ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ عبدالستار ايڌي روڊ تي شهرين کي متنازع مواد ڏسڻ ۾ آيو ڪيترن ئي شهرين وڊيو ٺاهيون ۽ سوشل ميڊيا تي شيئر ڪيون جيڪي [illegible] وائرل ٿي ويون انتظامي قدم وٺندي متاثر ٿيل اسڪرينز کي فوراً بند ڪيو ويو ته جيئن وڌيڪ ڪنهن قسم جو مواد نشر نه ٿئي ان کان علاوه ڊي ايڇ اي جي ٻين اهم شاهراهن، شاهراهه فيصل ۽ ڪارساز روڊ تي لڳل ڪيترن ئي اسڪرينز کي پڻ عارضي طور تي بند ڪيو ويو آهي حڪام جي مطابق نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي ۽ سائبر ڪرائم يونٽ گڏجي واقعي جي تفتيش شروع ڪري ڇڏي آهي ٽيڪنيڪي ثبوت گڏ ڪيا ويا ۽ ڊجيٽل رڪارڊز جو جائزو وٺي ذميوار شخصن جي سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن جيئن قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي

بقايا 41 پهچي ويو

صدر شوڪت مرزائيوف پاڪستان جي ٻن ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد پهچي ويو نور خان ايئربيس پهچڻ تي صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف ازبڪ صدر جو شاندار استقبال ڪيو ان موقعي تي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ ۽ خاص معاون هارون اختر پڻ موجود هئا. ازبڪستان جو صدر خصوصي جهاز ذريعي ٻاهر آيو ته صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف سندس آجيان ڪئي ۽ ساڻس پرجوش طريقي سان هٿ ملايو وزيراعظم سان سندس خوشگوار جملن جي ڏي وٺ ٿي. معزز مهمان کي 21 توپن جي سلامي ڏني وئي جڏهن ته روايتي ۽ ثقافتي لباس پهريل ٻارن گلدستا پيش ڪيا ٻنهي ملڪن جا قومي جهنڊا پڪڙيل ٻارن معزز مهمان کي ڀليڪار چيو وزيراعظم ڪابينا ميمبرن سان معزز مهمان جو تعارف پڻ ڪرايو

بقايا 42 مستفيض الرحمان

بنگلاديشي فاسٽ بالر مستفيض الرحمان کي ڊائريڪٽ سائن ڪري ورتو جڏهن ته شاهين آفريدي کي رٽين ڪيو ويو آهي. پاڪستان سپر ليگ جي فرنچائز دفاعي چيمپئن لاهور قلندرز پي ايس ايل جي 11هين ايڊيشن لاءِ اهم قدم کڻندي مستفيض الرحمان کي پنهنجي ٽيم ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو بنگلاديشي فاسٽ بالر ان کان اڳ 2016 ۽ 2018 ۾ قلندرز جي نمائندگي ڪري چڪو آهي هن سائننگ جي ڌرين وچ ۾ 6 ڪروڙ 44 لک پاڪستاني رپين ۾ معاهدو طئي ٿيو آهي. لاهور قلندرز جي اونر ثمين راڻا جو چوڻ آهي ته مستفيض الرحمان رڳو هڪ رانديگر نه پر اسان جي ڪٽنب جو اهم ڀاتي آهي ۽ اسان کي خوشي آهي ته هو ٻيهر اسان جي ڊريسنگ روم جو حصو بڻجي رهيو آهي. ان ڪانسواءِ لاهور قلندرز شاهين آفريدي کي 7 ڪروڙ عبدالله شفيق کي 2 ڪروڙ 2 لک، سڪندر رضا کي 2 ڪروڙ 8 لک ۽ محمد نعيم کي 70 لک رپين ۾ رٽين ڪيو آهي جڏهن ته ملتان سلطانز جي نيلامي 9 فيبروري تي شيڊيول آهي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
پاڪ-قازقستان روڊ ميپ: خوشحاليءَ ڏانهن سفر!
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاد
فاطمه ڀٽو جي مانيٽي ڏانهن ناڪام محبت ۽ ڀٽو نالي جي چانڊوڪ ۾ ٽين نسل جي ڪهاڻي
صفحو 4

پاڪستان ۽ قازقستان وچ ۾ وڌندڙ اسٽريٽجڪ ڀائيواري
حامد علي
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن - 06 فيبروري
صفحو 4

مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو پاران ڪشميرين سان يڪجهتي جو ڏهاڙو ملهايو ويو

ڪشميرين سان ڇا پيو ٿئي، اسان جي نوجوانن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجي: پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي

قبضي ۾ آيل ڪشمير جا ماڻهو هر روز نئين تڪليف مان گذرن ٿا، هر روز پرتشدد ڪاررواين کي منهن ڏين ۽ ڀوڳين ٿا

ڪشمير جي ٻارن جيڪي قربانيون ڏنيون آهن انهن جي معصوم ٻارڙن کي گولين سان پروڻ ڪيو ويندو رهيو آهي: ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي پاران ملهايل ڪشميرين سان يڪجهتي واري ڏهاڙي تي وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي پرووائيس چانسلر ۽ ٻيا هڪ منٽ خاموشي اختيار ڪرڻ دوران

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران ڪشميرين سان يڪجهتي جو ڏهاڙو ملهايو ويو. ڪشميرين سان يڪجهتي طور هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ۽ سندن جدوجهد کي خراج پيش ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته ڪشميرين سان ڇا پيو ٿئي، اسان جي نوجوانن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجي. هن چيو ته آزادي وڏي نعمت آهي. انساني زندگي ۾ هر خوشي ۽ خوشحالي آزادي سان جڙيل آهي. وائيس چانسلر چيو ته قبضي ۾ آيل ڪشمير جا ماڻهو هر روز نئين تڪليف مان گذرن ٿا، هر روز پرتشدد ڪاررواين کي منهن ڏين ۽ ڀوڳين ٿا. اسان ظلم جي خلاف آهيون اهو ڪنهن سان به ٿئي ڪٿي به ٿئي ظلم جي خلاف ۽ انصاف لاءِ پنهنجي راءِ ڏينداسين. ڪشميري اسان جا ڀائر آهن انهن تي ڀارت جا ظلم برداشت نه ڪرڻ جهڙا آهن. مهراڻ يونيورسٽي جي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو چيو ته ڪشمير جي ٻارن جيڪي قربانيون ڏنيون آهن انهن جي معصوم ٻارڙن کي گولين سان پروڻ ڪيو ويندو رهيو آهي. قبضي ۾ آيل ڪشمير ڏکاين مان گذري پيو. هن چيو ته اسان انهن جي تڪليفن کي محسوس ڪريون ٿا انهن سان هر محاذ تي گڏ آهيون. هن چيو ته عالمي دنيا ۽ اقوام متحده ڪشمير جي مسئلي جي حل لاءِ اڳتي اچي. پروفيسر ڊاڪٽر ڀواني شنڪر چوڌري چيو ته برطانيا جي يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران اسان ڪشمير جو ڏهاڙو ملهايو جتي لنڊن ۾ پاڪستان جي سفير پڻ شرڪت ڪئي هئي. هن چيو ته حقن جي جدوجهد ۽ انصاف جي ڳالهه ڪرڻ وڏي ڳالهه آهي. پروفيسر ڀواني شنڪر مطابق اسان ڪشميرين سان گڏ بيٺل آهيون. ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالفتاح عباسي مختلف شعبن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين حنين علي، فرمان علي ۽ ٻين مظلوم ڪشميرين کي خراج پيش ڪيو. منعقد تقريب ۾ پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار، رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو، چئني فئڪلٽيز جي ڊينز پروفيسر ڊاڪٽر رضوانڻ ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر خانجي هريجن، پروفيسر ڊاڪٽر اشفاق هاشماڻي، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار لاڙڪ سميت تدريسي ۽ انتظامي شعبن جي سربراهن ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن شرڪت ڪئي.

سکر ضلعي انتظاميه پاران 5 فيبروري يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي شاندار ريلي

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو سکر بشريٰ منصور جي اڳواڻي ۾ ميونسپل اسٽيڊيم کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

ريلي دوران "ڪشمير جي آزادي تائين جدوجهد جاري رهندي"، "ڪشمير آزاد ڪرايو" ۽ "ڀارتي ظلم نامنظور" جا نعرا

پاڪستاني قوم هر فورم تي پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهي ۽ ڪشمير جي آزادي تائين سندن حق ۾ آواز بلند ڪندي رهندي: بشريٰ منصور

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ضلعي انتظاميه پاران 5 فيبروري يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ هڪ شاندار ۽ پرامن ريلي جو اهتمام ڪيو ويو. ريلي سکر ميونسپل اسٽيڊيم کان شروع ٿي سکر پريس ڪلب تي پڄاڻي تي پهتي. ريلي جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو سکر بشريٰ منصور ڪئي جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ساره فراز پڻ سندن گڏ هئي. ريلي ۾ تعليم کاتي سميت مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن ۽ عملي سياسي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن شاگردن شاگردياڻين استادن ۽ سول سوسائٽي سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪستاني ۽ ڪشميري جهنڊن سان يڪجهتي جو مظاهرو ڪيو جڏهن ته ريلي دوران "ڪشمير جي آزادي تائين جدوجهد جاري رهندي"، "ڪشمير آزاد ڪرايو" ۽ "ڀارتي ظلم نامنظور" جا نعرا هنيا ويا، جنهن سان فضا يڪجهتي عزم ۽ حوصلي سان گونججي اٿي. ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي اي ڊي سي ٽو بشريٰ منصور چيو ته ڪشميري عوام مٿان جاري ڀارتي ظلم ڀارت جي بزدلاڻي ۽ جارحاڻي رويي جو چٽو ثبوت آهي. هن چيو ته ڪشميري عوام ڪنهن به صورت ۾ جهڪڻ وڪڻڻ يا هار مڃڻ وارا ناهن ۽ پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد هر حال ۾ جاري رکندا. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستاني قوم هر فورم تي پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهي ۽ ڪشمير جي آزادي تائين سندن حق ۾ آواز بلند ڪندي رهندي. ان سلسلي ۾ يڪجهتي ڪشمير جي اظهار لاءِ احتجاجي ريليون ۽ آگاهي مهم مستقبل ۾ پڻ جاري رکيون وينديون. اي ڊي سي بشريٰ منصور اقوام متحده ۽ عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته والاريل ڪشمير ۾ جاري ڀارتي جارحيت ۽ انساني حقن جي سنگين خلاف ورزين جو فوري نوٽيس وٺي ۽ ڪشميري عوام کي سندن حق خوداراديت ڏيارڻ لاءِ مؤثر ۽ عملي ڪردار ادا ڪري. ريلي جي پڄاڻي تي ڪشميري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ۽ ڪشمير جي آزادي، امن ۽ سلامتي لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون.

حيدرآباد ۾ يوم يڪجهتي ڪشمير جي سلسلي ۾ سياسي، سماجي تنظيمن ۽ سرڪاري ادارن پاران ريليون

ڊي سي زين العابدين ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس کان ريلي ڊي سي آفيس کان نياز اسٽيڊيم تائين ريلي

ڀارت وڏي عرصي کان گڏيل قومن جي قراردادن ڪي جي خلاف ڪشمير تي قابض آهي، جيڪو سراسر ظلم آهي: ڊي سي

ڪشمير جي عوام جي گهرن تي رياستي چڙهايون، تشدد ۽ قتل دنيا جي سامهون اچي چڪا آهن پر عالمي برادري خاموش آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) 5 فيبروري يوم يڪجهتي ڪشمير جي سلسلي ۾ پوري پاڪستان سوڌو حيدرآباد ۾ به زور شور سان ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ ڪالهه مختلف سياسي سماجي تنظيمن ۽ سرڪاري ادارن پاران ريليون ڪڍي ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس کان ريلي ڊي سي آفيس کان نياز اسٽيڊيم تائين ريلي ڪڍي وئي. حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ حيدرآباد پاران محمد علي آزاد، ثمرين اقبال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ڀارت وڏي عرصي کان گڏيل قومن جي قراردادن کي جي خلاف ڪشمير تي قابض آهي. ڀارت ڪشمير جي عوام کان حق آزادي کسي ورتي آهي ڪشمير جي عوام جي گهرن تي رياستي چڙهايون، تشدد ۽ قتل دنيا جي سامهون اچي چڪا آهن جڏهن ته ڪشمير جي تڪراري حيثيت کي ختم ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته پاڪستان جي عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان گڏ آهي ۽ پاڪستان ڪشميري عوام جي سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکندو.

سنڌ حڪومت طرفان حيدرآباد شهر لاءِ پنج ارب رپين جي خصوصي گرانٽ منظور

ميئر ڪاشف علي شورو جي جدوجهد ۽ محنت جي نتيجي ۾ خصوصي گرانٽ منظور ڪئي وئي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ حيدرآباد جي ترقي ۽ عوامي فلاح و بهبود لاءِ خصوصي دلچسپي ظاهر ڪئي

فنڊ جو وڏو حصو حيدرآباد جي نالن، نئين طرز جي روڊن جي تعمير لائبريري جي قيام ۽ ٻين ترقياتي ڪمن لاءِ مختص ڪيو ويو

حيدرآباد(رپورٽ: اعجاز لغاري) سنڌ حڪومت حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن لاءِ موجوده مالي سال دوران شهر جي بحالي ۽ ترقياتي ڪمن کي تيزي سان مڪمل ڪرڻ لاءِ 5.206 ارب رپين جي خصوصي گرانٽ منظور ڪئي آهي.اهي فنڊ حيدرآباد جي ميئر ڪاشف علي شورو جي شهر جي ترقي ۽ عوامي سهولتن لاءِ مسلسل جدوجهد ۽ محنت جي نتيجي ۾ منظور ڪيا ويا آهن.ميئر ڪاشف علي شورو جي قيادت ۽ عملي قدمن سبب شهر ۾ روڊن جي بحالي، نيڪال آب جي نظام ۾ بهتري ۽ بنيادي انفراسٽرڪچر جي ترقي ممڪن بڻبي.پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ حيدرآباد جي ترقي ۽ عوامي فلاح و بهبود لاءِ خصوصي دلچسپي ظاهر ڪئي آهي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو آهي ته شهري فنڊ شفاف ۽ وقت سر استعمال ڪيا وڃن. سندن رهنمائي ۽ ويژن سان شهر ۾ ترقياتي منصوبن جي رفتار وڌيڪ تيز ٿي آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو، ڪمشنر حيدرآباد فياض احمد عباسي، ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ، ميونسپل ڪمشنر ظهور احمد، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن طفيل احمد ابڙو سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي.فنڊ جو وڏو حصو حيدرآباد جي نالن، نئين طرز جي روڊن جي تعمير لائبريري جي قيام ۽ ٻين ترقياتي ڪمن لاءِ مختص ڪيو ويو آهي.پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پارٽي قيادت، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ۽ صوبائي وزير آبپاشي ۽ منصوبه بندي ۽ ترقي جي ڪوششن ۽ لگن سبب حيدرآباد جا شهري جلد بهتر انفراسٽرڪچر ۽ سهولتن مان فائدو حاصل ڪندا.

پ پ اڳواڻ ٽنڊوڄام پريس ڪلب پهتو نئين باڊي کي هار پارايا

ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي نون عهديدارن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

اميد آهي ته نوان عهديدار صحافتي ذميواري غيرجانبداري سان نڀائيندا: مير شير محمد

ٽنڊوڄام (ٽ ر) پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد ٻهراڙي جو اڳوڻي جنرل سيڪريٽري مير شير محمد ٽالپر ٽنڊوڄام پريس ڪلب پهتو نون عهديدارن کي مبارڪباد. خبر موجب پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري مير شير محمد ٽالپر سنڌ آبادگار اتحاد جي مرڪزي اڳواڻ مير صوبدار خان ٽالپر ۽ عادل خاصخيلي ٽنڊوڄام پريس ڪلب پهچي پريس ڪلب جي چونڊيل نون عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني. انهي موقعي تي اڳواڻن ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي نون عهديدارن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته هو صحافتي ذميوارين کي ايمانداري، بهادري ۽ غير جانبداري سان نڀائيندا ۽ علائقي جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. جڏهن ته انهي موقعي تي ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي صدر اورنگزيب ڀٽو آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو. جڏهن ته انهي موقعي تي سينيئر صحافي علي محمد جمالي، حامد گوهر، عمران سوڍو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

ٽنڊوڄام: پريس ڪلب جي نون عهديدارن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

ڪوٽڙي ڪبير ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان سنڌ طرفان پمفليٽ تقسيم

شٽر بند ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال ڪامياب ڪرڻ لاءِ محرابپور ۾ پمفليٽ ورهايا ويا

فارم 47 تي چونڊجي آيل حڪومت خلاف ڪاروبار ۽ ٽرانسپورٽ بند رکڻ جي اپيل

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان سنڌ طرفان شٽر بند ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال ڪامياب ڪرڻ لاءِ محرابپور ۾ پمفليٽ ورهايا ويا. ۽ دعوتون ڏنيون ويون. محرابپور ۾ شاهي بازار، فاروق ڪلاٿ مارڪيٽ ،ٺري ميرواهه روڊ ، سيال آباد روڊ ،ڪوٽڙي محمد ڪبير روڊ، اسٽيشن روڊ ۽ ٻين هنڌن تي دوڪاندارن ۽ ٽرانسپورٽرن ۾ دعوت ناما ورهايا ويا ۽ اپيل ڪئي وئي ته

راشد مغل مولابخش لنڊ مجاهد ساماٽيو عطا حسين سهتو رزاق ملاح، وهاب عباسي، شعيب ٽوناري، سينگار راڄپر، ايس يو پي اڳواڻ قمر حسين شيخ، سرواڻ جوکيو ۽ ٻيا ڪارڪن ساڻ هيا، ان دوران اڳواڻن چيو ته ملڪ ۾ آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ ۽ عمران خان جي آزادي لاءِ جدوجهد جاري رهندي، جڏهن ته 8 فيبروري تاريخ تي ٿيندڙ شٽر بند ۽

گهوٽڪي ۾ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽرائي سيريز 2026 جو انعقاد

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي سنڌ حڪومت جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي پاران اسپورٽس ڪمپليڪس گهوٽڪي ۾ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽرائي سيريز 2026 جو انعقاد ڪيو ويو. ٽورناميٽ جو افتتاح ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس سکر ريجن مير محمد ڪلهوڙو، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر نثار احمد چانڊيو ۽ ڊس ايبل فورم جي صدر نصير احمد ڪهاڙ ڪيو. ٽورناميٽ ۾ گهوٽڪي، خانڳڙهه اوباڙو ۽ حيدرآباد جون چار ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن. ٽورناميٽ ۾ معذور رانديگرن ڀرپور جوش، جذبي ۽ اعليٰ معيار جي راند جو مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس سکر ريجن مير محمد ڪلهوڙو چيو ته يوم يڪجهتي ڪشمير مظلوم ڪشميري عوام جي جدوجهد ۽ قربانين جي ياد ڏياريندڙ ڏينهن آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت معذور رانديگرن کي راندين جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي ۽ ويل چيئر ڪرڪيٽ جهڙا ايونٽس رانديگرن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن. ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر نثار احمد چانڊيو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته صوبائي وزير اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز سردار محمد بخش خان مهر ۽ سيڪريٽري اسپورٽس منور علي مهيسر جي خاص هدايتن تي هي ٽورناميٽ منعقد ڪيو ويو آهي. هن چيو ته معذور رانديگر سماج جو قيمتي اثاثو آهن ۽ انهن کي مناسب پليٽ فارم فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. نثار احمد چانڊيو وڌيڪ چيو ته ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو مقصد نوجوانن ۾ راندين جي فروغ سان گڏ ڪشميري عوام

گڏاپ ٽائون ۾ يوم يڪجهتي ڪشمير جي ريلي

چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ڪشميري عوام جي حقِ خوداراديت جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر جي قيادت هيٺ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي هڪ شاندار ۽ ڀرپور ريلي جو اهتمام ڪيو ويو ريلي ۾ ڪائونسل جي ميمبرن مختلف کاتن جي آفيسرن علائقي جي معزز شخصيتن سماجي اڳواڻن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ريلي جي شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي رکيا هئا، جن تي ڀارتي ظلمن خلاف زوردار نعرا لکيل هئا. شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام جي حقِ خوداراديت جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي ۽ عالمي برادري جي توجهه قبضي هيٺ ڪشمير ۾ جاري انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين ڏانهن ڇڪايو ان موقعي تي خطاب ڪندي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته 5 فيبروري اسان ڪشميري ڀائرن سان مڪمل يڪجهتي جي اظهار طور ملهايون ٿا. هن چيو ته ڀارت ٻنا ڪنهن جواز جي مقبوضه ڪشمير تي زبردستي قبضو ڪري ويٺو آهي جڏهن ته پاڪستاني قوم ڪشميري عوام جي جائز جدوجهد ۾ سندن ڀرپور ساٿ ڏئي رهي آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته انشاءالله ڪشميري عوام جون قربانيون ضرور رنگ لائينديون ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي ۽ ڪشميري عوام جي جدوجهد اسان جي پنهنجي جدوجهد آهي هن چيو ته ڪشميري عوام ڊگهي عرصي کان ڀارتي ظلم ۽ جبر کي منهن ڏئي رهيا آهن پر ان باوجود سندن حوصلا بلند آهن هن گڏيل قومن ۽ عالمي انساني حقن جي ادارن کان مطالبو ڪيو ته اهي قبضي هيٺ ڪشمير ۾ ٿيندڙ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو فوري نوٽيس وٺن

ڪراچي: چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

وڳڻ ۾ جسقم جي اڳوڻي ضلعي صدر کان ڦر واقعي خلاف احتجاج

ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ سامان جي واپسي لاءِ ڪارڪنن احتجاج ڪيو

پوليس انصاف جا سکڻا دلاسا ڏئي رهي آهي، جوابدار گرفتار ڪيا وڃن: مظاهرين

وڳڻ(ن ع) وڳڻ ۾ جسقم جي اڳوڻي ضلعي صدر کان ڦر واقعي جا ڌاڙيل گرفتار نه ٿيڻ تي جسقم ڪارڪنن جو احتجاج ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ سامان جي واپسي جو مطالبو خبر موجب وڳڻ ۾ ڏيڍ مهينو اڳ اڻڄاتل ڌاڙيلن پاران جسقم جي اڳوڻي ضلعي صدر ڪامريڊ مختيار پنهور کان موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦر ڪرڻ واري واقعي جا ڌاڙيل گرفتار نه ٿيڻ تي ڪامريڊ مختيار پنهور ڪامران پنهور شبير ديشي ۽ سجاد پنهور ميڊيا اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي جسقم جي اڳوڻي ضلعي صدر ڪامريڊ مختيار پنهور ڏانهيندي ٻڌايو ته ڏيڍ مهينو اڳ شهر جي باءِ پاس روڊ تي ٽن هٿيارٻندن يرغمال بڻائي ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل رقم موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا ۽ اهڙو ڪيس وڳڻ ٿاڻي تي درج ڪرايو جنهن بعد پوليس شڪ جي بنياد تي ڪجهه گرفتاريون ڪيون جنهن ۾ ملوث ڌاڙيلن جي نشاندهي پڻ ٿي پر پوليس انهن کان ڀري رشوت وٺي ڇڏي ڏنو جڏهن ته اهڙي شڪايت تازو مقرر ٿيل ڊي ايس پي قمرالدين شيخ سان پڻ ڪئي جنهن ايس ايڇ او وڳڻ نظام الدين ڪنڊ کي ڇڏيل ڌاڙيلن کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڪيو پر پوليس هن وقت تائين ٻيهر ڪا گرفتاري ناهي ڪئي پوليس انصاف جا سکڻا دلاسا ڏئي رهي آهي جيڪڏهن ڦر ۾ ملوث ڌاڙيل گرفتار نه ڪيا ويا ته مين روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو ويندو هنن ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته ڌاڙيل گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن (ايپڪا) سکر ضلعي جو اجلاس

اجلاس ۾ آپڪا ملازمن جي ديرينه مسئلن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو

ملازمن جا جائز مطالبا پورا نه ڪيا ويا ته سخت لائحه عمل جوڙينداسين: محبوب ڪوڪر

سکر(بيورو رپورٽ) آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن (ايپڪا) جي ضلعي باڊي جو هڪ اهم اجلاس ايپڪا ضلعي صدر محبوب علي ڪوڪر جي صدارت هيٺ ڊي ايڇ او آفيس سکر ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ايپڪا صوبي سنڌ جي صدر مقبول حسين مهر خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. اجلاس دوران آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي ملازمن جي ديرينه مسئلن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ حڪومتي واعدن تي بي اعتمادي ظاهر ڪئي وئي اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ ايمپلائيز الائنس وانگر اشرف خاصخيلي، سردار شاهه ۽ اشرف ٻوزئي طرفان سال 2020ع ۾ به اهڙي نوعيت جي ايسوسيئيشن قائم ڪئي وئي هئي، جنهن وقت به ملازمن کي صرف دلاسا ڏنا ويا هئا جڏهن ته اڄ به ملازمن جون حالتون ساڳيون ئي آهن اجلاس ۾ واضح طور اعلان ڪيو ويو ته جيڪڏهن ملازمن جا جائز مطالبا پورا نه ڪيا ويا ته آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن 11 فيبروري تي نوابشاهه ۾ ٿيندڙ سنڌ ڪائونسل جي اجلاس ۾ سنڌ حڪومت کي پنهنجو تحريري لائحه عمل جاري ڪندي، ٻي صورت ۾ رمضان المبارڪ کان پوءِ سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندي جنهن جي سموري ذميواري حڪومت سنڌ تي عائد ٿيندي اجلاس ۾ پينشن جي مسئلي کي ريڊ لائن قرار ڏيندي چيو ويو ته اڳ ۾ 65.5 سيڪڙو ڪٽوتي کان پوءِ 15 سيڪڙو پينشن ڏني پئي وڃي پر ان ۾ ڪيل تبديلي ڪنهن به صورت ۾ ملازمن کي قبول ناهي ساڳي طرح ڊي آر اي ۽ گروپ انشورنس نه ملڻ جي ذميواري به مڪمل طور تي حڪومت سنڌ تي عائد ٿئي ٿي اجلاس ۾ شريڪ هيلٿ ۽ پاپوليشن ڊپارٽمينٽ جي ضلعي چيئرمينز ۽ صدرن چيو ته سڄي ضلعي جي ملازمن جن ۾ ميل ۽ فيميل الائونس شامل آهن بابت عملي فائدو نه ملڻ سبب سکر جا سڀ ميل ۽ فيميل ملازم سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن ميٽنگ ۾ ايپڪا ڊسٽرڪٽ چيئرمين محمد پناهه مهر، ڪريم داد بگٽي، الطاف حسين عباسي، تاج سروهي، اسڪارپ ڊويزن مان تاج محمد لغاري ۽ بشير احمد ٽوناري، انرجي ڊپارٽمينٽ مان خليل احمد بروهي، ڪچي آبادي مان محمد صالح ۽ زوهيب لکو جڏهن ته ايريگيشن سکر بئراج ۽ گڊو بئراج جا عهديدارن محمد الياس ميمڻ محمد علي ڀٽو، سليم لوهر، ارشاد لاڙڪ، شعيب بلوچ، احمد علي ۽ سهيل ميراڻي سميت ٻيا پڻ شرڪت ڪئي

سکر: آپڪا جو اجلاس محبوب ڪوڪر جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

مانجهند ٽائون ڪميٽي طرفان ڪسميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي

چيئرمين امتياز علي ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ٽائون آفيس کان ريلي ڪڍي وئي

پاڪستان پنهنجي ڀائرن کي اڪيلو هرگز نه ڇڏيندو: امتياز علي ميمڻ

مانجهند(ن ع) مانجهند ٽائون ڪميٽي طرفان ڪسميرين سان يڪجهتي لاءِ چيئرمين امتياز علي ميمڻ ٽائون آفيسر پرويز دائود راهپوٽو نظر خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽائون آفيس کان شاهي بازار تائين ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪشمير پاڪستان جو اڻٽٽ حصو آهي ڀارتي جارحيت سبب ڪشمير سان ظلم جي انتها ڪئي وئي آهي پاڪستان پنهنجي ڀائرن کي اڪيلو هرگز نه ڇڏيندو هنن وڌيڪ چيو ته پاڪ فوج جي جوانن پنهنجي جان جا نذرانا ڏئي ملڪ جي حفاظت سان ڪشمير سان به گڏ بيٺل آهي مودي سرڪار ڪشميري کي پنهنجي حق وٺڻ کان ڪڏهن به روڪي نٿي سگهي

مانجهند: ٽائون ڪميٽي طرفان ڪسميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

سڄاول ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي

ٽائون ڪميٽي پاران لاڏو چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

والاريل ڪشمير جي تاريخ ڀارتي ظلم ۽ جبر سان ڀري پئي آهي: عبدالحميد ڪٽي

سڄاول (ڊ ر) ٽائون ڪميٽي سڄاول پاران ڪشميرين سان يڪجهتي ۽ والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم خلاف ٽائون ڪميٽي سڄاول پاران مامون لاڏو چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ سول سوسائٽي مختلف انساني حقوق تنظيمن صحافين ۽ ٽائون ڪميٽي عملدارن شرڪت ڪئي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ ڪشميري جهنڊا کڻي ڪشمرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو جڏهن ته ڀارتي ظلم خلاف سخت نعري بازي ڪندي احتجاج پڻ ڪيو ويو ان موقعي تي عبدالحميد ڪٽي، عبدالرشيد ميمڻ، بشير ملاح، زاهد ميندرو، غلام حسين ميربحر، عبدالغني سهتو شاد رزاق ميمڻ چيو ته والاريل ڪشمير جي تاريخ ڀارتي غير قانوني قبضي ۽ مظلوم ڪشميرن تي ڪيل ظلم سان ڀريل آهي پر ڀارت 5 آگسٽ 2019 تي هڪ غيرقانوني ۽ غير آئيني قدم کڻي والاريل ڪشمير جي خصوصي حيثيت ختم ڪئي جيڪا نه رڳو قابل مذمت پر گڏيل قومن جي قراردار جي سخت خلاف ورزي پڻ آهي

5 فروري يوم يڪجهتي ڪشمير

ڪشمير بڻجندو پاڪستان: سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ يڪجهتي طور ريلي

ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي اسان جو قومي، اخلاقي ۽ انساني فرض آهي: ڊاڪٽر الطاف علي سيال

آزادي جي معاهدي موجب مسلمانن جي اڪثريتي علائقن کي پاڪستان سان شامل ٿيڻ گهرجي ها، پر ڀارت ظلم ڪيو

ڀارت ڪشمير ۾ هزارين بيگناهه ڪشميرين کي شهيد ڪري چڪو آهي ۽ اڄ به ظلم جاري آهن: ريلي کي خطاب

AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM
OBSERVANCE OF SOLIDARITY DAY
STANDING UNITED FOR THE FREEDOM, DIGNITY & RIGHTS OF THE PEOPLE OF KASHMIR
WE REMEMBER
WE FEEL
WE STAND TOGETHER
SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM

ٽنڊوڄام: يوم يڪجهتي ڪشمير ريلي ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال محمد اسماعيل ڪنڀر ۽ ڊاڪٽر غياث علي راشدي ۽ ٻيا شريڪ

ٽنڊوڄام (ن ع) ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ڪشميري ڀائرن سان مڪمل يڪجهتي طور ريلي ڪڍي وئي، شاگردن پاران ڪشمير يڪجهتي تي تقريرون ڪيون ويون. خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي جي اسٽوڊنٽس ٽيچرس انگيجمينٽ پروگرام جي ميزباني هيٺ ڊاڪٽر اي ايم شيخ آڊيٽوريم کان ڪراپ پراڊڪشن فيڪلٽي تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ڪئي جڏهن ته ريلي ۾ مختلف فيڪلٽين جا ڊين، تدريسي ۽ انتظامي شعبن جا سربراهه ۽ شاگردن توڙي شاگردياڻين جو وڏو انگ شريڪ ٿيو ان موقعي تي ڊاڪٽر اي ايم شيخ آڊيٽوريم هال ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي اسان جو قومي اخلاقي ۽ انساني فرض آهي. هن چيو ته ڪشميرين ۽ پاڪستانين جون دليون گڏ ڌڙڪن ٿيون. آزادي جي معاهدي موجب مسلمانن جي اڪثريتي علائقن کي پاڪستان سان شامل ٿيڻ گهرجي ها، پر ڀارت نه صرف ڪشمير پر جهوناڳڙهه ۽ حيدرآباد دکن جهڙن علائقن تي به زبردستي قبضو ڪيو. ڊاڪٽر الطاف علي سيال وڌيڪ چيو ته ڀارت ڪشمير ۾ هزارين بيگناهه ڪشميرين کي شهيد ڪري چڪو آهي ۽ اڄ به ظلم جاري آهن. هن انڊس واٽر ٽريٽي جي ڀڃڪڙي جو ذڪر ڪندي چيو ته ڀارت پاڪستان جي پاڻي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ دريائن چناب، راوي ۽ جهلم جي پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ان ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندو. ان موقعي تي چيئرمين اسٽيٽ پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر چيو ته ڪشميري عوام پنهنجي حق خوداراديت لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن ۽ ڀارتي ظلم ڪشميرين جي همت ۽ عزم کي ڪڏهن به ڪمزور نٿا ڪري سگهن. هن چيو ته اسان ڪشميرين جو درد سمجهون ٿا ۽ سنڌ سميت سموري پاڪستاني قوم انهن سان گڏ بيٺل آهي. هن اميد جو اظهار ڪيو ته ڪشمير انشاءالله پاڪستان جو حصو بڻجندو. ان موقعي تي شاگردياڻي مس ڪوثر ۽ همت پسيو ۽ ٻين شاگردن ڪشمير جي حوالي سان تقريرون ڪيون.ان موقعي تي ڊين اينيمل هسبنڊري اينڊ ويٽرنري سائنسز پروفيسر ڊاڪٽر غياث الدين شاهه ڊائريڪٽر ايف ايس ٽي ڊاڪٽر اعجاز حسين سومرو ڊائريڪٽر آئي ٽي سي ڊاڪٽر مير سجاد، ڊاڪٽر پيار علي شر ۽ ڊاڪٽر شهزور سميت شاگردن استادن ۽ مختلف شعبن جي نمائندن شرڪت ڪئي.

نوابشاهه کان پٽ شاهه ويندڙ ٽپالي روڊ جي تعميراتي ڪم ۾ ڪرپشن جو انڪشاف

لنڊو شاخ مٿان قائم موري کي نئين سر تعمير ڪرڻ بدران صرف پلستر ڪري ڪاغذن ۾ نئون ڏيکاريو ويو

موري ڪيترائي سال پراڻي آهي، مختلف هنڌن کان وڏا وڏا ڏار پئجي ويا آهن، مرمت نه ڪئي وئي: ڳوٺاڻا

ٺيڪيدار پنهنجي وقت ۽ پئسو بچائڻ لاءِ پراڻي موري کي مٿان پلستر ڪري نئون ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

سرهاري(ن ع) سرهاري شهر مان گذرندڙ نوابشاهه کان پٽ شاهه ويندڙ ٽپالي روڊ، جيڪو ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تازو تعمير ڪيو ويو آهي ان جي تعميراتي ڪم ۾ ٺيڪيدارن ۽ لاڳاپيل عملدارن جي مبينه ملي ڀڳت سان وڏي پيماني تي ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي. جنهن سبب انساني زندگيون شديد خطري ۾ هيٺ پيل آهن رپورٽن موجب ٽپالي روڊ جي نئين سر تعمير دوران لنڊو شاخ مٿان قائم موري کي نئين سر تعمير ڪرڻ بدران ٺيڪيدارن پراڻي ۽ زبون حال موري تي صرف پلستر ڪري ان کي ڪاغذن ۾ مبينه طور نئون ڏيکاريو آهي جڏهن ته حقيقت ۾ اها موري مڪمل طور ناڪاره بڻجي چڪي آهي.مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته مذڪوره موري ڪيترن ئي سالن پراڻي آهي، موري کي مختلف هنڌن کان وڏا وڏا ڏار پئجي ويا آهن ۽ موري جي پيڙهه مڪمل طور ڪمزور بڻجي ختم ٿي چڪي آهي جڏهن ته هيٺان لوهي سريا ڪٽجي مبينا طور وڪرو ڪيا ويا آهن. جڏهن ته موري جي هيٺيان چاپڙ نڪري رهيا آهن ۽ سريا ظاهر طور نظر اچي رهيا آهن. موري هنڌان هنڌان ڪمزور ٿي چڪي آهي جنهن سبب ڪنهن به وقت وڏو جاني حادثو پيش اچڻ جو خدشو وڌي ويو آهي.رهواسين جو وڌيڪ چوڻ هو ته ٺيڪيدار پنهنجي وقت ۽ پئسو بچائڻ لاءِ پراڻي موري کي مٿان پلستر ڪري نئون ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيڪو سڌي ريت انساني جانين سان کيڏڻ جي برابر آهي. جڏهن ته ٺيڪيدار کي قانون موجب روڊ سان گڏوگڏ شاخن ۽ واهن مٿان سڀ پلون موريون نئين سر مضبوط بنيادن تي تعمير ڪرڻيون آهن پر هو اهي نيون تعمير ڪرڻ بجاءِ پراڻين مٿان پلستر ڪري نئون ڏيکاريون پيون وڃن.علائقي واسين حڪومت سنڌ، صدر پاڪستان،صوبائي وزير جيل خانا اينڊ ورڪس اينڊ سروس حاجي علي حسن زرداري آرمي چيف ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽپالي روڊ جي تعمير ۾ ڪرپشن ڪندڙ ٺيڪيدارن ۽ ملوث عملدارن خلاف فوري نوٽيس وٺي سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي خطري هيٺ آيل سوين انساني زندگين کي بچايو وڃي ۽ لنڊو شاخ مٿان موري کي نئين سر مضبوط بنيادن تي تعمير ڪرائي عوام مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

سنڌ حڪومت طرفان حيدرآباد شهر لاءِ پنج ارب رپين جي خصوصي گرانٽ منظور

ميئر ڪاشف علي شورو جي جدوجهد ۽ محنت جي نتيجي ۾ خصوصي گرانٽ منظور ڪئي وئي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ حيدرآباد جي ترقي ۽ عوامي فلاح و بهبود لاءِ خصوصي دلچسپي ظاهر ڪئي

فنڊ جو وڏو حصو حيدرآباد جي نالن، نئين طرز جي روڊن جي تعمير لائبريري جي قيام ۽ ٻين ترقياتي ڪمن لاءِ مختص ڪيو ويو

حيدرآباد(رپورٽ: اعجاز لغاري) سنڌ حڪومت حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن لاءِ موجوده مالي سال دوران شهر جي بحالي ۽ ترقياتي ڪمن کي تيزي سان مڪمل ڪرڻ لاءِ 5.206 ارب رپين جي خصوصي گرانٽ منظور ڪئي آهي.اهي فنڊ حيدرآباد جي ميئر ڪاشف علي شورو جي شهر جي ترقي ۽ عوامي سهولتن لاءِ مسلسل جدوجهد ۽ محنت جي نتيجي ۾ منظور ڪيا ويا آهن.ميئر ڪاشف علي شورو جي قيادت ۽ عملي قدمن سبب شهر ۾ روڊن جي بحالي، نيڪال آب جي نظام ۾ بهتري ۽ بنيادي انفراسٽرڪچر جي ترقي ممڪن بڻبي.پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ حيدرآباد جي ترقي ۽ عوامي فلاح و بهبود لاءِ خصوصي دلچسپي ظاهر ڪئي آهي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو آهي ته شهري فنڊ شفاف ۽ وقت سر استعمال ڪيا وڃن. سندن رهنمائي ۽ ويژن سان شهر ۾ ترقياتي منصوبن جي رفتار وڌيڪ تيز ٿي آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو، ڪمشنر حيدرآباد فياض احمد عباسي، ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ، ميونسپل ڪمشنر ظهور احمد، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن طفيل احمد ابڙو سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي.فنڊ جو وڏو حصو حيدرآباد جي نالن، نئين طرز جي روڊن جي تعمير لائبريري جي قيام ۽ ٻين ترقياتي ڪمن لاءِ مختص ڪيو ويو آهي.پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پارٽي قيادت، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ۽ صوبائي وزير آبپاشي ۽ منصوبه بندي ۽ ترقي جي ڪوششن ۽ لگن سبب حيدرآباد جا شهري جلد بهتر انفراسٽرڪچر ۽ سهولتن مان فائدو حاصل ڪندا.

دادو ۾ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ريلي

ڊي سي سيڪريٽريٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

ريلي دوران پاڪستان زنده باد ۽ ڪشمير بڻجندو پاڪستان جا فلڪ شگاف نعرا

ميهڙ(ن ع) دادو ۾ يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ڊي سي سيڪريٽريٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه ايس ايس پي ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي ۽ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر سيد امداد حسين شاهه ڪئي. اي ڊي سي اسسٽنٽ ڪمشنر مختيارڪار ٽي ايڇ او ۽ نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊيولپمينٽ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد صادق عالماڻي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن عزيز الله پنهور اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لٽريسي منظور علي ڏٽون فوڪل پرسن وي سي ڊي غلام مصطفيٰ ٻين سينيئر فيلڊ آفيسرن طارق پنهور عبدالنويد ابڙو ۽ اعجاز عباسي پڻ ريلي ۾ شامل هئا. جڏهن ته تعليم کاتي جي آفيسرن لياقت نائچ، نياز ابڙو سميت ٻين سرڪاري آفيسرن ۽ شهرين جي وڏي انگ ريلي ۾ حصو ورتو. ريلي دوران پاڪستان زنده باد ۽ ڪشمير بڻجندو پاڪستان جا فلڪ شگاف نعرا هنيا ويا. ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار ۽ ڀارتي ظلمن خلاف ريلي جي شروعات کان اڳ هڪ منٽ جي ماٺ اختيار ڪئي وئي.

5 FEBRUARY KASHMIR DAY
KASHMIR DAY
ڪشمير
KASHMIR
FREEDOM

ميهڙ: ڊي سي سيڪريٽريٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن (ايپڪا) جو هڪ اهم اجلاس

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن (ايپڪا) جو هڪ اهم اجلاس سکر ۾ صوبائي صدر جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو، جنهن ۾ سرڪاري ملازمن کي درپيش ديرينه مسئلن ۽ حڪومتي واعدن تي عملدرآمد نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي صوبائي صدر مقبول احمد مهر، ڊسٽرڪٽ چيئرمين محمد پناهه مهر، الطاف حسين عباسي صدر آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن ضلع سکر محبوب ڪوڪر، ڪريم داد بگٽي، تاج سروهي ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سال 2020ع ۾ به اهڙي نوعيت جي ايسوسيئيشن قائم هئي، ان وقت به اشرف خاصخيلي، اشرف ٻوزئي ۽ سردار شاهه سرڪاري ملازمن کي رڳو دلاسائون ڏيندا رهيا، جڏهن ته اڄ به ملازمن جا مسئلا جيئن جو تيئن برقرار آهن اجلاس دوران واضح طور تي اعلان ڪيو ويو ته جيڪڏهن سرڪاري ملازمن جا جائز مطالبا پورا نه ڪيا ويا ته آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن رمضان المبارڪ کان پوءِ وزيراعليٰ سنڌ جي رهائشگاهه آڏو احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندي، جنهن جي سموري ذميواري حڪومت تي عائد ٿيندي اجلاس ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته هيلٿ ڊپارٽمينٽ طرفان سڄي ضلعي سطح تي باڊي جي ميٽنگ منعقد ڪئي وئي، پر ان جي باوجود ملازمن جي الائونس بابت ڪا به عملي بهتري سامهون نه اچي سگهي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سکر جي سڀني سرڪاري کاتن جا ميل ۽ فيميل ملازم اجا تائين سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن پينشن جي مسئلي کي "ريڊ لائن" قرار ڏيندي اڳواڻن چيو ته اڳ ۾ 65.5 سيڪڙو ڪٽوتي کان پوءِ 15 سيڪڙو پينشن ڏني پئي وڃي، پر ان ۾ ڪيل تبديليون ملازمن لاءِ ڪنهن به صورت قابل قبول ناهن آخر ۾ صوبائي صدر مقبول احمد مهر اعلان ڪيو ته 11 فيبروري تي ايپڪا سنڌ ڪائونسل جو هنگامي مشاورتي اجلاس شهيد بينظير آباد ۾ طلب ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ايندڙ لائحه عمل جو باضابطه اعلان ڪيو ويندو.

ميهڙ ۾ گمس اسپتال جي ملازم جي گهر مان چوري

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ چورين جون وارداتون وڌڻ لڳيون گمز اسپتال ميهڙ جي رهائشي ڪوارٽرن ۾ گمس اسپتال جي ملازم فياض علي مهيسر جي گهر ۾ نامعلوم چور داخل ٿي سندس الهه تلهه 70 هزار ڪيش رقم ٽي موبائل فون ڪپڙا قيمتي سامان کڻي فرار ٿي ويا ٻئي طرف فياض علي مهيسر ٻڌايو ته نامعلوم چور گهر ۾ رات جو داخل ٿي پيسا روڪ رقم موبائل

ڏگهڙي ۾ سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ اسٽال قائم

سستي اگهه تي اٽي جي فراهمي خوراڪ کاتي جي اولين ترجيح آهي: ڊاڪٽر وسيم ابڙو

۽ ضرورت مند ماڻهن کي نظر ۾ رکندي سستا اٽو اسٽال قائم ڪيا ويا آهن

ڏگهڙي (ن ع) سنڌ حڪومت جي خوراڪ کاتي جي هدايتن تحت ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر ميرپورخاص پاران شهر جي مختلف علائقن ۾ سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ اسٽال قائم ڪيا ويا آهن جتي عوام کي سرڪاري اگهن تي معياري اٽو مهيا ڪيو پيو وڃي هن قدم جو مقصد مهانگائي کان متاثر شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ روزاني جي بنيادي ضرورتن جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ آهي.ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر ميرپورخاص ڊاڪٽر وسيم ابڙو چيو ته سنڌ حڪومت جون واضح هدايتون آهن ته عوام کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي، خاص طور تي اٽي جهڙي بنيادي ضرورت کي سستن اگهن تي عام ماڻهو جي پهچ ۾ رکيو وڃي. هن چيو ته سستي اگهه تي اٽي جي فراهمي خوراڪ کاتي جي اولين ترجيح آهي ۽ ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي.ڊاڪٽر وسيم ابڙو وڌيڪ چيو ته شهر جي گهٽي آبادي وارن علائقن ۽ ضرورت مند ماڻهن کي نظر ۾ رکندي سستا اٽو اسٽال قائم ڪيا ويا آهن جتي روزاني بنياد تي اٽي جي دستيابي کي يقيني بڻايو پيو وڃي. هن واضح ڪيو ته اٽي جي معيار ۽ قيمت تي سخت نگراني ڪئي پئي وڃي ته جيئن عوام کي ڪنهن به قسم جي شڪايت جو منهن نه ڏسڻو پوي.هن لاڳاپيل عملدارن ۽ اسٽاف کي هدايت ڪئي ته اسٽالن تي نظم و ضبط برقرار رکيو وڃي ۽ شهرين سان خوش اخلاقي سان پيش اچن. گڏوگڏ هن چيو ته جيڪڏهن ڪٿي به اٽي جي ڪوٽ، اوورچارجنگ يا ڪنهن ٻي بي ضابطگي جي شڪايت ملي ته فوري ڪارروائي ڪئي ويندي.

10 1040
10 1070

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻاهوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 06 فيبروري 2026ع

پاڪ-قازقستان روڊ ميپ: خوشحاليءَ ڏانهن سفر!

پاڪستان ۽ قازقستان وچ ۾ تازو ٿيندڙ اعليٰ سطحي ملاقاتون ۽ 37 مفاهمتي يادداشتن توڙي معاهدن تي صحيحون رڳو ٻن ملڪن جي لاڳاپن ۾ واڌ جو اظهار ناهن، پر هي قدم خطي جي معاشي، واپاري ۽ اسٽريٽجڪ مستقبل لاءِ به اهم سنگِ ميل جي حيثيت رکن ٿا. ٻنهي ملڪن جو ايندڙ ٻن سالن ۾ واپاري حجم هڪ ارب ڊالر تائين پهچائڻ جو عزم ۽ پنج سالن جي روڊ ميپ تي اتفاق ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اسلام آباد ۽ آستانه هاڻي روايتي دوستيءَ کي عملي معاشي شراڪت ۾ تبديل ڪرڻ چاهين ٿا. پاڪستان ۽ قازقستان وچ ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا جا اهم ملڪ آهن جن جي جاگرافيائي حيثيت قدرتي طور تي کين واپار ۽ ٽرانزٽ لاءِ هڪ ٻئي سان ڳنڍي ٿي، قازقستان وچ ايشيا جو وڏو ملڪ آهي، جنهن وٽ توانائي، معدنيات ۽ زراعت جا وسيع وسيلا آهن جڏهن ته پاڪستان کي سمنڊ تائين رسائي حاصل آهي، جيڪا قازقستان سميت وچ ايشيائي رياستن لاءِ انتهائي اهم آهي. وزيراعظم شهباز شريف جو اهو بيان ته پاڪستان وچ ايشيائي رياستن کي بندرگاهن تائين رسائي ڏئي سگهي ٿو دراصل هڪ اهڙي اسٽريٽجڪ سوچ جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪا نه صرف پاڪستان جي معاشي اهميت وڌائي ٿي، پر سڄي خطي ۾ رابطن جي نئين دور جي شروعات پڻ ٿي سگهي ٿي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ ريل ۽ روڊ منصوبن کي "گيم چينجر" قرار ڏيڻ ڪا معمولي ڳالهه ناهي. پاڪستان کان روس تائين ٽرانسپورٽ ڪوريڊور جو تصور جيڪڏهن عملي صورت اختيار ڪري ٿو ته اهو واپار، توانائي ۽ لاجسٽڪس جي ميدان ۾ وڏيون تبديليون آڻي سگهي ٿو اهڙي ڪوريڊور سان پاڪستان صرف هڪ صارف مارڪيٽ نه رهندو، پر خطي جو اهم ٽرانزٽ حب بڻجي سگهي ٿو ان سان روزگار جا موقعا وڌندا لاجسٽڪس سيڪٽر مضبوط ٿيندو ۽ غير ملڪي سيڙپڪاريءَ کي به هٿي ملندي.

توانائي، تعليم، صحت، رانديون، ماحولياتي تبديلي مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل ترقي جهڙن شعبن ۾ سهڪار جا معاهدا ان ڳالهه جو اشارو آهن ته پاڪستان ۽ قازقستان جا لاڳاپا هاڻي رڳو واپار تائين محدود ناهن پر انساني ترقي ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ تائين وڌي رهيا آهن. خاص طور تي ماحولياتي تبديلي ۽ ڊجيٽل ترقيءَ جهڙا موضوع اڄ جي دنيا ۾ انتهائي اهم آهن. جيڪڏهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ هن شعبي ۾ گڏيل تحقيق ڄاڻ جي ڏي وٺ ۽ ٽيڪنالاجي جي منتقلي ٿئي ٿي، ته ان جا فائدا صرف ٻن ملڪن تائين محدود نه رهندا. قازقستان جي صدر قاسم جومارت توڪايئوف جو پاڪستان جي دفاعي ترقيءَ بابت بيان پڻ خاص اهميت رکي ٿو عالمي سطح تي پاڪستان جي دفاعي صلاحيتن جي سڃاڻپ ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جي واکاڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان کي هاڻي هڪ ذميوار ۽ قابلِ اعتماد شراڪتدار طور ڏٺو وڃي ٿو اهڙي سڃاڻپ سفارتي ميدان ۾ پاڪستان جي موقف کي مضبوط ڪري ٿي، خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن علائقائي ۽ عالمي سطح تي سياسي تڪرار وڌي رهيا آهن. ٻنهي ملڪن جو غزه بورڊ آف پيس جو ميمبر هجڻ ۽ غزه ۾ مستقل امن ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعاگو هجڻ به اهو ظاهر ڪري ٿو ته پاڪستان ۽ قازقستان عالمي مسئلن تي گڏيل سوچ رکن ٿا. هيءَ ڳالهه مستقبل ۾ ٻنهي ملڪن جي گڏيل سفارتي حڪمت عمليءَ لاءِ پڻ اهم ثابت ٿي سگهي ٿي، خاص طور تي مسلم دنيا ۽ ترقي پذير ملڪن جي مسئلن تي. البت، صرف معاهدن تي صحيحون ڪرڻ ڪافي ناهي، پاڪستان ماضيءَ ۾ به ڪيترن ئي ملڪن سان وڏا واعدا ۽ معاهدا ڪيا آهن پر عملي سطح تي انهن مان ڪيترائي نتيجا نه ڏئي سگهيا. هاڻي ضروري آهي ته پاڪستان ۽ قازقستان ٻئي پنهنجي ادارن کي فعال بڻائن، بيوروڪريٽڪ رڪاوٽن کي گهٽ ڪن ۽ خانگي شعبي کي به اعتماد ۾ وٺن. خاص طور تي پاڪستان کي پنهنجي اندروني معاشي مسئلن، توانائي بحران ۽ پاليسيءَ ۾ تسلسل جي کوٽ جهڙن مسئلن کي حل ڪرڻو پوندو ته جيئن غير ملڪي سيڙپڪار واقعي اعتماد سان اڳتي اچي سگهن.

پنهنجو گهر: باوقار زندگي، مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان!

محمد طارق

رهائش لاءِ گهٽ قيمت وارن گهرن جي فراهمي سماجي ڀلائي معاشي استحڪام، سماجي هم آهنگي ۽ قومي ترقيءَ جو هڪ موثر ذريعو آهي تاريخي حوالي سان ڏٺو وڃي ته اهي حڪومتون جن گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن کي گهر جو مالڪ بڻايو انهن کي ان حقيقت جي خبر هئي ته ماڻهن کي پنهنجو گهر ڏيڻ انهن جي مستقبل ۽ قومي مستقبل ۾ وڏي سيڙپڪاري آهي پاڪستان جهڙو ملڪ جتي رهائش جي کوٽ آهي شهري آباديءَ ۾ تيزيءَ سان واڌ ٿي رهي آهي ۽ باقاعده مالي امدادن تائين رسائي محدود آهي رهائش ۽ معاشي ترقيءَ جي وچ ۾ لاڳاپو استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو اسان جو بئنڪنگ نظام خاص ڪري اهي ادارا جيڪي شرعي ڪمپلائينٽ مالي حل فراهم ڪري رهيا آهن اهي قومي خواهش کي عملي صورت ڏئي سگهن ٿا.

اقتصادي تعاون ۽ ترقيءَ جي تنظيم (او اي سي ڊي) جي تازن انگن اکرن موجب ترقي يافته معيشتن ۾ 71 سيڪڙو گهراڻا يا ته پنهنجي گهر جا مڪمل مالڪ آهن يا رهن (مارگيج) ذريعي گهر جا مالڪ ٿي چڪا آهن، جڏهن ته 24 سيڪڙو آبادي ڪرايي جي گهرن ۾ رهي ٿي. مثال طور وچ اوڀر ۽ مشرقي يورپ جي ملڪن ۾ گهرن جي ملڪيت جي شرح 70 سيڪڙو کان مٿي آهي، جنهن جو وڏو سبب سوشلسٽ دور کان پوءِ ٿيندڙ نجڪاري آهي، جيڪا هڪ دورانديش پاليسيءَ جو نتيجو هئي. ان هوندي به پنهنجو گهر حاصل ڪرڻ اڃان به وڏو چيلنج بڻيل آهي. 2010ع کان پوءِ ڪيترن ئي ملڪن ۾ گهرن جي قيمت ۽ آمدنيءَ جي تناسب ۾ نمايان واڌ آئي آهي. او اي سي ڊي ۾ اها اوسط انڊيڪس 2024ع ۾ 116.2 تائين پهچي ويو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته 2015ع کان پوءِ گهرن جون قيمتون آمدنيءَ جي واڌاري جي ڀيٽ ۾ 16 سيڪڙو کان وڌيڪ وڌي چڪيون آهن. ان حوالي سان سنگاپور جو مثال نمايان آهي. ملڪ جي قيام جي ابتدائي دور ۾ ئي سنگاپور ۾ گهٽ قيمت واري رهائش جي پاليسي لاڳو ڪئي وئي هئي، جنهن جي ڪري اڄ اٽي 90 سيڪڙو کان وڌيڪ شهري سرڪاري مدد يا سبسڊي ٿيل فليٽن ۾ رهن پيا ۽ گهر جي ملڪيت جي شرح تقريبن 90 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي. سنگاپور جي مثال مان ظاهر ٿئي ٿو ته هڪ جامع ۽ شموليتي پاليسيءَ هيٺ نه رڳو گهر جي ملڪيت ڏئي سگهجي ٿي پر اهڙا بااختيار شهري به پيدا ٿي سگهن ٿا، جيڪي پنهنجي ڪميونٽي ۽ معيشت ٻنهي ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهن ٿا. پاڪستان ۾ وڏي پيماني تي رهائش جي کوٽ آهي، خاص طور تي گهٽ ۽ وچولي آمدنيءَ وارن گهراڻن لاءِ، جن لاءِ روايتي طور تي رهڻ جون شرطون پوريون ڪرڻ آسان نٿيون ٿين يا اهي قرض وٺڻ جي اهل نه هوندا آهن. سيڙپڪاري ۽ قومي معيشت کي فروغ ڏيڻ جي مقصد تحت اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان (ايس بي پي) "منهنجو گهر، منهنجو آستانو" جي شروعات ڪئي آهي. انهيءَ اسڪيم تحت مالي مدد فراهم ڪئي وئي آهي ۽ بئنڪن کي خطري ۾ شراڪتدار پڻ بڻايو ويو آهي ته جيئن وڌيڪ کان وڌيڪ ماڻهن لاءِ گهر جي ملڪيت ممڪن بڻائي سگهجي. گهٽ قيمت وارن گهرن جي فراهميءَ ۾ مقامي بئنڪون اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. انهن ۾ ڊيمانشنگ مشارڪ متعارف ڪرائيندڙ فيصل بئنڪ کي خاص اهميت حاصل آهي. انهيءَ ماڊل تحت بئنڪ ۽ گراهڪ گڏيل مالڪ ٿين ٿا، جيستائين گراهڪ مڪمل طور تي ملڪيت حاصل نه ڪري. ان سان گڏ ايف بي ايل اخوت سان شراڪتداري ڪئي آهي ته جيئن گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن جي سڃاڻپ ٿي سگهي ۽ انهن کي مالي مدد ڏني وڃي. فيصل بئنڪ ان قدم تحت رهائش ۽ تعميراتي مالي مقصدن کي فروغ ڏئي رهيو آهي. پاڪستاني بئنڪون، خاص ڪري اهي بئنڪون جيڪي شرعي ڪمپلائينٽ مالي حل فراهم ڪن ٿا، نه رڳو پنهنجا سماجي مقصد پورا ڪري رهيا آهن پر پنهنجي مارڪيٽ گهٽ سهولتن وارن طبقن تائين پڻ وسيع ڪري رهيا آهن.

اسلامي بئنڪنگ جا فائدا پاڪستاني مارڪيٽ ۾ نمايان ڏسڻ ۾ آيا آهن اسلامي مالي نظام اهڙو ڍانچو فراهم ڪري ٿو، جيڪو روايتي وياج واري نظام کان پاڪ آهي اهو اهڙي ملڪ لاءِ اهم آهي، جتي شرعي ڪمپلائينٽ شين کي ترجيح ڏني وڃي ٿي ڊيمانشنگ مشارڪت ماڊل ان جو بهترين مثال آهي ان ۾ بئنڪ ۽ گراهڪ گڏيل مالڪ ٿين ٿا. گراهڪ ڪرائي سان گڏ پنهنجي ملڪيت ۾ آهستي آهستي واڌارو ڪندو آهي ۽ آخر ۾ مڪمل مالڪ بڻجي وڃي ٿو، ڇو ته اهو ڍانچو خالص قرض جي بجاءِ گڏيل ملڪيت تي ٻڌل هوندو آهي. ان ڪري ڪيترين ئي رڪاوٽون ختم ٿي وڃن ٿيون، جيڪي گهٽ آمدنيءَ وارن کي پيش اچن ٿيون. ادائيگيءَ جي مدو وڌائي سگهجي ٿو، ڊائون پيمنٽ گهٽائي سگهجي ٿي ۽ ضمانت ۽ ڪريڊٽ هسٽريءَ کي حالتن موجب ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. "رهائش سڀني لاءِ" جي قومي ايجنڊا تحت هيءَ هڪ حڪمتِ عملي ۽ موثر ذريعو آهي علمي سطح تي ڏٺو وڃي ته اهي ملڪ جن رهائش کي پنهنجي معاشي ترقيءَ جي بنيادي ڍانچي جو حصو بڻايو آهي، انهن وڌيڪ پائيدار ۽ مثبت نتيجا حاصل ڪيا آهن.

انهن علمي مشاهدن کي امڪاني نظر ۾ ترتيب ڏيڻ لاءِ بئنڪن کي رگيوليٽرز، هائوسنگ ادارن ۽ بلڊرز سان شراڪتداري ڪرڻي پوندي، مالي شين کي انهن طبقن ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو، جن لاءِ اها سهولت آسان رسائيءَ ۾ ناهي (جهڙوڪ پهريون ڀيرو گهر خريد ڪندڙ گهٽ آمدنيءَ وارا خاندان، رسمي ۽ غير رسمي شعبن سان لاڳاپيل ڪارڪن وغيره). ادائيگيءَ جي مدت اهڙي ڊگهي هجي جو ماهوار قسطن کي برداشت ڪري سگهجي ڊائون پيمنٽ ۽ ڏيڻ وٺڻ جا خرچ گهٽ ڪيا وڃن يا سبسڊي ڏني وڃي ۽ شرعي ڪمپلائينٽ ملي

آمريڪا جي فضائن مان

فاطمه ڀٽو جي ماٺيٺي دانهن، ناڪام محبت ۽ ڀٽو نالي جي ڇانوَ ۾ ٽين نسل جي ڪهاڻي

راجا زاهد اختر خانزاده

فاطمه ڀٽو سان منهنجو پهريون تعارف ڪنهن ادبي ميلي، ڪتابي تقريب يا ڪنهن بين الاقوامي فورم وسيلي نه ٿيو هو. مون ڪيس پهريون ڀيرو تڏهن ڏٺو جڏهن هوءَ پنهنجي والد جي اچڻ کان اڳ سموري سنڌ ۾ ٿيندڙ سياسي دورن دوران پنهنجي والده غنويٰ ڀٽو سان گڏ شرڪت ڪندي هئي. ان وقت هوءَ ننڍي ڄمار جي هئي، ۽ ڪيس ڪڇ ۾ سندس ننڍڙو ڀاءُ ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر هوندو هو. ٽنڊوالهيار جو اهو سياسي ماحول اڄ به ذهن ۾ تازو آهي، جڏهن عبدالغني درس پيپلز پارٽيءَ کان ناراض ٿي پي پي پي شهيد ڀٽو ۾ شامل ٿيو هو ۽ اهو ان وقت هڪ وڏي خبر بڻيل هو. ساڳي فضا ۾، ساڳئي سياسي قافلي سان گڏ، مون پهريون ڀيرو ٽنڊو الهيار ۾ عبدالغني درس جي رهائشگاهه تي فاطمه ڀٽو جو چهرو ڏٺو. ان لمحي مون کي اهو اندازو نه هو ته هن خاموش چهري جي پويان مستقبل ۾ اهڙي زندگي لڪل هوندي، جنهن جا زخم سالن کان پوءِ لفظن جي صورت ۾ دنيا آڏو ظاهر ٿيندا.

فاطمه ڀٽو پاڪستان جي تاريخ جي سڀ کان سگهاري، ٽڪراري پر فيصلائتي وزيراعظم، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پوٽي آهي. ڀٽو نالو هن ملڪ جي سياست ۾ اقتدار جو مترادف بڻجي چڪو آهي. عوامي مقبوليت سياسي جماعت، رياستي ڍانچي تي اثر ۽ عالمي سطح تي سڃاڻپ پر هن نالي سان گڏ قربانين جي هڪ ڏکي فهرست به جڙيل آهي، جنهن کي پاڪستان جي سياسي تاريخ کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي، سندس ننڍي پٽ شاهنواز ڀٽو جو پُراسرار قتل، بينظير ڀٽو جي وزيراعظم هئڻ دوران سندس ڀاءُ ۽ فاطمه ڀٽو جي والد مير مرتضيٰ ڀٽو جو قتل ۽ پوءِ خود بينظير ڀٽو جي شهادت، اهي سڀ رڳو واقعا نه آهن پر هڪ خاندان پاران ادا ڪيل اها قيمت آهي جيڪا اڄ به قومي ضمير تي لکيل آهي.

هاڻي ساڳئي سلسلي جو ٽيون نسل اسان جي سامهون آهي. هڪ پاسي بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصفه ڀٽو آهن پر انهن سڀني قربانين جو سڀ کان وڌيڪ سياسي فائدو وٺندڙ محترمه بينظير ڀٽو جو مڙس آصف علي زرداري ۽ سندس ڀيڻ فريال ٽالپور آهن جن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي تي نه رڳو اقتدار ۽ پارٽيءَ تي گرفت حاصل ڪئي، پر پنهنجي جائيدادن ۽ سياسي اثر رسوخ ۾ به واڌ ڪئي، ٻئي پاسي ساڳئي ٽين نسل ۾ فاطمه ڀٽو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر آهن. هڪ وقت هو جڏهن قياس آرايون هيون ته شايد فاطمه ڀٽو عملي سياست ۾ قدم رکندي پر هن شعوري طور ان رستي کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي. ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر جيڪو سندس ننڍو ڀاءُ آهي، هاڻي سياست ۾ اچي چڪو آهي، پر اڃا تائين هو ان مقام ۽ قوت تائين نه پهچي سگهيو آهي، حالانڪ سنڌ جي عوام جي هڪ وڏي اڪثريت اڄ به هن خاندان کي پنهنجو سياسي پير و مرشد سمجهي ٿي. هن فرق جو بنيادي سبب پارٽيءَ تي ڪنٽرول ۽ تنظيمي اختيار جو اهو مرڪز آهي، جنهن هڪ ڌر کي طاقت جي دل تائين پهچايو ۽ ٻئي ڌر کي سياسي حاشيي تي محدود ڪري ڇڏيو. اهڙي پس منظر ۾ فاطمه ڀٽو پنهنجي تازو انٽرويوءَ وسيلي هڪ بلڪل مختلف محاذ تي سامهون اچي ٿي اها جنگ نه جلسن ۾ وڙهي وڃي ٿي، نه عدالتن ۾، پر اها انسان جي اندر سندس اعتماد جي اندر ۽ سندس خاموشيءَ جي اندر وڙهي وڃي ٿي.

تازو برطانيا جي مشهور اخبار دي گارڊين ۾ شايع ٿيل فاطمه ڀٽو جو انٽرويو ظاهري طور سندس ايندڙ يادداشت The Hour of the Wolf يعني "خاموش اذيت جا لمحات" جو تعارف لڳي ٿو پر حقيقت ۾ اهو هڪ گهرو ۽ دردناڪ اعتراف آهي. The Hour of the Wolf ۾ بگهڙ جو استعارو رڳو هڪ جهنگلي جانور بگهڙ جي علامت نه آهي پر انساني ۽ رياستي جبلت جي ان اونداهي پهلوءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو جيڪو خوف، بک ۽ اختيار جي خواهش ۾ پنهنجن ئي رشتن ۽ پنهنجن ئي شهرين کي ڳهي وڃي ٿو. روايت موجب برفاني سردين ۾ جڏهن بگهڙ کي شڪار نٿو ملي ته پوءِ اهي پنهنجي جهنڊ ۾ ان ساٿيءَ جي ڪرڻ پوڻ جو انتظار ڪندو آهي، جيڪو بک ۽ ڪمزوريءَ سبب بيحال ٿي وڃي ٿو. جيئن ئي ڪو ڪمزور بگهڙ زمين تي ڪري ٿو سڄو جهنڊ گڏجي ان کي شڪار بڻائي ڇڏي ٿو. هي اهو ئي لمحو آهي ۽ اها ئي هن استعاري جي اصل معنويت آهي. جڏهن خطرو ٻاهر کان نه پر اندر کان جنم وٺي ٿو ۽ بقا جي نالي تي پنهنجن کي ئي قربان ڪيو وڃي ٿو.

فاطمه ڀٽو جي ڪهاڻيءَ ۾ جبر ڪنهن اجنبيءَ جي هٿان نٿو اچي، پر ان ئي شخص کان اچي ٿو جنهن کي محبت اعتماد ۽ پنهنجائپ جو نالو ڏنو وڃي ٿو. سڀ کان خطرناڪ لمحو اهو هوندو آهي، جڏهن ظلم ٻاهر کان حملو نه ڪري، پر اندر کان رشتن جي نالي تي حفاظت جي دعوائن سان جنم وٺي. اِها ئي اُها ساعت آهي، جڏهن محبت آهستي آهستي شڪار ۾ تبديل ٿيڻ لڳي ٿي ۽ اصل ۾ هي سڀ ڪجهه هڪ عورت جي اندر جي اها هاڪ آهي، جيڪا دانهن نٿي ڪري، پر آهستي آهستي انسان جي هڏين ۾ لهندي وڃي ٿي.

فاطمه ڀٽو پنهنجي هڪ ڏکئي تعلق جو ذڪر ڪري ٿي، جيڪو لڳ ڀڳ ٻارهن ورهيه سندس زندگيءَ جي چوڌاري گهمندو رهيو. هوءَ ان شخص جو نالو نٿي کڻي، رڳو ڪيس The Man سڏيندي آهي. اها ئي بي نالي هجڻ هن ڪهاڻيءَ جو سڀ کان گهرو استعارو آهي. ڇو ته جبر گهڻا ئي ڀيرا نالي کان سواءِ به پنهنجو ڪم ڪندو رهي ٿو هوءَ ٻڌائي ٿي ته هوءَ اهو سڀ ڪجهه بيان ڪرڻ نٿي چاهي، شرم هو جهجهڪ هئي ۽ اندر هڪ سخت تڪليف هئي، پر پوءِ هن اهو سوچي پنهنجو ذاتي راز ظاهر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته شايد ان وسيلي هوءَ انهن عورتن جي مدد ڪري سگهي، جيڪي محبت ۾ ڌوڪي ۽ اذيت جو شڪار ٿين ٿيون. فاطمه جي لفظن جو مطلب اهو ئي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ٻي عورت اڳ ئي اهڙيون حقيقتون لکيون هجن ها ته شايد ڪيس به ڪو سهارو ملي ها، شايد ڪيس به اهو نقشو ملي ها ته تڪليف جي اندر مان نڪرڻ جو رستو ڪهڙو هوندو آهي. هتي فاطمه ڀٽو جي ڪهاڻي رڳو هڪ انڪشاف نه رهي ٿي، پر هڪ دستاويز بڻجي وڃي ٿي، ڇو ته هوءَ جنهن خاندان سان تعلق رکي ٿي، اتي خوف ۽ احتياط زندگيءَ جو معمول رهيا آهن. هوءَ پاڻ چوي ٿي ته ڪيس ٻالڪپڻ ۾ بيگ تيار رکڻ جي تربيت ڏني وئي، فون تي گهڻو ڳالهائڻ کان روڪيو ويو، پنهنجو مقام ظاهر نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي ۽ راز کي بقا سمجهي جيئڻ سيکاريو ويو. سياست جي ڇانوَ ۾ اهڙي تربيت انسان کي ظاهري طور مضبوط ته بڻائي ٿي، پر اندر ئي اندر خاموشيءَ جي عادت به وڌائي ٿي ۽ جڏهن راز عادت بڻجي وڃن ته ڪڏهن ڪڏهن انسان اهو سڃاڻڻ وساري ويهي ٿو ته ڪهڙي خاموشي حفاظت آهي ۽ ڪهڙي خاموشي ظلم جو ساٿ؟

فاطمه پنهنجي زندگيءَ جي هڪ ٻي پرت به بيان ڪري ٿي. ننڍي عمر ۾ سندس والده ۽ والد مير مرتضيٰ ڀٽو جي وچ ۾ جدائي ٿي ۽ هوءَ پنهنجي والد ۽ ماٽيلي ماءُ غنويٰ ڀٽو سان گڏ رهڻ لڳي. پوءِ چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ سندس والد قتل ٿي ويو. هيءَ اهڙو سانحو آهي، جنهن کان پوءِ ڪنهن به ٻار جي نفسيات ۾ عدم تحفظ، غير يقيني مستقبل ۽ هڪ اڻڄاتل خوف هميشه لاءِ گهر ڪري ويهي ٿو. فاطمه چوي ٿي ته ڪيس پنهنجي والد کان بي پناهه محبت ملي پر والدين جي گڏيل محبت جي کوٽ ۽ ٻالڪپڻ جي ان غير محفوظ ماحول هن جي اندر ۾ هڪ کوٽ ڇڏي وئي ۽ ڪي کوٽون اهڙيون هونديون آهن، جن جو فائدو غلط ماڻهو کڻي وٺندا آهن. انهيءَ پس منظر ۾ هوءَ پنهنجي ناڪام محبت جو ذڪر ڪري ٿي. ٻارهن سالن جو تعلق، جنهن ۾ هوءَ مهيني ۾ رڳو هڪ ڀيرو ملي سگهندي هئي، ڇو ته سندس زندگي ڪم ۽ مصروفيتن سان ڀريل هئي. هوءَ ٻڌائي ٿي ته اهو شخص ريسٽورنٽن، شاپنگ سينٽرن ۽ ٻين عوامي جڳهين تي سندس تذليل ڪندو هو ۽ هوءَ انهيءَ تذليل کي محبت جي نالي ۾ برداشت ڪندي رهي هن بيان جو سڀ کان تيز حصو اهو اقتباس آهي جيڪو پڙهندڙ جي اندر ڪجهه ٽوڙي به ٿو ۽ ڪجهه جوڙي به ٿو.

"هن شخص مون کي تمام گهڻو نقصان پهچايو، پر مون کي ٽوڙي نه سگهيو، ڇو ته مان مضبوط هيس ۽ اها طاقت مون کي منهنجي والد مير مرتضيٰ ڀٽو ڏني هئي."

هيءَ جملو ٻاهر کان طاقت جو اعلان لڳي ٿو پر اندروني طور اهو هڪ اعتراف به آهي ته مضبوط هجڻ هميشه بچاءُ نٿو بڻجي، ڪڏهن ڪڏهن مضبوط هجڻ ئي انسان کي اهو ڀرم ڏئي ٿو ته هو سڀ ڪجهه سهي ويندو ۽ اهو سهڻ ئي جبر ڪندڙ لاءِ رستو آسان ڪري ڇڏي ٿو فاطمه جي ڪهاڻي انهيءَ سماجي فريب کي ٽوڙي ٿي ته رڳو ڪمزور عورتون ئي استحصال جو شڪار ٿين ٿيون، جڏهن ته حقيقت ۾ ذهين، باشعور ۽ دنيا ڏٺل عورت به غلط شخص آڏو ڊگهي عرصي تائين خاموش رهي سگهي ٿي خاص طور تي تڏهن جڏهن هن پنهنجي سچي زندگيءَ ۾ خاموشيءَ کي بقا سمجهي جيئڻ سکيو هجي.

انٽرويو ۾ فاطمه ٻڌائي ٿي ته وقت سان گڏ سندس عمر وڌندي وئي ۽ اهو شخص شاديءَ لاءِ تيار نه هو فاطمه کي اهو خوف وڪوڙي ويو ته متان ڄمار جي ڪري هوءَ ماءُ بڻجڻ جي اميد وڃائي ويهي، تنهنڪري هن فرانس ۾ فرٽيلٽي پريزرويشن به ڪرائي ته جيئن مستقبل ۾ اولاد جي اميد محفوظ رهي، اهو فيصلو رڳو طبي نه پر گهرو نفسياتي به هو، ڇاڪاڻ ته جڏهن عورت مسلسل اڻڄاتل حالتن ۾ رهي ٿي ته هوءَ زندگيءَ جي اهم ترين فيصلن ۾ به خوف ساڻ کڻي اڳتي وڌي ٿي.

آخرڪار 2021 ۾ فاطمه اهو رشتو ختم ڪيو ۽ نئين زندگي شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان کان پوءِ هن شادي ڪئي ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هوءَ ٻن ٻارن جي ماءُ بڻجي وئي. هتي ڪو فلمي انجام ڪونهي پر هڪ سادي حقيقت آهي ته زندگي بند دروازو ناهي ۽ دير سان ورتل صحيح فيصلو به زندگيءَ جو رخ موڙي سگهي ٿو.

انٽرويوءَ ۾ فاطمه جو هڪ ٻيو پاسو به سامهون اچي ٿو هوءَ غزه جو ذڪر ڪري ٿي، پنهنجي محفوظ ماحول جو به ۽ انهن عورتن جو به جيڪي بمباريءَ جي پاڇي ۾ ٻار ڄڻي رهيون آهن هتي فاطمه رڳو پنهنجي ذات تائين محدود نٿي رهي، پر هوءَ هڪ ضمير بڻجي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته ظلم ذاتي هجي يا رياستي، ان جي نفسيات گهڻو ڪري هڪ جهڙي هوندي آهي. ڪنٽرول، خاموشي ۽ سچ ڳالهائيندڙ کي شرمنده ڪرڻ.

هاڻي جيڪڏهن هن انٽرويوءَ مان ڪو هڪ سبق جوڙيو وڃي ته اهو هي آهي ته خاموشي هميشه وقار جي علامت نٿي ٿئي، ڪڏهن ڪڏهن خاموشي رڳو پراڻي تربيت جو نتيجو هوندي آهي ۽ انهيءَ تربيت کي ٽوڙي ڇڏڻ ئي آزاديءَ جي پهرين صورت بڻجي ٿي. فاطمه ڀٽو سياست کي گار نه ڏني پر سياست جي ڇانوَ ۾ پلجندڙ خاموشين کي هن انٽرويوءَ جي ذريعي ٽوڙي ڇڏيو آهي ۽ اهو ئي هن ڪالم جو اصل لب لباب پڻ آهي.

۽ هيءَ ئي اهو هنڌ آهي جتي ڀٽو خاندان جي ٽين نسل جو ذڪر ڀٽو خاندان جي ٻي نسل جي قربانين سان ملي وڃي ٿو هڪ پاسي اقتدار جون ڪهاڻيون آهن، ٻي پاسي انهن اقتدارن جي قيمت جون ڪهاڻيون ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ عورت جي ذاتي سچائي بيٺل آهي، جيڪا جيڪڏهن دل سان ٻڌي وڃي ته هزارين عورتن لاءِ چراغ بڻجي سگهي ٿي. شرط رڳو اهو آهي ته اسين هن سچ کي سنجيدگيءَ سان قبول ڪريون، ان کي رڳو گپ شپ يا تجسس جو موضوع نه بڻايون ۽ محبت کي شدت جي شور سان نه پر سڪون جي مائي ۽ احترام جي پيماني سان ماپڻ سکون.

پاڪستان ۽ قازقستان وچ ۾ وڌندڙ اسٽريٽجڪ ڀائيواري

حامد علي

قازقستان وچ ايشيا جو هڪ اهڙو ملڪ آهي، جيڪو پنهنجي وسيع ايراضي، قدرتي وسيلن، تاريخي ورثي ۽ نون عالمي لاڳاپن سبب عالمي سياست ۽ معيشت ۾ خاص اهميت رکي ٿو. سرڪاري نالي "جمهوريه قازقستان" دنيا جو نائون نمبر وڏو ملڪ آهي، جنهن جي ڪُل ايراضي 27 لک 27 هزار 300 چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي، جيڪو مغربي يورپ جي گڏيل رقبي کان به وڌيڪ آهي. قازقستان دنيا جو سڀ کان وڏو خشڪيءَ ۾ گهيريل ملڪ به آهي، جنهن جون سرحدون اتر ۾ روس، اوڀر ۾ چين، ڏکڻ اوڀر ۾ ڪرغزستان، ڏکڻ ۾ ازبڪستان ۽ ترڪمانستان، جڏهن ته ڏکڻ اولهه ۾ بحيره قزوين سان لڳن ٿيون.

قازقستان جو گاديءَ جو هنڌ 1997ع تائين الماتي رهيو جنهن کان پوءِ ان کي اتر طرف منتقل ڪري نور سلطان (آستانه) بڻايو ويو، جڏهن ته الماتي اڄ به ملڪ جو سڀ کان وڏو ۽ معاشي مرڪز سمجهيو وڃي ٿو. ملڪ جي سرزمين انتهائي زرخيز آهي، جتي وسيع گاهه جا ميدان، ٿڌا ٻيلن وارا علائقا، برف سان ڍڪيل جبل، دريائي واديون ۽ ريگستان سڀ ڪجهه موجود آهن. لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ 64 لک آباديءَ سان قازقستان آباديءَ جي لحاظ کان دنيا ۾ 62هين نمبر تي آهي، جڏهن ته آبادي انتهائي گهٽ، يعني رڳو 6 ماڻهو في چورس ڪلوميٽر آهي.

تاريخي طور قازقستان خانه بدوش قبيلن جو ملڪ رهيو آهي. 16هين صديءَ تائين هتي جا ماڻهو ٽن وڏن قبيلائي اتحادن ۾ منظم ٿي چڪا هئا، جن کي "جُز" چيو ويندو هو. 18هين صديءَ ۾ روسي سلطنت قازقستان تي پنهنجو اثر وڌائڻ شروع ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ 19هين صديءَ جي وچ تائين پورو علائقو روسي سلطنت جو حصو بڻجي ويو. آخرڪار، 16 ڊسمبر 1991ع تي قازقستان سوويت يونين کان آزاديءَ جو اعلان ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت اهو سوويت اتحاد کان الڳ ٿيڻ وارو آخري ملڪ بڻيو. آزاديءَ کان پوءِ نور سلطان نذربايئف ملڪ جو پهريون صدر بڻيو ۽ قازقستان هڪ متوازن پرڏيهي پاليسي اختيار ڪندي معاشي استحڪام طرف قدم وڌايا.

اڄ قازقستان ۾ 131 کان وڌيڪ قومون ۽ نسل آباد آهن، جن ۾ قازق، روسي، ازبڪ، يوڪريني، جرمن، تاتاري ۽ اويغور شامل آهن. مذهبي لحاظ کان هتي 70 سيڪڙو آبادي مسلمانن تي مشتمل آهي، جڏهن ته لڳ ڀڳ 26 سيڪڙو عيسائي آهن. قازق ٻولي سرڪاري ٻولي آهي، جڏهن ته روسي ٻوليءَ کي به برابر جو سرڪاري درجو حاصل آهي ۽ ٻئي ٻوليون انتظامي ۽ دفتري معاملن ۾ استعمال ٿين ٿيون. قازقستان گڏيل قومن، عالمي واپاري اداري، شنگهائي تعاون تنظيم، يوريشي معاشي اتحاد ۽ تنظيم تعاون اسلامي سميت ڪيترين ئي اهم عالمي تنظيمن جو سرگرم ميمبر آهي.

جاگرافيائي لحاظ کان قازقستان انتهائي اهم حيثيت رکي ٿو. ملڪ جو وڏو حصو قازق ميدان تي مشتمل آهي، جيڪو دنيا جو سڀ کان وڏو خشڪ ميداني علائقو سڏيو وڃي ٿو. هتي اهم درياهن ۾ ارٽيش، اشيم، يورال ۽ سير دريا شامل آهن. جڏهن ته جابلو علائقن ۾ تيان شان ۽ التائي جبل نمايان آهن. چارين وادي، جيڪا الماتي کان لڳ ڀڳ 200 ڪلوميٽر اوڀر ۾ واقع آهي، پنهنجي قدرتي حسن، ناياب وڻن ۽ تاريخي اهميت سبب سياحن لاءِ خاص ڪشش رکي ٿي.

اهڙي تاريخي، جاگرافيائي ۽ معاشي اهميت رکندڙ قازقستان هاڻي پاڪستان سان لاڳاپن جي نئين دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. پاڪستان ۽ قازقستان وچ ۾ واپار ۽ اقتصادي تعاون کي هٿي ڏيڻ لاءِ ٻنهي ملڪن پنج سالن جي روڊ ميپ تي اتفاق ڪيو آهي، جڏهن ته ايندڙ ٻن سالن ۾ ٻطرفي واپار جو حجم هڪ ارب ڊالر تائين وٺي وڃڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. ان مقصد لاءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري، توانائي، تعليم، صحت، رانديون، ريلوي، ماحولياتي تبديلي، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل ترقيءَ سميت مختلف شعبن ۾ "37 مفاهمتي يادداشتن ۽ معاهدن" تي صحيحون ڪيون ويون آهن.

وزيراعظم هائوس اسلام آباد ۾ ٿيل دستاويزن جي مٽاسٽا واري تقريب ۾ پاڪستان جي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ قازقستان جي صدر قاسم جومارت توڪايئوف ذاتي طور موجود هئا. ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ قازقستان جي وچ ۾ اسٽريٽجڪ شراڪتداريءَ جي قيام بابت گڏيل اعلان نامي تي به صحيحون ڪيون. وزيراعظم شهباز شريف پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان وچ ايشيائي رياستن کي گرم پاڻيءَ وارن بندرگاهن تائين رسائي ڏئي سگهي ٿو جڏهن ته ريل ۽ روڊ ذريعي ٽرانسپورٽ ڪوريڊور علائقي لاءِ گيم چينجر ثابت ٿيندو. هن چيو ته پاڪستان کان روس تائين ٽرانسپورٽ ڪوريڊور جو قيام نه رڳو واپار پر علائقائي رابطن لاءِ به انتهائي اهم آهي.

قازقستان جي صدر قاسم جومارت توڪايئوف پاڪستان کي قابلِ اعتماد دوست ۽ اسٽريٽجڪ شريڪ قرار ڏيندي چيو ته دفاعي شعبي ۾ پاڪستان جي ترقيءَ کي عالمي سطح تي تسليم ڪيو وڃي ٿو ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. هن چيو ته قازقستان پاڪستاني سيڙپڪارن کي ڪاروبار لاءِ پرڪشش موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ هڪ ارب ڊالر واپاري هدف حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون وينديون.

ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ اهي معاهدا نه رڳو اقتصادي لاڳاپن کي مضبوط ڪندا پر علائقائي سياست، توانائي تحفظ، ڊجيٽل ترقي ۽ ماحولياتي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ به نيون راهون کوليندا. قازقستان جي وسيع زمين، قدرتي وسيلن ۽ پاڪستان جي انساني وسيلن، صنعتي تجربي ۽ بندرگاهي سهولتن جو ميلاپ ٻنهي ملڪن لاءِ ڊگهي مدي وارا فائدا ڪٺي اچي سگهي ٿو.

ٻنهي ملڪن ۾ اسٽريٽجڪ ڀائيواري هڪ اهڙي موقعي تي مضبوط ٿي رهي آهي، جڏهن پاڪستان جي حوالي سان پاڙيسري ملڪ ڀارت، بلوچستان ۾ پيش آيل اڻوڻندڙ واقعن تي هنبوشيون هڻي رهيو آهي. سندن ميڊيا زبان درازيءَ جا پراڻا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي رهي آهي. اهو سڀ اِن لاءِ به ڪيو پيو وڃي ته جيئن پاڪستان جي هن اسٽريٽجڪ ڀائيواريءَ جي اهميت ۽ افاديت کان پنهنجي عوام کي غافل رکي سگهجي ۽ ڪنهن حد تائين پاڪستان جي عوام کي به غلط معلومات فراهم ڪري خوف ۾ مبتلا ڪجي. پر هُنن جي سمورن حيلن وسيلن باوجود پاڪستان پنهنجي هِن سُنهري موقعي کي نه رڳو ڀرپور نموني انجواءِ ڪيو آهي، بلڪ بهار جي آمد ۽ بسنت جي رُت کي پڻ کُليءَ دل سان سيليبريٽ ڪيو آهي. جا ڳالهه ڀارت جهڙن ساڙيلن مُلڪن جي هنيانءَ تي مُڱ ڏرڻ برابر آهي.

مجموعي طور ڏٺو وڃي ته قازقستان رڳو وچ ايشيا جو هڪ وڏو ملڪ نه پر مستقبل ۾ علائقائي رابطن، واپار ۽ سياسي توازن جو اهم مرڪز بڻجڻ جي سگهه رکي ٿو. پاڪستان ۽ قازقستان جي وچ ۾ وڌندڙ اسٽريٽجڪ ڀائيواري نه صرف ٻنهي ملڪن جي عوام لاءِ خوشحالي آڻي سگهي ٿي پر پوري خطي ۾ اقتصادي ترقي ۽ امن جي نئين باب جو آغاز پڻ ثابت ٿي سگهي ٿي.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَهڙو آئيئِي ڪامُ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ ۾؟
پَسِي تَنهن پاهڻَ کي، اَچي نه آرامُ؛
مَتان ڏُونگَرَ ڏورِئين، اُجهين ڪُهه عَوامُ؟
هرا ڪَري حَرام، ڪامُ ته ڪاهوڙِي ٿِئين.
(سُر ڪاهوڙي)

اجوڪو ڏينهن - 06 فيبروري

محمد ڪامل پٽي ڪامل

سنڌي ٻوليءَ جي هن سدا ملوڪ شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1911ع ۾ ڪوٽ غلام محمد ويجهو ڳوٺ ڪاڇيلي ۾ ٿيو 1923ع ڌاري ڪاڇيلي مان لڏي جهڏي تعلقي جي ڳوٺ فضل پنهيرو ۾ رهائش اختيار ڪيائين هو سنڌي فائنل پاس ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 1942ع ۾ رٽائر ٿيو. بوستان تائين فارسي به پڙهيو. هن 1931ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس ڪجهه شاعري "ملان اسڪول مخزن" ۽ "اديب سنڌ" ۾ شايع ٿيل آهي هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، جن ۾ حمد، نعت، بيت، رباعي، غزل، ڪافي ۽ نظم وغيره شامل آهن سندس شاعريءَ جو مجموعو "گلزارِ ڪامل" جي نالي سان ڇپيو هو افسوس جو سندس وفات جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي

تنوير جوڻيجو



اڄ سنڌ جي ناليواري ليکڪا ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي شعبي جي اڳوڻي چيئرمين تنوير جوڻيجو جي جنم جو ڏينهن آهي. ميڊم تنوير جو جنم 06 فيبروري 1952ع تي ٿر جي شهر مٺيءَ ۾ ٿيو سندس وڏا دادوءَ جي مشهور شهر ڀان جا رهواسي هئا هن ابتدائي تعليم دادوءَ ۾ حاصل ڪئي. جتي سندس والد صدرالدين جوڻيجو هڪ ساک واري وڪيل طور مشهور هو. 1974ع ۾ ايم اي (سوشالاجي) جي سند وٺڻ بعد کيس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسٽوڊنٽ ويلفيئر آفيسر مقرر ڪيو ويو اڳتي هلي ساڳيءَ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجيءَ واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي ۽ ترقي ڪندي 1998ع ۾ پروفيسر جي عهدي تائين پهتي. 1999ع ۾ انهيءَ شعبي جي چيئرپرسن طور ذميداريون سنڀاليائين. 2004ع ۾ هن پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. 2012ع ۾ رٽائر ٿي. تنوير جوڻيجو پنهنجي دور جي بهترين ليکڪا ۽ محقق رهي. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون مضمون ۽ مقالا لکيا هن جيڪي ڪتاب لکيا، تن ۾ "امرت منجهه ڪڙاڻ" (ڪهاڻيون)، "سماجيات جا اصول" (سوشالاجي)، "عيبن هاڻي" (ڪهاڻيون)، "ٻارن لاءِ ديس بديس جون ڪهاڻيون"، "سنڌ اندر قديم آثارن وارا ماڳ"، "ڌمڪ سک اپني" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو "سُکن واري سنڌ" جي عنوان سان ڪيو اهو سيريل 104 قسطن تي مشتمل هو

حسينه آزاد جتوئي

هن ناليواري ليکڪا ۽ ايڊيٽر اڄوڪي ڏينهن تي 1962ع ۾ محمد خان ميمڻ جي گهر پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پوليٽيڪل سائنس ۽ بين الاقوامي تعلقات ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون هن ننڍي ڄمار ۾ حسينه ميمڻ جي نالي سان لکڻ شروع ڪيو مرحوم آزاد جتوئيءَ سان شادي ڪرڻ کان پوءِ حسينه ميمڻ مان حسينه آزاد جتوئي بڻجي وئي. هن 1978ع ۾ ڪراچيءَ جي هڪ اسڪول ۾ ٽيچر طور نوڪري ڪري پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. سندس گهرواري "روزاني مومل اخبار" جو چيف ايڊيٽر ۽ ناليوارو اديب هو 2009ع ۾ سندس گهرواري وفات ڪئي. انهيءَ کان پوءِ هن روزاني مومل جي چيف ايڊيٽر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اڄ تائين اها ذميداري نڀائيندي پئي اچي. پاڻ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سان لاڳاپيل رهي ۽ اڄڪلهه آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي (اي پي اين ايس) ۽ ڪائونسل آف آل پاڪستان نيوزپيپر ايڊيٽرس جي سرگرم ڪارڪن آهي.

علي محمد مجروح

اڄ سنڌ جي بهترين غزل گو شاعر ۽ محنتي صحافيءَ علي محمد مجروح جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي هن جو جنم 1925 يا 1926ع ڌاري ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ سيتڙل مهيسر ۾ خير محمد پنهور جي گهر ۾ ٿيو اڃا ننڍڙوئي هو جو سندس وڏا روزگار سانگي مستقل طور اچي ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيا ان ڪري هن جي لڳ ڀڳ سموري حياتي ڪراچيءَ ۾ گذري، هن ڪجهه وقت ڪراچيءَ مان ڇپجندڙ روزاني اخبار نئين سنڌ ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو هن محمد عمر چانوٽ جي هفتيوار اخبار "الخدا" (ڪراچي) ۽ ماهوار ادبي رسلي

مختيار اثر

شاعر سڏيو آهي سندس ڪيترائي غزل ريڊيو پاڪستان مختلف فنڪارن جي آوازن ۾ رڪارڊ ڪيا ويا، جن مان اڪثر ٻڌندڙن ۾ ڪافي مقبول ٿيا انهن مان اڪثر رڪارڊ ريڊيو پاڪستان جي لائبريريءَ ۾ اڃا تائين موجود آهن مجروح کي مشاعري جو شاعر به ڪوٺيو وڃي ٿو هن سنڌ جي هر حصي ۾ منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ شرڪت ڪئي ۽ ريڊيو ۽ ٽيليويزن پاران منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ به شرڪت ڪندو هو شاعريءَ سان گڏ هن ڪيترائي ڊراما، گيتن ڀريون ڪهاڻيون، ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ اخبارن لاءِ ڪالم لکيا سندس شاعريءَ جو مجموعو "سڪ جو سمونڊ" سنڌي ادبي بورڊ 1993ع ۾ ڇپرايو سنڌ جي هن انمول شاعر 06 فيبروري 1997ع تي لاڏاڻو ڪيو

الطاف عباسي

اڄ مشهور شاعر الطاف عباسيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هو ناليواري شاعر تنوير عباسيءَ جو ڀاءُ هو ۽ 15 جولاءِ 1942ع تي خيرپور ميرس جي شهر سوڀوديرو ۾ ڄائو بي اي، ايم اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات نائي آفيس نواب شاهه ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين 1961ع کان 1965ع تائين نواب شاهه ۾ استاد رهيو ان بعد سنڌيءَ جو ليڪچرار به رهيو ۽ ڪجهه وقت وڪالت به ڪيائين اڳتي هلي ايڪسائيز جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو هو هڪ سٺو شاعر هو سندس پهريون نظم 1958ع ۾ "آئينه" رسالي ۾ ڇپيو ان بعد سندس شاعري مهراڻ ۽ نئين زندگيءَ سميت سنڌ جي مختلف رسالن ۾ ڇپجندي رهي سندس ڪجهه ٻاراڻا نظم درسي ڪتابن ۾ به شامل ڪيا ويا. هن 06 فيبروري 1978ع تي هڪ روڊ حادثي ۾ وفات ڪئي

مرزا سلطان حيدر بيگ ظفر

ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هن اديب علم ۽ اديب فاضل جا امتحان پڻ پاس ڪيا هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات راشننگ کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪئي ان بعد ايس پي آفيس ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو ڪجهه عرصو روينيو کاتي ۾ تپيدار طور ڪم ڪيائين ۽ آخر ۾ سول ڪورٽ حيدرآباد مان ڪلارڪ طور رٽائر ٿيو هن پنهنجي والد مرزا علي محمد بيگ ظفر جي ساٿي هيٺ شاعري ۽ مرثيه خواني شروع ڪئي اڳتي هلي شيخ ابراهيم خليل کان شاعريءَ ۾ اصلاح وٺڻ شروع ڪيائين پاڻ سنڌي، اردو ۽ فارسي ٻولين ۾ عمدي شاعري ڪئي شاعريءَ سان گڏ ڪيترائي تحقيقي مضمون پڻ لکيائين مرزا سلطان حيدر بيگ 6 فيبروري 2005ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو

سليم ٻجاڻي

اڄ مرحوم سليم ٻجاڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو هڪ سٺو شاعر، اديب ۽ سماج سڌارڪ هو سندس جنم 19 جنوري 1957ع تي ٽنڊي الهيار ۾ ٿيو انهيءَ ئي شهر ۾ پڙهي گريجوئيٽ ٿيو مشهور شاعر سيد مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ جي صحبت ۾ رهي شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين پاڻ ٽنڊو الهيار جي بزم مرتضيٰ ۽ ڊسٽرڪٽ هيريٽيج ڪاميٽيءَ جو صدر ٿي ڪم ڪيائين هن ٽنڊي الهيار جي ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۽ اسپتالن جي مالي معاونت ڪئي سندس شاعريءَ جو مجموعو "عشق عبادت" 2005ع ۾ شايع ٿيو هن 6 فيبروري 2013ع تي ٽنڊي الهيار ۾ وفات ڪئي

عبدالحڪيم ارشد

اڄ مشهور شاعر عبدالحڪيم ارشد جي وفات جو ڏينهن آهي هن ناميارو شاعر 13 جون 1939ع تي شهيد بينظيرآباد ضلعي جي ڳوٺ لڪمير ۾ اکيون کوليون هن جي والد جو نالو حاجي يار محمد لڪمير هو هن ميٽرڪ اديب سنڌي ۽ اديب مولويءَ جا امتحان پاس ڪيا ۽ 1964ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو جتان 1998ع ۾ رٽائر ٿيو هن 1954ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو سندس شاعريءَ ۾ رومانوي رنگن سان

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي اير VI حيدرآباد
گارڊين درخواست نمبر 69 سال 2026

مسمات گلشن ڪوڪر بيواهہ فياض احمد ....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج (2) فوزيہ ڪوڪر زال سرور ڪوڪر (3)Sifia آصف باجوه ڌيءُ محمد سومر (4) فراز احمد ڪوڪر ولد محمد سومر (5) صدف شبير ڌيءُ محمد سومر مسلم بالغ ڊفينڊنٽ نمبر 2 رهندڙ گهر نمبر ds685 ۽ ڊفينڊنٽس نمبر 3 کان 4 رهندڙ گهر نمبر 636 ڪوڪر محلہ حيدرآباد ....اپوننٽس (1) مها ڌيءُ فياض احمد مسلم مائنر رهندڙ گهر نمبر 685 ڪوڪر محلہ حيدرآباد .. مائنر

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7 ،10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 12-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول جج اينڊ جي اير VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 19 سال 2026

مسمات جميلان اونو ....پلينٽف..خلاف: (1) اسدالله اونو ولد شير محمد رهندڙ محلہ صدر سيوهڻ شريف ضلعو ڄامشورو ٻئي ايڊريس Al Harith 7463 at Tai JDBC7,3824 AR Rabwah District Jeddah 235 Bulding Kingdom of Saudi Arabia to be served through Pakistan Embassy at Saudi Arabia

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف سوٽ فار مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنر چائلڊ ۽ رڪوري ڊاور امائونٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ٻي درخواست زير قلم 17-A تحت داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 10-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهہ
سول سوٽ نمبر 117 سال 2025

شازيہ .مدعي..خلاف: حميد ڪهاڙو. مدعاليہ

نالي مٿين مدعاليہ ڏانهن:

جيئن تہ مٿين مدعي توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبارجي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 06-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهہ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات حرا زال حسن خان ....پلينٽف..خلاف: (1) حسن خان ولد امام بخش مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ امام اباد Barhoon وزير روڊ شهدادپور ضلعو سانگهڙ.ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 06-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سپ درخواست نمبر 14سال 2026

مسمات فهميدہ بيواهہ حاڪم علي جوڪيو رهندڙ ڳوٺ عطر خان جوڪيو تعلقو نوابشاهہ ....ايپليڪينٽ..خلاف (1) مسمات نادير (2) مسمات نمرا (3) مسمات آسيہ سپ ڌيرون حاڪم علي ..اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين ايپليڪينٽ زير قلم 7.10.25.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي صغيرن نالي (1) عيان علي (2) ندا (3) ماريہ جي گارڊين جي مقرري لاءِ. تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 09-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

بقايا 1 ريليون مظاهرا

شهدادپور ۾ روينيو ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ،ميونسپل ڪميٽي، مرڪزي مسلم ليگ، سني رابطا ڪائونسل ۽ ٻين تنظيمن طرفان ريليون ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو ۽ نعريبازي ڪئي وئي، هوڏانهن ٺٽو ۾ ضلعي انتظاميا پاران ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳت جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي، ريلي ۾ مختلف سرڪاري کاتن، استادن، صحافين ۽ سول سوسائٽي جي شرڪت ڪئي، ٻئي طرف بدين ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ۽ وائس چيئرمين ضلع ڪائونسل فدا حسين منڊرو ڊي ايس پي پير شبير ڊي ايچ او هيلٿ ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ تعليم، صحت، پوليس، روينيو ايڪسائيز کاتو، ريسڪيو 1122، سماجي تنظيمن، ميڊيا، اقليتن ۽ سول سوسائٽي سميت زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ٻئي طرف ٽنڊو محمد خان ۾ ڊسٽرڪٽ اسپورٽس کاتي پاران ٽنڊو محمد خان جي ويجهي ڳوٺ حسين خان لغاري ۾ شاندار واليبال ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو، هوڏانهن خيرپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر ڦلپوٽو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مشتاق احمد پنهور، ڊي ايس پي اسدالله ڀٽي، ڊسٽرڪٽ آفيسر ريسڪيو تنوير احمد، عاشق حسين عباسي سميت شاگردن، اسڪائوٽس، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، هوڏانهن ڪنڊيارو ۾ ٽائون ڪاميٽي، روينيو سميت مختلف کاتن جي ملازمن سليم،اختر ميمڻ حسنين جوکيو شاهنواز ڏيهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، ٻئي طرف ڪنڌڪوٽ ۾ مختلف ادارن ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان گهنٽا گهر چوڪ تائين ڊي سي آغا شير زمان جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف صوبائي ۽ وفاقي کاتن جي عملدارن پڻ شرڪت ڪئي، هوڏانهن دادو ۾ ڊي سي مرتضيٰ علي شاهہ، ايس ايس پي ڪئپٽن (ر) امير سعود مگسي، استاد بخاري ڪاليج پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو، جماعت اسلامي محمد موسيٰ ڀٽي، ضمير چانڊيو تحريڪ لبيڪ پاڪستان دادو، دفائي پاڪستان ونگ ساجد سولنگي، محرم شيني پ پ اڳواڻ قمبر علي لغاري، واپاري اڳواڻ گل حسن پنهور، رئوف مستوئي، ماما ممتاز چنا ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ريليون ڪڍيون ويون، ٻئي طرف شڪارپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر شڪيل احمد ابڙو جي اڳواڻي ضلعي انتظاميا، سنڌ ٽيچرز ڪوآرڊينيٽر ڪميٽي، سياسي، سماجي ۽ مختلف شعبن پاران ريليون ۽ تقريبون منعقد ڪيون ويون، هوڏانهن جيڪب آباد ۾ ضلعي انتظاميہ پاران ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري، ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ، مختيارڪار عبدالقيوم سڏايو انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، فرحان لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي طور ڊي سي آفيس کان ريلي ڪڍي وئي، ٻئي طرف جماعت اسلامي ۽ قومي امن ڪائونسل هيومن رائيٽس پاران ٻہ ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي طور الڳ الڳ ريليون ڪڍيون ويون. ٻئي طرف ٽنڊوالهيار ۾ ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري ۽ ايس ايس پي سيد سليم شاهہ جي اڳواڻي ۾ مرتضيٰ شاهہ ڏاڏائي هال کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن . مذهبي اڳواڻن . شهرين سميت اسڪولي شاگردن شرڪت ڪئي، هوڏانهن سکر ضلعي انتظاميہ سکر جي اهتمام هيٺ 5 فيبروري يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي سکر ميونسپل اسٽيڊيم کان سکر پريس ڪلب تائين هڪ پرهجوم احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، پاڪستان سني تحريڪ ۽ مرڪز اهلسنت، سول ڊفينس سميت مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن، سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن، شاگردن ۽ شاگردياڻين توڙي سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سکر ڊويزن سائيڪلنگ ايسوسيئيشن جي سهڪار سان هڪ شاندار سائيڪلنگ ريلي جو اهتمام ڪيو ويو هوڏانهن سجاول، شاهپورچاڪر، ٽنڊوآدم، ٽنڊوباگو، عمرڪوٽ، ڪپري، ڏيپارجا، اسلام ڪوٽ ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪيو ويو

بقايا 2 ڦري فرار

جنهن کان پوءِ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاءِ واردات جو معائنو ڪيو ۽ جوابدارن جو پيڇيري واڍي جي مدد سان جوابدارن جو پيڇو ڪيو پر جوابدار مينهن سميت آسانيءَ سان فرار ٿي ويا ان موقعي تي وياپاري محمد يوسف چنهوڻ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ ڌرڻي سبب شهيد مخدوم بلاول وٽ انڊس هاءِ وي روڊ بلاڪ هيو جنهن سبب چودڳي کان قلعجي شهر طرف ويندڙ لنڪ روڊ ڏانهن وڃڻو پيو جتي هٿيار بندن روڪي يرغمال ڪري زبردستي مينهون ڪاهي فرار ٿي ويا متاثرن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪندي چيو تہ ڦر ڪيل مينهون واپس ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 3 ڪيپل لاش هٿ

قانوني ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو واقعو ڳجهارت بڻجي ويو آهي مقتول نوجوان جي وارثن جو مؤقف هو اڃان تائين سامهون نہ آيو پوليس مطابق اڃان تائين واقعي جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي وارثن جي اچڻ بعد ڪيس داخل ڪري واقعي جي جاچ ڪئي ويندي.

بقايا 4 اسپتال منتقل

وارثن پهچي ڪيس ڪٺائي علاج لاءِ چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو جتي ڪيس طبي امداد ڏني وئي. ان موقعي تي سڙي زخمي ٿيل ٽينگري جي والد رحمت الله چانڊيو الزام لڳائيندي چيو تہ منهنجي ڌيءُ پاڙي جي ٻارن سان ڪيڏي رهي هئي جتي اتي ذات سان واسطو رکندڙ ٽينگر ڪيس باهہ ڏئي ساڙي زخمي ڪري فرار ٿي ويو جنهن جي وارثن کي شڪايت ڪئي پر هنن ڪو بہ تدارڪ ناهي ڪيو هن مطالبو ڪيو تہ باهہ ڏيندڙ ٽينگر خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 5 هڪ ڄڻو فوت

واقعي جي اطلاع تي عمرڪوٽ سٽي پوليس موقع تي پهچي ٽريڪٽر ٽرالي ڪاهي ٿاڻي تي بيهاري ڇڏي جڏهن تہ ڊرائيور فرار ٿي ويو پوليس موجب فوتي نوجوان چور کان عمرڪوٽ اچڻ دوران حادثو پيش آيو فوتي جو لاش ضروري ڪارروائيءَ بعد وارثن جي حوالي ڪيو ويو ۽ لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو پوليس فرار ٿيل ڊرائيور جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻي رهي آهي

بقايا 6 احتجاجي ڌرڻو

طرفان پڻ راڌڻ ريلوي ڦاٽڪ بند ڪري ٽائر ساڙي راڌڻ موهن جو دڙو روڊ بند ڪري ڇڏيو ۽ روڊ سان گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي جتوئي برادري طرفان لڳايل ڌرڻو کي انتظاميا ريسپانس نہ ملڻ ڪري مقتول توفيق جتوئي والد عبدالخالق جتوئي پاران پاڻ ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي شهرين بچائي ورتو ان موقعي تي عبدالخالق جتوئي نظر سولنگي ۽ ٻين چيو تہ اسان قرآن تي جهيڙو ختم ڪيو هيو پر اسان جو ٻہ ڏار ڪيس بروهين تي داخل ڪيو وڃي اسان غريب ۽ بي پهچ ۽ مظلوم آهيون اسان جي ڪير ٻڌ نٿو ٻڌي اسان جو ڪيس داخل ڪيو وڃي تہ تہ احتجاج جاري رهندو ان موقعي تي راڌڻ ٽائون چيئرمين جو سوئٽ پ پ يوٿ ضلع دادو صدر مير مرتضيٰ گورڙ ڌرڻي واري هنڌ پهچي مقتول جي پيءُ عبدالخالق جتوئي ۽ جتوئي برادري کي يقين ڏياريو تہ قانوني ويڙهہ ۾ اوهانکي انصاف ڏيارڻ ۾ اسان پوري پوري ڪوشش ڪنداسين ڪالهہ اوهان اسان جي امن ميڙ منٿ قافلي کي مثبت موٽ ڏني آهي اسان بہ اوهان جي جائز مدد ڪنداسين مهرباني ڪريو شهر جو امن برقرار رکو ڌرڻو اوهان بہ ختم ڪريو ۽ اوهان جي حمايت ۾ نڪتل جتوئي برادري جو بہ ڌرڻو ختم ڪرايو جنهن بعد هڪ ڀيرو ٻيهر معزز جي واعدي تي اعتماد ڪندي سولنگي برادري پڻ ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو

بقايا 7 12ڄڻا زخمي

کي ڪينٽ ٿاڻي تي آندو ويو جتان ميڊيڪل ليٽر ملڻ بعد کين علاج لاءِ تعلقي اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو

بقايا 8 پوليس حوالي

عدالتن ۾ پيش ڪري ريمانڊ ورتو جوابدار سردارو جي چمار ڳهٽ هجڻ سبب ڪيس سيشن ڪورٽ عمرڪوٽ ۾ پيش ڪيو عدالت ڪيس ٻن ڏينهن جي جسمائي ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو ۽ جوابدار جاويد کي سول ڪورٽ ڪنري ۾ پيش ڪري ٽن ڏينهن جو جسمائي ريمانڊ ورتو واقعي بعد ڀٽي ۽ ٺوڙجائي برادري جي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي جڏهن تہ ايس ايچ او فرحان ميمڻ ،سب انسپيڪٽر شير محمد خاصخيلي سان گڏجي پريس ڪانفرنس ڪندي واقعا جا تفصيل ٻڌائيندي چيو تہ پراڻي دشمني تان پلاننگ جوابدارن امير بخش ڀٽي کي قتل ڪيو پنجويهہ سال کان اڳ نوجوان اسلم ٺوڙجائي قتل ٿيو هو جنهن جو الزام مقتول امير بخش تي بہ هو اتهي ڪري ڪيس قتل ڪيو ويو واقعي بعد ٽن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ٻن جوابدارن کي ڳوٺ صالح ٺوڙجائي مان واقعي ۾ استعمال ٿيل پسٽل ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪيو ورتو آهي ٽئين نامعلوم ڄاڻايل جوابدار جي نشاندهي بعد ڪيس ۾ جلد گرفتار ڪيو ويندو باقي ٻنهي ڌرين ۾ تڪرار واري اطلاع تي پوليس چوڪس آهي ڌرين کي پرامن رهڻ گهرجي هر ممڪن قانوني مدد ڪريون پيا قانون هٿ ۾ کڻڻ ۽ امن امان ۾ خلل وجهڻ جي ڪنهن کي اجازت نہ آهي ان تي قانون حرڪت ۾ ايندو

بقايا 9 صورت سخت زخمي

ويو جتان فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد کين گمس اسپتال گمبٽ جي برنس وارڊ منتقل ڪيو ويوجڏهن تہ ٻنهي زخمين جو گمس اسپتال جي برنس وارڊ ۾ علاج جاري آهي.

بقايا 10 احتجاج

کان راڻي پور ٿاڻي جي مين گيٽ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جي هٿن ۾ نعرن وارا بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جڏهن تہ مظاهرو ڪندڙن پوليس جي خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا، ان موقعي تي هنن ڳالهائيندي چيو تہ راڻي پور پوليس جاني واڻي جسقم آريسر تعلقي سوڀوديرو جي نائب صدر حاڪم پيلار ۽ سندس جي ڀاءُ رخسار پيلار کي جبري طور گرفتار ڪري ڪجهہ ڏينهن اڳ گم ڪرڻ بعد مٿن ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا قومي ڪارڪنن جي خلاف انتقامي ڪارروائي آهي، هنن جو اهو پڻ چيو تہ راڻي پور جي حد ۾ ڏوهي ڪاروايون، منشيات جو وکرو سرعام هلي رهيو آهي پر پوليس اتي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، اسان اعلي اختيارين ۽ وس وارن کي اهو چئون ٿا ڏيون تہ ايس ايچ او راڻي پور کي جلد هٽايو وڃي، جڏهن تہ جسقم آريسر جي اعلانيل احتجاج ۽ ڌرڻي کان اڳ انتظاميا ٿاڻي جي مين گيٽ آڏو گندو پاڻي ڇڏي ڏنو هيو جنهن سبب جسقم آريسر پاران صرف احتجاج ڪيو ويو هاڻي اها تحريڪ هلائي ويندي، اها ان وقت تائين جاري رهندي جيستائين حاڪم پيلار کي آزاد نہ ٿو ڪيو وڃي.

بقايا 11 اي پي سي

ٿي ڍاڪڻ کان گهوٽڪي سميت سنڌ جو عوام اهڙن واڳن جي عتاب جو شڪار آهي وقت اچي ويو آهي جو هڪ ٻئي جي مالڪي ڪجي اهڙو اظهار گهوٽڪي جي مشهور صنعتڪار ۽ سماجي اڳواڻ اشوڪ ڪمار جي گرفتاري تي سياسي سماجي اڳواڻن جي ڪوٺايل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ اڳواڻن خطاب ڪندي ڪيو آهي امن بحال ڪاميٽي جي اڳواڻ ايڊوڪيٽ لال بخش گهوٽو جي ميزباني هيٺ سنڌ هائوس گهوٽڪي ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ وڪيلن ، صحافين ، شهرين ، سجاڳ ڌرين ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن جدوجهد جو اعلان ڪندي چيو تہ گذريل ڪيترن ئي ڍاڪڻ جي تاريخ کولي ڏسنداسين تہ عوام جي مفادن جي ابتڙ ٿي ڪم ڪيا ويا آهن ، هي ڪارودور ان ڳالهہ جي گواهي ڏي ٿو تہ جنهن جي ووٽ تي چڙهي ايوانن تائين پهچڻ وارا اقتدار دوران پنهنجي ووٽر توڙي تڪ جي عوام کي ڏسڻ بہ پسند ناهن ڪندا ، هڪ طرف بدامني جي باهہ کي ڀڙڪايو ويو تہ ٻئي طرف صحت ۽ تعليم کان محروم رکي پڙهيل لکيل نوجوانن کي پنهنجي حقن محروم رکي پريشان ڪري کين خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي اڳواڻن جو اهو بہ چوڻ هو تہ ماڻهو مارايو مال ٻڌايو ، پاڻ بہ کائو اسان کي بہ کائو واري پاليسي تي ڪم هلي رهيو آهي ۽ ڪامورن کي سسٽم جي پنجي ۾ وڪوڙي کين سرڪاري ڪاٺو پٽ بڻايو ويو آهي تہ جيئن عوام جو رت چوسي بہ مال ڏنو وڃي اوهان جو ڪوبہ ٽالو نہ ويندو اڳواڻن جو چوڻ هو تہ اهڙي ئي طرح گهوٽڪي جي مشهور صنعتڪار ۽ سماجي اڳواڻ هر دلعزيز شخصيت اشوڪ ڪمار کي هڪ سازش تحت ڦاسائي فوٽو سيشن ڪيدي سوشل ميڊيا تي لڳائي بعد ۾ هن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ اشوڪ ڪمار اڪيلو ناهي اسان سڀ اشوڪ ڪمار آهيون ، اگر اڄ بہ اڪ تہ ڪولي سين تہ سڀاڻي هر هڪ جو وارو ايندو ان ڪري جدوجهد ذريعي هڪ ٻئي جي مالڪي ڪريون ۽ اهڙن ماڻهو جو سماجي بائيڪاٽ ڪريون جيڪي مفاد اچڻ تي تہ ٻٽا پاڪر پائيندا آهن پر وقت اچڻ تي قربانيءَ جو ٻڪرو بڻايو ويندو آهي

بقايا 12 ٻہ وارداتون

کان اپلائيڊ CD-70موٽر سائيڪل زبردستي ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي بعد علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو،متاثر شهرين پوليس کان مطالبو ڪيو آهي تہ وڌندڙ موٽر سائيڪل چوري ۽ ڦر جي واقعن جو نوٽيس وٺي، جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي، جڏهن تہ پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 13 احتجاج

هٿ سان پاڻ لوڙهي کي باهہ ڏني اسان تي الزام هڻي اسان کي ڦاسائڻ جي سازش ڪئي آهي. هنن چيو تہ پلاٽ اسان جو آهي. پلاٽ ڦٻائڻ لاءِ ملاح ذات جا ماڻهو سازشون ڪري رهيا آهن. چڱن مڙسن وٽ فيصلو ڪيو پر هي ان تي بيهڻ ڪون ٿا. هي ڊرامو ڪري اسان تي ڪوڙا ڪيس ڪندا،هنن چيو تہ چڱن مڙسن جي فيصلي تان بہ ڦري وڃن ٿا جنهن ڪري اسين ايس ايس پي بدين ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين کان گهر ٿا ڪريون تہ قبضو ختم ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 14 تحفظ جو مطالبو

صحافين آڏو دانهيندي وڌيڪ چيو تہ منهنجو ڀاءُ طفيل حسين زرداري جنهن جو ذهني توازن صحيح ناهي ذهني توازن وڃائي ويٺل ڀاءُ جا پٽ ۽ سندس گهر واري جنهن ۾ پٽ ذولفقار زرداري، سينگار ۽ ممتاز زرداري گهر ۾ ڀاءُ تي تشدد ڪن ٿا هن الزام هڻندي چيو تہ انهن جو صلاحڪار معشوق حسين زرداري آهي هن وڌيڪ چيو تہ ڀاءُ طفيل حسين زرداري کي ڪنهن سٺي اسپتال ۾ علاج ڪرايو وڃي. مذڪوره ماڻهو ڪيس ماري اسان مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن. هن وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 15 وفد پهتا

آمريڪا جي وفد پاڪستان زنده آباد جا نعره بہ هنيا اٽلي جي آيل وفد جو چوڻ هو تہ اسان موئن جو دڙو تي گهمي خوب مزو ورتو آهي،اسان جي دلي خواهش هئي تہ اسين پاڪستان وڃي ڪري سنڌ ۾ عظيم تاريخي ماڳ موئن جو دڙو ضرور ڏسنداسين هوڏانهن ڪيوريٽر احسان عباسي ميڊيا کي ٻڌايو تہ پرڏيهي سياحن جي آمد جو سلسلو تيزي سان جاري آهي،موسم موزون هجڻ ۽ سيڪيورٽي انتظام بهتر هجڻ ڪري مختلف ملڪن جا سياح ماڳ گهمڻ لاءِ اچن ٿا هن چيو تہ پرڏيهي سياحن جي لاءِ هتي بهتر انتظامن جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. هوڏانهن سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا.

بقايا 16 پوليس حوالي

سوگهو ڪيل چور کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 17 انعقاد ڪيو ويو

ميگا ٽيسٽنگ سروس جي ايم ڊي سر شاهزيب، سي سي او سر عمير جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ فريد خان، ڪنٽرولر بيز عبدالمطين فرحان راجپوت، شاهزيب، سر وقار ۽ ٻين پنهنجا فرض سرانجام ڏنا، ٽيسٽ جو مقصد شاگردن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ آهي جنهن سان شاگردن ۽ شاگردياڻين هائي ڪان لي يونيورسٽي ليول جي ٽيسٽ جي صلاحيتن کان واقف ٿيڻ آهي منعقد پروگرام ۾ شهر جي تمام معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ وڪالت جي شعبي سان سلهاڙيل سينيئر وڪيل طارق محمود آرائين وڪيل ڪشور ڪمار وڪيل عبدالمجيد هنگورو، وڪيل آصف اٽو شهر جي معزز استادن سر سهيل لاکو، اياز محمود، افضل ڀٽو صحافين سيد ارشاد ظفر بخاري، مهدي حسن پنهور، حميد ڪوسو، رائو شاهد خليل هوپ اينڊ سپورٽ فائونڊيشن جي صدر پير سليم، انجمن تاجران سنڌ جي صدر حاجي جاويد قريشي، حبيب الرحمان امرتسري سميت ٻين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن تہ منعقد پروگرام کي تعليمي فيلڊ جي لاءِ بهتر قرار ڏنو آهي.

بقايا 18 پوليس حوالي

ڪيو آهي اوڊيرولال اسٽيشن پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري مٽياري جي سول ڪورٽ مٽياري ۾ پيش ڪري ورتو جتي ڪورٽ سڳوري پاران جوابدار امام بخش درس کي 4 ڏينهن جي ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ياد رهي تہ جوابدار سگهاوتي تڪرار تان 2 ڏينهن اڳ پنهنجي گهر واري مسمات زليخا درس کي گولين هڻي قتل ڪيو هو.

بقايا 19 زبير احمد جوڻيجو

علي ڪوهارو جان واحد زبير احمد ٻگهيو سان ملاقات دوران ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ ڪجهہ ڌرين کي رکي رکي اقتدار جا دورا پئجي رهيا آهن تہ آهن جيڪي هن وقت ٻڌائي رهيا آهن تہ اسان بہ وڪري لاءِ موجود آهيون جن وٽ ڪابہ پارٽي نہ آهي هنن مدي خارج سياستدانن کي ڪير بہ پنهنجو ڪرڻ يا هنن تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي جو جو هنن سڏائين محسنن سان غداري ڪئي آهي هي هاڻي اقتدار جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏيڻ

بقايا 20 ناصر محمود سومرو

بدترين پامالي جي منهن ڏئي رهيا آهن، پر ان جي باوجود انهن جا حوصلا اڄ بہ فولاد وانگر مضبوط آهن هنن چيو تہ ڪشميري مائرن جون سسڪيون، شهيدن جو وهيل رت ۽ معصوم ٻارن جون آهون تاريخ جي ورقن تي دانهن ڪري انصاف گهري رهيون آهن. ڪشميري عوام پنهنجي رت سان آزاديءَ جي شمع روشن رکي آهي، ۽ اهي قربانيون ڪنهن بہ صورت ۾ ضايع نہ وينديون. وڌيڪ چيو تہ ڪشمير اڄ بہ رت رت آهي ۽ دنيا جي خاموشي بہ هن ظلم ۾ برابر جي شريڪ آهي. ڪشميري عوام ڏهاڪن کان ڀارتي رياستي دهشت، جبر ۽ ظلم جي ڇانوَ هيٺ جيئرا آهن، پر نہ انهن جا حوصلا ٽٽيا آهن، نہ جهڪيا آهن ۽ نہ ئي ڪڏهن جهڪندا. هنن چيو تہ ڪشمير جي واديءَ ۾ رهندڙ معصومن جو رت، مائرن جون آهون ۽ ٻارن جون چيخون عالمي ضمير کي للڪار ڏئي رهيون آهن. جيڪا دنيا اڄ بہ خاموش آهي، اها سڀاڻي تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ ڏوهاري ٺهندي. آزاديءَ جي هي جدوجهد ڪنهن بندوق جي محتاج ناهي، اها اهڙي آواز آهي جنهن کي ظلم جي ڪا بہ ديوار قيد نٿي ڪري سگهي. هنن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان جي عوام دل، جان ۽ ايمان سان پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺي آهي. اسان ڪشميرين جي درد کي پنهنجو درد ۽ انهن جي جدوجهد کي پنهنجي جدوجهد سمجهون ٿا. مسئلو ڪشمير هڪ زنده حقيقت آهي، جنهن کي دٻائي نٿو سگهجي، ۽ ان جو حل صرف ۽ صرف گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن مطابق ئي ممڪن آهي. هنن عالمي برادري کي جهنجهوڙ ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن دنيا اڄ بہ خاموش رهي تہ اها خاموشي ظلم جي سڀ کان وڏي تائيد هوندي. والاريل ڪشمير ۾ رهندڙ بيگناهہ رت عالمي ضمير لاءِ هڪ ڏکيو امتحان آهي. هنن ڪشميري شهيدن کي سلام عقيدت پيش ڪندي چيو تہ اسان انهن جي مشن کي ڪڏهن بہ وساريندا سين نہ. هنن دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ ڪشميري عوام کي جلد آزادي، امن ۽ عزت واري زندگي عطا فرمائي ۽ اسان کي انهن جي حق ۾ مضبوط آواز بڻائي. هنن ان عزم جو بہ اعادو ڪيو تہ جمعيت علماءِ اسلام هر فورم تي ڪشميري عوام سان گڏ بيٺي رهندي، جيستائين ڪشمير آزاد نہ ٿئي

بقايا 21 احتجاج جو اعلان

گٽرن جو گندو پاڻي نئي ايندڙ صاف پاڻي هن زهريلي پاڻي ۽ گٽرن جي گندي پاڻي ۾ مڪس ٿي ويو جيڪو پاڻي گهر گهر پهچائي رهواسين کي خطرناڪ بيمارين ۾ ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي ٽينڪر مافيا ۽ ضلعي انتظاميا لکين آبادي جي لاءِ موت جو سامان گڏ ڪري ڇڏيو پاڻي واپرائڻ سبب ڪيترين بيماريو جنم وٺنديون جنهن ۾ ڪينسر ، معدي جو السر پيچش، الٽي، دست، چمڙي جون بيماريون ٽي،بي سميت ٻيون خطرناڪ بيماريون شامل آهن صورتحال کي ڏسي جيئي سنڌ آريسر گروپ جي اڳواڻ ،فتاح چند جسقم اڳواڻ ديدار شام ، سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ يونس اوٺو ۽ ٻين جو چوڻ آهي تہ انتظاميا ماڻهن کي بيوقوف نہ ڪري عوام هاڻ رستن تي فيصلا ڪندو هنن چيو تہ پاڻي ڇڏي رفحان مل اڳيان بند نہ هٽائڻ يعني انتظاميا کي وقتي جان ڇڏائڻ هو ايتري حد تائين ڪرڻ جو انسانن جون جانيون داءَ تي لڳائي ڇڏيون هنن چيو رفحان مل وٽ ڏنل بند هٽائي بيٺل گندو زهريلو پاڻي نيڪال ڪيو وڃي نہ تہ دما دم مست قلندر ٿيندو

بقايا 22 پوليس کي اجيائو

ميونسپل ڪميٽي هال ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪندن کتري، رميش ڪمار ڪانتيش ڪمار سميت ديوان برادري شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ چوري واپس ڪرائڻ تان سنڌ پوليس جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي هالا پوليس جي بهادري کي ساراهيندي اڳواڻن چيو تہ هالا پوليس جي اڻ ٿڪ محنت سبب موبائل شاپ ۾ لڳل ڌاڙي جا اصل جوابدار گرفتار ٿيا ۽ ونٽائن ڦريل موبائل ۽ ٻيو سامان پڻ برآمد ڪيو ويو آهي. هنن چيو تہ هالا پوليس جو ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او عوام جي جان ۽ مال جا محافظ بڻيل آهن ۽ اسان کي اهڙن آفيسرن تي وڏو فخر ۽ ناز آهي.

بقايا 23 نوٽيس وٺي ڇڏيو

تعليم مفت آهي، فيس يا آءِ ٽي چارجز جي نالي تي رقم وصول نہ ڪئي وڃي. هن چيو تہ تعليم کي بنيادي حق جي طور تي تسليم ڪريون ٿا داخلا کان وٺي امتحان جي مرحلي تائين فيس جو مرحلو ختم ٿي چڪو آهي. انهي حوالي سان تعليم واري وزير سيڪريٽري ڪاليجز کي سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊ سان رابطو ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو تہ بورڊز طرفان فيس نہ وصول ڪرڻ جي حڪمن کي هر صورت ۾ يقيني بنايو وڃي.

بقايا 24 نجم سيٺي

اڳوڻي نجم سيٺي پاڪستان جي هن غير معمولي فيصلي تي تبصرو ڪندي ان جي قانوني حيثيت ۽ ممڪن اثرن تي روشني وڌي آهي. نجم سيٺي هڪ بيان ۾ ٽي ٽونٽي ورلڊ ڪپ ۾ ڀارت خلاف ميچ جي بائيڪاٽ واري فيصلي کي وقت جي ضرورت قرار ڏيندي چيو تہ ڀارت خلاف ميچ نہ کيڏڻ جو فيصلو سوچي سمجهي کنيل قدم آهي، ڇو تہ اها ئي ميچ انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل (آءِ سي سي) لاءِ سڀ کان وڌيڪ مالي اهميت رکي ٿو اڳوڻي چيئرمين چيو تہ پاڪستان اڳ ۾ مڪمل طور آءِ سي سي جي آمدني تي ڀاڙيندو هو پر هاڻي حالتون تبديل ٿي چڪيون آهن ۽ پاڪستان سپر ليگ (پي ايس ايل) جي آمدني انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل کان وڌيڪ آهي، تهنڪري اسلام آباد هاڻي پنهنجن پيرن تي بيٺل آهي ۽ مضبوط پوزيشن ۾ آهي. نجم سيٺي چيو تہ آءِ سي سي جي موجوده مالي ماڊل ۾ ڀارت کي غير متناسب فائدو ڏنو پيو وڃي، جڏهن تہ ننڍا بورڊ مسلسل نقصان ۾ آهن جيڪڏهن انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل کي پاڪ ڀارت ميچ ۽ ان سان لاڳاپيل آمدني گهرجي، تہ ان کي انصاف ۽ برابري جي اصولن لاءِ بيهڻو پوندو. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ پاڪ ڀارت ميچ مان سڀ کان وڌيڪ آمدني ٿئي ٿي، تهنڪري جيڪڏهن اها ميچ نہ ٿي تہ سڀ کان وڏو نقصان پارٽي براڊڪاسٽر کي ٿيندو پر هو سي سي بي سڏائيءَ ريٽ قانوني ڪارروائي نہ ڪندا. سندس چوڻ هو تہ جيڪڏهن براڊڪاسٽر ميچ کي غير منافعي بخش قرار ڏئي معاهدو واپس وٺي ٿو تہ ان جو اثر آءِ سي سي تي پوندو. نجم سيٺي موجب آءِ سي سي بنگلاديش سان ناانصافي ڪئي آهي، پر اها بہ موقعو موجود آهي تہ ان جي گورننگ باڊي صورتحال کي صحيح نموني سان حل ڪري. اميد آهي تہ ڏاهپ سان ڪم وٺندي درست فيصلو ڪيو ويندو.

بقايا 25 سهيل آفريدي

اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيون، جنهن ۾ صوبائي وزير، پشاور ڪور ڪمانڊر، چيف سيڪريٽري، آءِ جي پوليس ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شرڪت ڪئي. صوبي ۾ دهشتگردن خلاف جاري فوجي آپريشن جو حوالو ڏيندي، وڏي وزير چيو تہ "هي هڪ گڏيل جنگ آهي ۽ ان کي صرف گڏيل ڪوشش سان کٽي سگهجي ٿو." اجلاس ۾ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ شهادت ماڻيندڙ عام ماڻهن ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ۽ فاتحہ خواني ڪئي وئي. اجلاس ۾ دهشتگردي جي وڌندڙ واقعن، پاڪستان مخالف عنصرن کي ختم ڪرڻ جي حڪمت عملين ۽ صوبي ۾ امن ۽ استحڪام بحال ڪرڻ جي قدمن تي بحث ڪيو ويو خيبرپختونخواهہ حڪومت پاران جاري ڪيل هڪ پڌرنامو پڙهيو ويو اجلاس ۾ دهشتگردي خلاف جامع پاليسي جي ڪاميابي لاءِ سڀني سياسي پارٽين ۽ عوامي نمائندن، قبائلي بزرگن ۽ وفاقي حڪومت جي وچ ۾ "عملي تعاون" ۽ مشاورت جي ضرورت تي زور ڏنو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ خيبرپختونخواهہ حڪومت دهشتگردي خلاف جنگ ۾ ڪا بہ ڪوشش يا وسيلا نہ ڇڏيندي. بيان پڙهيو ويو تہ پهرين مرحلي ۾ دهشتگردي کان متاثر علائقن کي ماڊل گڊ گورننس ضلعن ۾ تبديل ڪيو ويندو اجلاس ۾ صوبي جي محرومين جي ترقي ۽ سماجي خدمتن ذريعي حل ڪرڻ جو عزم ڪيو ويو سڀ سرڪاري وسيلا استعمال ڪندي. اعلان پڙهيو فورم فيصلو ڪيو تہ جتي عارضي طور تي بي گهر ٿي ويا آهن، حڪومت انهن علائقن جي مڪمل سار سنڀال، بحالي ۽ بنيادي ضرورتن جي فراهمي کي يقيني بڻائيندي جتي... متاثر ماڻهو بي گهر ٿيل ماڻهن جي باوقار واپسي حڪومت جي اولين ترجيح آهي، ان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي تہ ان موقعي تي ڳالهائيندي وڏي وزير چيو تہ "امن اسان جي اولين ترجيح آهي ۽ ان تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو"

بقايا 26 اسپتال ۾ فوت

حيدرآباد داخل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو،ٽينگر جي لاش جي تعلقي اسپتال ڪنري مان پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو سندس ماءُ ۽ ڀينرن کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا مقتول ٽينگر جي والد جانڻ چانڊيو موجب جوابدار ياسين چانڊيو ڪهاڙي کڻي اسان جي گهر آيل هو انهي دوران مقتول پوڙهو چانڊيو هن کان ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ ڪهاڙي گهري پر هن انڪار ڪيو مقتول پاران بار بار حجت ڪرڻ تان هن مهرجي ٽينگر کي مٿي ۾ ڪهاڙي جا سڌا وار ڪيا مقتول ٽينگر پنج ڀيڻن جو اڪيلو ڀاءُ هو جڏهن تہ واقعي بعد ٽبي سر پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري وري ڇڏي ڏنو هو ٽبي سر پوليس پاران مقتول جي والد جانڻ چانڊيو جي فرياد تي جوابدار ياسين چانڊيو تي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو پر جوابدار اڃان گرفتار نہ ٿيڻ تي وارث پريشان آهن

بقايا 27 ڪهرام

ڪراس ڪندي ٽرين هيٺيان اچي فوت ٿي وئي جنهن جو لاش ڳوٺ آڻڻ ويو هر پاسي روڄ راڙو مچي ويو آهي

بقايا 28 تياريون مڪمل

ڪنوار جيان سينگاريو ويو آهي ۽ هر گهٽي توڙي رستن تي دمادم مست قلندر جون صدائون بلند ڪيو پيون وڃن ٻئي پاسي شهر ۾ دوڪانداري سڄي وٺي آهي جنهن ۾ ڪشمش، رانديڪا، مٺائي، اجرڪ، ڳانئي ۽ هوٽلن سميت مختلف اسٽال لڳايا ويا آهن ۽ ميلا گرائونڊ تي سرڪس پڻ لڳايو ويو آهي. جڏهن تہ ايندڙ عرس مبارڪ ۾ لکين پانڌيئڙن لاءِ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن جنهن لاءِ 5 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪار ۽ 300 رينجرس عملدار مقرر ڪيا ويندا ۽ چيڪنگ سخت رکي ويندي تہ جيئن قلندر جو ميلو امن امان سان ٿي سگهي. جڏهن تہ قلندر جي عرس مبارڪ ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ مزار اندر 150 ۽ درگاهہ قلندر ٻاهران 250 کان وڌيڪ سي سي ٽي وي ڪيميرائون لڳائيون ويون آهن ۽ انتظاميا پاران ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي جيئن عوام جي چرپر تي نظر رکي سگهجي. پوليس اهلڪارن سان گڏ رينجرس اهلڪار اسپيشل برانچ، ٽريفڪ، سميت پوليس اهلڪار عرس ۾ پهچي ڊيوٽي سر انجام ڏيندا، جڏهن تہ پانڌيئڙن جو وڏو تعداد سيوهڻ پهچڻ جو امڪان آهي ان ڪري کين سڀ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر کاتي کي پنهنجي حصي جو ڪم جلد مڪمل ڪرڻ گهرجي. جڏهن تہ لعل شهباز قلندر جي ميلي جي پهرين ڌمال تي افتتاح بعد پهرين ڌمال تي سگهڙ ڪچهري، ٻئين ڏينهن ادبي ڪانفرنس ۽ ٽئين ڏينهن تي محفل موسيقي منعقد ڪرڻ کان علاوه ٽئي ڏينهن ملاکڙو پڻ ٿيندو ۽ شهباز ايوارڊ پڻ ڏنا ويندا. ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد شهزاد حيدر شاهہ جو چوڻ آهي تہ ايندڙ پانڌيئڙن جي سهولت لاءِ پيئڻ جي پاڻي جون 35 سبيلون قائم ڪيون ويون آهن ۽ درياهہ ۾ پاڻي جي کوٽ باوجود ڪوشش وٺي تلاءَ ۾ پاڻي اسٽاڪ ڪيو ويو آهي ۽ شهر ۾ صفائي سٿرائي جو ڪم 4 ڏهاڙا جاري رهندو ۽ مختلف ضلعن جي شهرن مان سينٽري عملي سميت فائر برگيڊ جي گاڏين جو بہ بندوبست ڪيو ويو آهي ، ميلا شهباز ڪميٽي جي چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري پاران عرس مبارڪ جي ٽن ڌمالن ملهائڻ لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ۽ الشهباز آڊيٽوريم هال کي رنگ روڳن ڪري سينگاريو ويو آهي جتي سرڪاري تقريبون منعقد ڪيون وينديون جنهن ۾ پهرين ڌمال تي سگهڙن جي ڪچهري، ٻي ڌمال تي ادبي ڪانفرنس ۽ ٽئين ڌمال تي راڳ رنگ جي محفل ۽ شهباز ايوارڊ پڻ ورهايا ويندا.

بقايا 29 حاضري ڀري

اسلام طرف راغب ٿيا. ان جو ئي ثمر آهي تہ هنن بزرگن جي وسيلي سان هن ڌرتي تي عنايتون جاري ۽ ساري آهن الله ان کي قائم دائم رکي. ڪي پي جي اسپيڪر کان جڏهن پي ٽي آءِ پاران 8 فيبروري جي ڏنل هڙتال جي سڏ بابت سوال ڪيو ويو تہ اسپيڪر ايترو چيو تہ مان اسپيڪر آهيان ان سياسي سوال تي ڳالهائي نٿو سگهان. ان کان اڳ قلندر جي درگاهہ پهچڻ تي مئنيجر اوقاف سيوهڻ منير احمد چنا ۽ ٻين سندس آجيان ڪئي ۽ کيس مزار جو غلاف چادر تحفي طور پارايو ويو.

بقايا 30 احتجاج

گهنٽا گهر کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي دلمراد ڏاهاڻي، نورخان سبزوئي، قربان علي ملڪ ۽ ٻين چيو تہ قبائلي جهيڙا سنڌ لاءِ ناسور بڻيل آهن ڪشمور ضلعي ۾ رهندڙ هر برادري قبائلي تڪرارن ۾ جڪڙيل آهي قبائلي تڪرارن ۾ بيگناهہ ماڻهن جو قتل وعام ٿي رهيو آهي جنهن سبب تعليم تباهہ ۽ معاشي نقصان ٿئي پيو قبائلي تڪرارن جي خاتمي لاءِ سنڌ سرڪار برادرين جا سردار پنهنجو ڪردار ادا ڪن مرڪزي صدر سيد زين شاهہ سميت مختلف ضلعي جي صدرن ۽ ڪارڪنن مٿان انتقامي ڪارروائين ذريعي داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جو سلسلو جاري رهندو ۽ ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ هلندڙ قبائلي تڪرارن جي خاتمي لاءِ تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا 31 نوجوان فوت

زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو،ٻڌايو ويو آهي تہ گذريل ڏينهن غلام اڪبر لاشاري کي اينٽي ڪرپشن پوليس گرفتار ڪري وٺي هئي. سندس پٽ غلام رضا لاشاري ڪراچي ويو هو والد جي گرفتاري جي اطلاع ملڻ تي هو ڪار ذريعي ڪراچي کان خيرپور اچي رهيو هو تہ رستي ۾ حادثي جو شڪار ٿي فوت ٿي ويو.

بقايا 32 خلاف احتجاج

ڪنڌڙ پيرسن پوروهيت محمد حسن چانڊيو ميڊيا آڏو دانهيندي چيو تہ سال 2022 ۾ دوران پيل برساتن کان پوءِ پيدا ٿيل ٻوڏ واري صورتحال ۾ منهنجو گهر مڪمل طور تي ڊهي پٽ پئجي ويو جنهن بعد سنڌ حڪومت جي هدايتن تي سرسو جي ٽيم ڳوٺ پهچي سروي ڪئي، پر ان جي باوجود هن وقت تائين مونکي نئين سر گهر تعمير ڪرڻ لاءِ هڪ بہ قسط ناهي ڏني وئي، اهڙيون شڪايتون مان ڪيترائي ڀيرا سرسو جي عملدارن توڙي ڊي سي آفيس لاڙڪاڻو ۾ ڪيون آهن، پر پوءِ بہ ڪو تدارڪ ناهي ڪيو ويو، جنهن سبب مان ۽ منهنجا گهر ڀاتيا سخت پريشان آهيون. هن سنڌ حڪومت، سرسو جي اعليٰ عملدارن، ضلعي انتظاميہ ۽ چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي گهر سروي جي قسط جاري ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 33 احتجاج

سسٽم ۾ تہ وري روڊ رستا آهن هنن چيو تہ اسان ڪيترا ڀيرا چونڊيل نمائندن آڏو دانهيو پر چونڊيل نمائندا ووٽ وٺڻ بعد ظاهر بہ نٿا ٿين اسان بنيادي سهولتون حاصل ڪرڻ لاءِ احتجاج بہ ڪيا پر ڪو ڪو ٽيل تہ ٽڪيو هنن وڌيڪ چيو تہ ڳوٺ ۾ بنيادي سهولتون نہ هجڻ ڪري ڳوٺاڻا عذاب واري زندگي گذاري رهيا آهن جڏهن تہ اسان جي ٻچن جي تعليم ۽ مستقبل بہ تباهہ ٿي رهيو آهي تهنڪري مجبور ٿي اڄ هتي پهتا آهيون هنن چونڊيل نمائندن سميت ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي تہ ڳوٺ پلو ناهيون کي بنيادي سهولتون ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 34 احتجاجي مظاهرو

ڪئي. ان موقعي تي مظاهرين بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. صحافين ۽ اڳواڻن جو چوڻ هو تہ پاڻ سيد آباد جي صحافي ياسر شورو، ڌرتي ٽي وي جي رپورٽر فراز جمالي، شعيب ٿهيم ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن تي دهشتگردي جا قلم لڳائڻ اظهار راءِ جي آزادي تي حملو آهي. هنن چيو تہ نادر جمالي واري واقعي خلاف صحافين پاران آواز اٿارڻ ۽ حق سچ لکڻ جي ڏوهہ ۾ صحافين کي نشانو بڻايو ويو آهي. مظاهرين جو چوڻ هو تہ صحافين، جمالي برادري ۽ سياسي سماجي اڳواڻن خلاف داخل ڪيل ايف آءِ آر ڪوڙي ۽ بي بنياد آهي، جنهن کي فوري طور ختم ڪيو وڃي. هنن مطالبو ڪيو تہ نادر جمالي جي واقعي ۾ ملوث پوليس عملدارن خلاف بہ شفاف جاچ ڪرائي کين قانون موجب سزا ڏني وڃي. هنن چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن مطالبا نہ مڃيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 35 اين سي داخل

اڳ پڻ ٽوان جتوئي ٻن صحافين کي پڻ ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي

بقايا 36 دعوي

ورتا انهي سلسلي ۾ ايچ او ڳاڙهو عبدالحميد روڏنائيءَ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ايس ايس پي ٺٽو فاروق احمد بجاراڻي جي سخت هدايتن تي ڳاڙهو ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جي ڏوهارين خلاف ڪارروائيون تيز ڪري ڇڏيون آهن ڳاڙهو شهر ۾

بقايا 37 تحفظ جو مطالبو

ڏيڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن ۽ مون کي پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت گهرڻ بي دخل ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ وري مون مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هن چيو تہ منهنجي ڌياڻي جي ڏاج لاءِ 4 تولا سونا زيور سميت اڍائي لک روپيا روڪ رقم بہ مائٽن وٽ رکيل آهن جن کي بہ منهنجا ڀائر ڌمڪائي رهيا آهيون تہ اها رقم ۽ سون هو مون کي واپس نہ ڪن. هن چيو تہ ڀائر مون سان زيادتيون ڪري رهيا آهن ايس ايس پي جيڪب آباد واقعي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪري.

بقايا 38 قبضن جي مذمت

پاڻي جي کوٽ سبب پوکيل فصل سوڪهڙي جو شڪار ٿي رهيا آهن، اهڙي صورتحال ۾ ضلعي جون شهري آباديون بہ متاثر ٿي رهيون آهن. اجلاس جي دابيجي ساموئندي علائقن ۾ ٻاهرين ماڻهن پاران مقامي ماڻهن جي زمينن تي قبضن جي مذمت ڪندي قبضن کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو، ضلعي جي ڪوهستان ۽ ساحلي علائقن ۾ روينيو کاتي جي عملدارن جي آشيرواد سان ڪوڙن ڪاغذن ذريعي وڪرو ڪرڻ وارو سلسلو بہ جاري آهي عوامي تحريڪ اهڙي طرح لکين ايڪڙ زمين جي غير قانوني وڪري واري عمل تي تنقيد ڪندي فوري طور ڪنٽرول ڪري ڏنل زمينون واپس ڪرڻ جو بہ اجلاس ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ ضلعي جي صنعتي ادارن ۾ مقامي سنڌي مزدورن کي ڀرتي ڪرڻ ۽ ٽريڊ يونين سرگرميون بحال ڪيون وڃن اجلاس ۾ شاهہ محمد جانگ ،منا خان لاشاري، گهنور خان زئنئور ،مارو خشڪ، بلاول لاشاري، امان الله بروهي، الله بخش بلوچ، مجاهد بلوچ، ادريس پليجو سميت ضلعي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

بقايا 39 لاڙڪاڻو ڪري ويو

ويو ياد رهي تہ مرحوم جو تذڪرو ستابي ۾ ڇاڻيو ويو آهي جنهن جي عذر خواهي وصول ڪرڻ لاءِ مرحوم جي ڀائرن ۾ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي اڳوڻي پروفيسر شاهہ الله جکو جاويد جکو سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي

بقايا 40 ناصر شاهہ

هيٺ جمون ڪشمير جي مظلوم عوام سان يڪجهتي جو عهد ورجائڻ هو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل SBCA مزمل حسين هاليپوٽو جي هدايتن تي اٿارٽي جي سمورن ضلعي آفيسن ۾ قومي جهنڊو (اڌ ڪاٺيءَ تي) رکيو ويو ڪشميري شهيدن جي ثواب، ڪشميري عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد ۽ خودارادايت جي حق کي حاصل ڪرڻ لاءِ خاص دعائن جو اهتمام ڪيو ويو. ڪشمير ڏينهن جي موقعي تي ڪشميري شهيدن جي ياد ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي، جنهن ۾ آفيسرن ۽ ملازمن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي مزمل حسين هاليپوٽو ڪشمير سان يڪجهتيءَ جي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ چيو تہ ڪشميري عوام ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي جائز حق خودارادايت لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، جنهن تي عالمي برادريءَ جي سنجيده توجہ ۽ عملي قدمن جي سخت ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان ڪشميري عوام سان پنهنجي اٽل سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو. جڏهن تہ گڏيل قومن جي قراردادن موجب ڪشمير جي مسئلي جو منصفاڻو ۽ پائيدار حل وقت جي اهم ضرورت آهي. ڊائريڪٽر جنرل SBCA ان عزم جو ورجاءُ ڪيو تہ ڪشمير جو ڏينهن مظلوم ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار، سندن قربانين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۽ سندن جائز حق لاءِ آواز بلند ڪرڻ جو ڏينهن آهي.

بقايا 41 5 ڄڻا فوت

لڳ روڊ حادثي ۾ 75 سالن جي عورت الله بچائي ڌيءُ وزير علي فوت ٿي وئي آهي. لاش سول اسپتال جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو بن قاسم ٿاڻي جي حد اسٽيل مل پل ويجهو ڪمپني جي اندر ڪم ڪرڻ جي دوران پوريهٽ لفٽر جو پنجو لڳڻ جي نتيجي ۾ 27 سالن جو نوجوان ڪامران علي ولد شفيع محمد فوت ٿي ويو شاهہ فيصل ڪالوني ٿاڻي جي حد ۾ شاهہ فيصل ڪالوني نمبر 5 جي ويجهو ڪچرا ڪنڊي جي لڳ 55 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو. آخري اطلاع تائين فوتي جي لاش جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي. لائنز ايريا بلال مسجد جي ويجهو گهر ۾ زهريلي شيءِ کائڻ جي نتيجي ۾ 20 سالن جو نوجوان رميز ولد حبيب خان فوت ٿي ويو. ڪلفٽن بلاڪ 2 جي ويجهو ڇت تان ڪرڻ جي نتيجي ۾ مزدور 30 سالن جو وقاص ولد شان فوت ٿي ويو.

بقايا 42 نياز ڪالاڻي

لهي آئي آهي، اگر نادر جمالي ڏوهاري يا اشتهاري هيو تہ ان کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ گهرجي ها تہ ڪي ان کي پڪڙي بيدردي سان قتل ڪيو وڃي ها، صاف ظاهر آهي پوليس پنهنجي پٽي پائين جي وتگار وهندي، ايس ايس پي عهدي تي موجود هجي ۽ جاچ بہ هلي اها جاچ ڪنهن کي قبول نہ هوندي، دادو ۾ قلم ڌڻين مٿان داخل ٿيل دهشتگردي قلم هيٺ ڪيس جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي فوري طور داخل ٿيل ڪيس ختم ڪيو وڃي، نادر جي معاملي جي سچي سنڌ ۾ بحث هلي پيو دادو ضلعي جي يا ٻاهرين پوليس هن ڪيس جي جاچ نہ ڪري معاملي جي عدالتي جاچ اهم آهي ننڍيون وڏيون غلطيون سڀ ڪنهن کان ٿين ٿيون پر ان جي سزا قتل نہ آهي، پوليس صحافين تي اي ٽي سي جا قلم هڻي ڪيس داخل ڪري تمام غلط عمل ڪيو آهي جنهن سبب سچي سنڌ جا قلم ڌڻي احتجاجي طرف اچڻ پيا، نادر جي وارثن سان تعزيت ڪئي آهي اهي وارثن جي ڳالهيون اهميت واريون آهن پوليس کي اهو بہ اختيار نہ آهي تہ ڊيٿ وارنٽ واري ڪي بہ پوليس مقابلي ۾ قتل ڪري هي تہ شهرين هو معاملي جي عدالتي جاچ ٿيڻ گهرجي سچي سنڌ بہ اهو مطالبو ڪري ٿي، جڏهن تہ ان موقعي تي وڏي انگ ۾ ڪارڪن موجود هئا.

بقايا 43 ريليون ڪڍيون

شهدادپور ۾ روينيو ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ،ميونسپل ڪميٽي، مرڪزي مسلم ليگ، سني رابطا ڪائونسل ۽ ٻين تنظيمن طرفان ريليون ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو ۽ نعريبازي ڪئي وئي، هوڏانهن ٺٽو ۾ ضلعي انتظاميا پاران ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳت جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي، ريلي ۾ مختلف سرڪاري کاتن، استادن، صحافين ۽ سول سوسائٽي جي شرڪت ڪئي، ٻئي طرف بدين ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ۽ وائس چيئرمين ضلع ڪائونسل فدا حسين منڊرو ڊي ايس پي پير شبير ڊي ايچ او هيلٿ ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ تعليم، صحت، پوليس، روينيو ايڪسائيز کاتو، ريسڪيو 1122، سماجي تنظيمن، ميڊيا، اقليتن ۽ سول سوسائٽي سميت زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ٻئي طرف ٽنڊو محمد خان ۾ ڊسٽرڪٽ اسپورٽس کاتي پاران ٽنڊو محمد خان جي ويجهي ڳوٺ حسين خان لغاري ۾ شاندار واليبال ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو، هوڏانهن خيرپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر ڦلپوٽو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مشتاق احمد پنهور، ڊي ايس پي اسدالله ڀٽي، ڊسٽرڪٽ آفيسر ريسڪيو تنوير احمد، عاشق حسين عباسي سميت شاگردن، اسڪائوٽس، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، هوڏانهن ڪنڊيارو ۾ ٽائون ڪاميٽي، روينيو سميت مختلف کاتن جي ملازمن سليم،اختر ميمڻ حسنين جوکيو شاهنواز ڏيهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، ٻئي طرف ڪنڌڪوٽ ۾ مختلف ادارن ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان گهنٽا گهر چوڪ تائين ڊي سي آغا شير زمان جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف صوبائي ۽ وفاقي کاتن جي عملدارن پڻ شرڪت ڪئي، هوڏانهن دادو ۾ ڊي سي مرتضيٰ علي شاهہ، ايس ايس پي ڪئپٽن (ر) امير سعود مگسي، استاد بخاري ڪاليج پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو، جماعت اسلامي محمد موسيٰ ڀٽي، ضمير چانڊيو تحريڪ لبيڪ پاڪستان دادو، دفائي پاڪستان ونگ ساجد سولنگي، محرم شيني پ پ اڳواڻ قمبر علي لغاري، واپاري اڳواڻ گل حسن پنهور، رئوف مستوئي، ماما ممتاز چنا ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ريليون ڪڍيون ويون، ٻئي طرف شڪارپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر شڪيل احمد ابڙو جي اڳواڻي ضلعي انتظاميا، سنڌ ٽيچرز ڪوآرڊينيٽر ڪميٽي، سياسي، سماجي ۽ مختلف شعبن پاران ريليون ۽ تقريبون منعقد ڪيون ويون، هوڏانهن جيڪب آباد ۾ ضلعي انتظاميہ پاران ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري، ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ، مختيارڪار عبدالقيوم سڏايو انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، فرحان لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي طور ڊي سي آفيس کان ريلي ڪڍي وئي، ٻئي طرف جماعت اسلامي ۽ قومي امن ڪائونسل هيومن رائيٽس پاران ٻہ ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي طور الڳ الڳ ريليون ڪڍيون ويون. ٻئي طرف ٽنڊوالهيار ۾ ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري ۽ ايس ايس پي سيد سليم شاهہ جي اڳواڻي ۾ مرتضيٰ شاهہ ڏاڏائي هال کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن . مذهبي اڳواڻن . شهرين سميت اسڪولي شاگردن شرڪت ڪئي، هوڏانهن سکر ضلعي انتظاميہ سکر جي اهتمام هيٺ 5 فيبروري يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي سکر ميونسپل اسٽيڊيم کان سکر پريس ڪلب تائين هڪ پرهجوم احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، پاڪستان سني تحريڪ ۽ مرڪز اهلسنت، سول ڊفينس سميت مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن، سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن، شاگردن ۽ شاگردياڻين توڙي سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سکر ڊويزن سائيڪلنگ ايسوسيئيشن جي سهڪار سان هڪ شاندار سائيڪلنگ ريلي جو اهتمام ڪيو ويو هوڏانهن سجاول، شاهپورچاڪر، ٽنڊوآدم، ٽنڊوباگو، عمرڪوٽ، ڪپري، ڏيپارجا، اسلام ڪوٽ ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪيو ويو

بقايا 44 شڪار آهي

ٿي ڍاڪڻ کان گهوٽڪي سميت سنڌ جو عوام اهڙن واڳن جي عتاب جو شڪار آهي وقت اچي ويو آهي جو هڪ ٻئي جي مالڪي ڪجي اهڙو اظهار گهوٽڪي جي مشهور صنعتڪار ۽ سماجي اڳواڻ اشوڪ ڪمار جي گرفتاري تي سياسي سماجي اڳواڻن جي ڪوٺايل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ اڳواڻن خطاب ڪندي ڪيو آهي امن بحال ڪاميٽي جي اڳواڻ ايڊوڪيٽ لال بخش گهوٽو جي ميزباني هيٺ سنڌ هائوس گهوٽڪي ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ وڪيلن ، صحافين ، شهرين ، سجاڳ ڌرين ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن جدوجهد جو اعلان ڪندي چيو تہ گذريل ڪيترن ئي ڍاڪڻ جي تاريخ کولي ڏسنداسين تہ عوام جي مفادن جي ابتڙ ٿي ڪم ڪيا ويا آهن ، هي ڪارودور ان ڳالهہ جي گواهي ڏي ٿو تہ جنهن جي ووٽ تي چڙهي ايوانن تائين پهچڻ وارا اقتدار دوران پنهنجي ووٽر توڙي تڪ جي عوام کي ڏسڻ بہ پسند ناهن ڪندا ، هڪ طرف بدامني جي باهہ کي ڀڙڪايو ويو تہ ٻئي طرف صحت ۽ تعليم کان محروم رکي پڙهيل لکيل نوجوانن کي پنهنجي حقن محروم رکي پريشان ڪري کين خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي اڳواڻن جو اهو بہ چوڻ هو تہ ماڻهو مارايو مال ٻڌايو ، پاڻ بہ کائو اسان کي بہ کائو واري پاليسي تي ڪم هلي رهيو آهي ۽ ڪامورن کي سسٽم جي پنجي ۾ وڪوڙي کين سرڪاري ڪاٺو پٽ بڻايو ويو آهي تہ جيئن عوام جو رت چوسي بہ مال ڏنو وڃي اوهان جو ڪوبہ ٽالو نہ ويندو اڳواڻن جو چوڻ هو تہ اهڙي ئي طرح گهوٽڪي جي مشهور صنعتڪار ۽ سماجي اڳواڻ هر دلعزيز شخصيت اشوڪ ڪمار کي هڪ سازش تحت ڦاسائي فوٽو سيشن ڪيدي سوشل ميڊيا تي لڳائي بعد ۾ هن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ اشوڪ ڪمار اڪيلو ناهي اسان سڀ اشوڪ ڪمار آهيون ، اگر اڄ بہ اڪ تہ ڪولي سين تہ سڀاڻي هر هڪ جو وارو ايندو ان ڪري جدوجهد ذريعي هڪ ٻئي جي مالڪي ڪريون ۽ اهڙن ماڻهو جو سماجي بائيڪاٽ ڪريون جيڪي مفاد اچڻ تي تہ ٻٽا پاڪر پائيندا آهن پر وقت اچڻ تي قربانيءَ جو ٻڪرو بڻايو ويندو آهي

بقايا 45 روڊ بند

طرفان پڻ راڌڻ ريلوي ڦاٽڪ بند ڪري ٽائر ساڙي راڌڻ موهن جو دڙو روڊ بند ڪري ڇڏيو ۽ روڊ سان گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي جتوئي برادري طرفان لڳايل ڌرڻو کي انتظاميا ريسپانس نہ ملڻ ڪري مقتول توفيق جتوئي والد عبدالخالق جتوئي پاران پاڻ ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي شهرين بچائي ورتو ان موقعي تي عبدالخالق جتوئي نظر سولنگي ۽ ٻين چيو تہ اسان قرآن تي جهيڙو ختم ڪيو هيو پر اسان جو ٻہ ڏار ڪيس بروهين تي داخل ڪيو وڃي اسان غريب ۽ بي پهچ ۽ مظلوم آهيون اسان جي ڪير ٻڌ نٿو ٻڌي اسان جو ڪيس داخل ڪيو وڃي تہ تہ احتجاج جاري رهندو ان موقعي تي راڌڻ ٽائون چيئرمين جو سوئٽ پ پ يوٿ ضلع دادو صدر مير مرتضيٰ گورڙ ڌرڻي واري هنڌ پهچي مقتول جي پيءُ عبدالخالق جتوئي ۽ جتوئي برادري کي يقين ڏياريو تہ قانوني ويڙهہ ۾ اوهانکي انصاف ڏيارڻ ۾ اسان پوري پوري ڪوشش ڪنداسين ڪالهہ اوهان اسان جي امن ميڙ منٿ قافلي کي مثبت موٽ ڏني آهي اسان بہ اوهان جي جائز مدد ڪنداسين مهرباني ڪريو شهر جو امن برقرار رکو ڌرڻو اوهان بہ ختم ڪريو ۽ اوهان جي حمايت ۾ نڪتل جتوئي برادري جو بہ ڌرڻو ختم ڪرايو جنهن بعد هڪ ڀيرو ٻيهر معزز جي واعدي تي اعتماد ڪندي سولنگي برادري پڻ ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو

بلديہ عظميٰ ڪراچي

عام اطلاع

تمام قبرستانن جي نگران ۽ گورڪن کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ جيڪي ماڻهو انهن قبرستانن ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن، جن ۾ نگران، گورڪن، مالهي، چوڪيدار، ميسن (قبرون ٺاهيندڙ) ۽ قبرن کي پاڻي ڏيڻ وارا شامل آهن، اهي بلديہ عظميٰ ڪراچي جي شعبہ قبرستان (ميونسپل سروسز) مان پنهنجي سالياني رجسٽريشن ڪرائي وٺن.

- سالياني تجديد: جن جي رجسٽريشن اڳي ئي ٿيل آهي، اهي تجديد لاءِ بغير ڪنهن معاوضي جي فارم حاصل ڪن.
- نئين رجسٽريشن: جيڪي ماڻهو سال 2026 لاءِ نئين رجسٽريشن ڪرائڻ چاهين ٿا، اهي پڻ پنهنجي درخواست جمع ڪرائين.
- اين جي اوز ۽ تنظيمون: اهي قبرستان جيڪي ڪنهن اين جي او، ايسوسي ايشن، برادري، مزار يا خانقاهہ جي تحت ڪم ڪري رهيا آهن، اهي پڻ هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر پنهنجي رجسٽريشن يا تجديد ڪرائي وٺن.

قبرستان بائي لاز2003-2004 ۽ ترميم ٿيل بائي لاز تحت سالياني رجسٽريشن/تجديد لازمي آهي. ٻي صورت ۾ بائي لاز 2003-2004 ۽ ترميم ٿيل بائي لاز 2019 جي تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ڊائريڪٽر
قبرستان سيڪشن، ميونسپل سروسز
ڪي ايم سي بلڊنگ، ايم اي جناح روڊ، گرائونڊ فلور، ڪراچي.

INF/MM/124/2026

يوم يڪجهتيءِ ڪشمير جي حوالي سان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي ريليون، مظاهرا

حيدرآباد، ٺٽو، بدين، ٽنڊومحمد خان، خيرپور، سکر ۽ ٻين شهرن ۾ ريليون ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

ڪنڌڪوٽ، دادو، شڪارپور ۽ ٻين شهرن ۾ احتجاج ڪري ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو

جيڪب آباد، ٽنڊوالهيار، سجاول، شهدادپور، ٽنڊوآدم، ڪپرو، عمرڪوٽ ۾ پڻ احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

حيدرآباد (نمائندن وڪان) يوم ڪشمير جي حوالي سان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ مختلف ادارن ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ريليون ڪڍيون ويون مليل ڄاڻ موجب
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ عمرڪوٽ ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريليون ڪڍيون پئي وڃن

ڦلجي اسٽيشن لڳ هٿياربند واپارين کي يرغمال بڻائي ڍور ڦري فرار

ڳوٺ يعقوب لاڪو وٽ 10 هٿياربند واپارين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻايو

هٿياربند 6 مينهون، هڪ ڍڳي ڦُر ڪري فرار ٿي ويا آهن، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي انصاف ڪن

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ محمد يعقوب لاڪو وٽ 10 نامعلوم هٿياربندن شڪارپور کان ڪراچي ويندڙ چوپايو مال مينهون سان ڀريل شهزور گاڏي کي هٿيارن جي زور تي روڪي ڊرائيور ۽ واپاري محمد يوسف جهنواڻ کي يرغمال ڪري 6 مينهون ۽ هڪ ڍڳي زبردستي ڪاهي فرار ٿي ويا جنهن کان پوءِ متاثر واپاري محمد يوسف جهنواڻ ڦلجي ٿاڻي تي پهچي ڪري اهڙي قسم جو اطلاع ڦلجي پوليس کي ڏنو
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ راند ڪيڏندي باهه لڳڻ سبب معصوم نينگري سڙي زخمي، اسپتال منتقل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مراد واهڻ بروهي گهٽي واري علائقي ۾ راند ڪيڏڻ دوران باهه لڳڻ سبب 8 ورهين جي نينگري عليشا ڌيءَ رحمت الله چانڊيو سڙي زخمي ٿي پئي، نينگري جي ڌڙين تي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: مقتول نوجوان جو لاش پيل آهي

ڪنڌڪوٽ لڳ هوٽل مزدوري ڪندڙ نوجوان جو ڳلو ڪٽيل لاش هٿ

اناج منڊي وٽان فاروق ملڪ جو لاش پوليس ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿيو آهي وارثن جي اچڻ بعد ڪيس داخل ڪري جاچ ڪئي ويندي: پوليس

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد اناج منڊي لڳ شيخ پاڙي ۾ ٽنگواڻي واسي نوجوان فاروق ملڪ جو ڳلو ڪٽيل لاش پيل هو جيڪو علائقي واسين ڏسي ڪري پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس پهچي ڪري نوجوان جو لاش ڪڍائي سول اسپتال ڪنڌڪوٽ آندو جتي ضروري ۽
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ بروهي سولنگي تڪرار ۾ مارجي ويل توفيق احمد ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين عبدالخالق جتوئي، نظر سولنگي ۽ ٻين موهن جو دڙو روڊ بند ڪري احتجاج ڪيو

ڌرڻي دوران نوجوان جي والد عبدالخالق پاران پاڻ ساڙڻ جي ڪوشش، شهرين بچائي ورتو

پ پ اڳواڻ مير مرتضيٰ ڳورڙ ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين کي انصاف جو يقين ڏياري ڌرڻو ختم

راڌڻ (رپورٽ ستار ميراڻي) راڌڻ ۾ بروهي سولنگي برادري درميان مارجي ويل جتوئي ذر جي نوجوان توفيق احمد جي قتل ۽ تڪرار سولنگي جي زخمي ٿيڻ جي واقعي جي پڻ ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ سولنگي برادري
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ ناپر برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 12 ڄڻا زخمي

ڳوٺ پير بخش ناپر ۾ زمين جي مالڪي تان ڌرين ۾ ٻيو ڀيرو جهيڙو ٿي پيو

لٺيون سوٽا لڳڻ ڪري زخمي چار عورتن سميت 12 ڄڻن کي اسپتال آندو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ پير بخش ناپر ۾ زمين جي مالڪي تان ناپر برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻيون ڀيرو جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺيون ۽ سوٽا لڳڻ سبب چئن عورتن سميت 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ هڪ ڌر جا غلام شاهه، غلام الله، غلام اڪبر، رحيم بخش، نورالدين ۽ عورتن ۾ مائي صاحب، مائي سسئي، مائي شمني ۽ مائي ريحانه جڏهن ته ٻي ڌر جا عبدالقادر شبير احمد ۽ اصغر ناپر شامل آهن زخمين
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

بستان ۾ ڳوٺاڻي کي قتل ڪندڙ ٻه جوابدار عدالت ۾ پيش، ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

ڪنري(ن ع) ٻه ڏينهن اڳ بستان ۾ پٺي ۽ نوحاڻي برادري ۾ پراڻي تڪرار سبب هڪ همراهه امير بخش پٺي کي قتل ڪندڙ گرفتار ٻن جوابدارن سردار نوحاڻي ۽ جاويد نوحاڻي کي ڪنري پوليس ٻن الڳ الڳ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: سماجي تنظيم پاران لڳايل هنري ميلي ۾ نارين اسٽال ڏسي رهيون آهن ٻي طرف نارين کڏي تي اڻت ڪري رهيون آهن

گهوٽڪي ۾ سماجي اڳواڻ اشوڪ ڪمار جي گرفتاري تي سياسي سماجي اڳواڻن پاران اي پي سي

آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ وڪيلن، صحافين، شهرين، سڄاڻ ڌرين ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اشوڪ ڪمار اڪيلو ناهي اسان سڀ ساڻس گڏ آهيون، اگر اڄ ٻراڪ نه ڪولي سين ته سڀاڻي هر هڪ جو وارو ايندو: مقرر

اڄ ته جدوجهد ذريعي هڪ ٻئي جي مالڪي ڪريون ۽ اهڙن ماڻهن جو سماجي بائيڪاٽ ڪريون

گهوٽڪي (رپورٽ فرمان سومرو) سياسي وڏيرا صرف موسمي ڏيڏر هوندا آهن جيڪي صرف پنهنجي ئي مفاد لاءِ ٽران ٽران ڪندا آهن، هو ڪنهن به وقت ڪنهن کي به قرباني جو ٻڪرو بڻائي سگهن ٿا ڪيترن
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سکر ۽ ڀرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، چوري ۽ ڦرجون ٻه وارداتون

روهڙي ٿاڻي جي حد هٿياربند حمزه ميراڻي کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

پراڻي سکر واسي سيد قمر عباس جي گهر ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل به چور ڪاهي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) پراڻو سکر جي رهواسي نوجوان سيد قمر عباس جعفري جي گهر ٻاهران بيٺل SLN-3587 نمبر رجسٽرڊ موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا. متاثر نوجوان موجب هن موٽر سائيڪل کي معمول مطابق گهر ٻاهران بيهاريو هو ۽ ڪجهه ئي وقت ۾ چور موقعو وٺي موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا. ٻي واردات روهڙي ٿاڻي جي حد، قاسم علي شاهه پيٽرول پمپ جي ويجهو هٿياربند جوابدارن علي حمزه ولد عبدالحفيظ ميراڻي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ ڳوٺاڻي جو پائيڻ ۽ پاڄائي جي ناجائزي خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ويجهو ڳوٺ عبدالحڪيم زرداري واسي محبوب حسين زرداري پريس ڪلب پهچي ويو منهنجي ڀاءُ کي ماري خون اسان جي ڳچي ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ان جا ثبوت پڻ موجود آهن. محبوب حسين زرداري
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: قلندر جي ميلي ۾ شرڪت لاءِ آيل پانڌيئڙا ڌمال هڻي رهيا آهن

ٽنڊوباگو ۾ خاصخيلي برادري جي ماڻهن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ مور ملاح واسي جمن، گلاب، الهجڙيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ملاح برادري جي بااثرن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوباگو(ٽ ر) ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ مور ملاح جي رهواسي خاصخيلي برادري جي ماڻهن جي وڏي تعداد سندن ئي ڳوٺ ۾ ويٺل ملاح برادري جي ماڻهن پاران خاصخيلين جي پلاٽ تي قبضي خلاف جمن خاصخيلي، گلاب خاصخيلي، الهجڙيو ۽ عمران خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي جمن خاصخيلي گلاب ۽ الهجڙيو خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ اسان جي مخالفن
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ ميگا ٽيسٽنگ سروس جي ٽيسٽ سيزن جو 3 انعقاد ڪيو ويو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ ميگا ٽيسٽنگ سروس جي طرفان ميگا ٽيسٽ سيزن 3 انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ سرڪاري ۽ نجي اسڪول جا 5 کان 8 هين ڪلاس جون شهر جي مختلف علائقن کان آيل 800 شاگرد ۽ شاگردياڻيون شامل هيون. ٽيسٽ شهر جي مقامي هال ۾ ٿي، ٽيسٽ جي نگراني شهدادپور
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: ميگا ٽيسٽنگ سروس طرفان شاگردن جي ٽيسٽ ورتي پئي وڃي

ٽڪ جي غريب عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيا آهيون: زبير احمد جوڻيجو

محسنن سان غداري ڪندڙ مڊي خارج سياستدانن کي ڪير به پنهنجو ڪرڻ تيار ناهي

پ پ سدائين اظهار جي آزاديءَ تي يقين رکيو آهي، پريس ڪلب جا مسئلا جلد حل ڪنداسين

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) ٽڪ جي غريب عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيا آهيون پي پي سدائين اظهار جي آزادي تي يقين رکيو آهي خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب جا مسئلا فوري حل ڪيا ويندا اهڙن خيالن جو اظهار نوجوان ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو خانپور جوڻيجو ۾ پنهنجي رهائش گاهه تي خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب جي صدر قربان علي بگهيو جي اڳواڻي ۾ برڪت علي چانڊيو محمد جعفر بگهيو، احمد حسين چانڊيو، نويد
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال لڳ زال کي قتل ڪندڙ جوابدار تي ڪيس داخل عدالتي پيشي بعد 4 ڏينهن جي ريمانڊ تي پوليس حوالي

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ قبول درس ۾ گذريل ڏينهن جوابدار امام بخش درس پنهنجي زال 5 ٻارن جي ماءُ زليخا درس کي گولين هڻي قتل ڪيو هو عورت زليخا جي ڀاءُ منظور درس جي فرياد تي اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جوابدار ايف آءِ آر ۾ موقف اختيار ڪيو ته جوابدار سڱاوٽي تڪرار تان منهنجي ڀيڻ کي قتل
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال: گهر واري کي قتل ڪندڙ جوابدار لاڪپ ۾ بيٺل آهي

ڪشميري عوام پنهنجي رت سان آزاديءَ جي شمع روشن رکي آهي: ناصر محمود سومرو

عوام ڏهاڪن کان ڀارتي ظلم، قتل و غارت ۽ انساني حقن جي بدترين پائمالي کي منهن ڏئي پيو

اسان ڪشميرين جي درد کي پنهنجو درد ۽ جدوجهد کي پنهنجي جدوجهد سمجهون ٿا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي لاڙڪاڻي جي امير مولانا ناصر خالد محمود سومرو ۽ جنرل سيڪريٽري محبت علي کهڙو چيو آهي ته ڪشمير صرف هڪ خطو ناهي پر امتِ مسلمه جي دل تي لڳل اهو زخم آهي جيڪو هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌيڪ ڳاڙهو ٿيندو پيو وڃي جڏهن ته ڪشميري عوام ڏهاڪن کان ڀارتي ظلم، جبر قتل و غارت ۽ انساني حقن جي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ڪي بي فيڊر ۾ پاڻي کوٽ خلاف سڄاڻ ڌرين پاران احتجاج جو اعلان

عوامي رد عمل جي بعد ڇڏيل پاڻي رفحان مل اڳيان ڏنل بند وٽ گندي پاڻي سان گڏجي ويو

انتظاميا ماڻهن کي بيوقوف نه ڪري عوام هاڻ رستن تي فيصلا ڪندو: جسقم اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي ڪراچي واهه جو پاڻي عوام کي ڏيکاءُ قرار سياسي سماجي ۽ سڄاڻ ڌرين حلقن پاران افسوس ظاهر ڪري خدشو ظاهر ڪري ڪيترن ئي بيمارين پکڙجڻ جو انڪشاف ڪيو آهي عوامي رد عمل جي سخت دٻاءَ جي نتيجي ۾ ڇڏيل پاڻي رفحان مل اڳيان ڏنل بند وٽ اچي بيهي رهيو جنهن سبب ڀيرين کان گڏ ٿيل
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

هالا لڳ دڪان تان چوري ڪندڙ جوابدار جي گرفتاري ۽ سامان واپسي تي ديوان برادري پاران پوليس کي آجياڻو

هالا (ن ع) هالا مان ڪجهه ڏينهن اڳ درگاهه روڊ تان ڪانتيش ڪمار موبائل شاپ تان ٿيل چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري موبائل فون هٿ ڪرڻ تي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي هالا ذوالفقار گل محمد پنهور ۽ هالا جي ديوان برادري پاران ڊي ايس پي هالا محمد يعقوب ٻرڙو ۽ ايس ايڇ او هالا ڪرم علي عمراڻي جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو آجياڻي جي تقريب
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪشميرين پر جبر مسلسل اور اقوام عالم کی خاموشی
يوم يڪجهتی ڪشمير

اسلام آباد: يوم يڪجهتي تي ڪشميرين جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

KASHMIR DAY
5 فروری

ڏوڪري: ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

عمرڪوٽ لڳ موٽر سائيڪل ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

اين آئي سي وي ڊي سينٽر ڀرسان حادثي ۾ 45 ورهين جو جهامن ٻجير زخمي ٿي پيو

زخمي کي سول اسپتال آندو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

عمرڪوٽ (ن ع) چور روڊ تي موٽر سائيڪل ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر ،هڪ ڄڻو فوت عمرڪوٽ جي چور روڊ تي اين آئي سي وي ڊي سينٽر جي ڀرسان ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر سبب موٽرسائيڪل سوار عمرڪوٽ شهر جي ٻجير پاڙي جو رهواسي 45 سالا جهامن پٽ مدن ٻجير سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي ڳنڀير حالت ۾ سول اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي جهامن ٻجير فوت ٿي ويو
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ويجهو تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل کي ٽڪر، نينگر فوت، عورت سميت 2 ڄڻا زخمي

جهول روڊ تي دلور موري وٽ حادثي ۾ 15 ورهين جي ياسين خاصخيلي ڏڪي تي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي مسمات صحت خاصخيلي، لطيف ۽ لاش کي تعلقي اسپتال آندو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جهول روڊ تي دلور موري وٽ تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار 15 سالا نينگر ياسين خاصخيلي ڏڪي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته لطيف خاصخيلي ۽ عورت صحت خاصخيلي سخت زخمي ٿي پيا فوتي ۽ زخمين کي تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي ضروري ڪاروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

ٽنڊوآدم لڳ پوليو ورڪر کي ڇتي ڪتي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

ڳوٺ دودا خان مري ۾ ڊيوٽي دوران زخمي مسمات شهناز کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال آندو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ دودا خان مري ۾ پوليو ڊيوٽي دوران عورت پوليو ورڪر مسمات شهناز زال خير محمد کي ڇتي ڪتي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو.

5 FEBRUARY
One Nation One Voice
IIOJK

ٽنڊو آدم: ضلعي انتظاميه ۽ مختلف تنظيمن پاران ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

خيرپور ۾ گهر اندر گئس ليڪيج ٿيڻ سبب باهه، معصوم نينگري ۽ عورت سخت زخمي

فيض آباد ڪالوني ۾ اظهر جنا جي گهر باهه سبب نينگري عليشاهه ۽ مسمات سميا زخمي ٿي پيون

زخمين کي فوري طور تي سول اسپتال آندو ويو جتان نازڪ حالت ۾ گمس منتقل ڪيو ويو

خيرپور(د ر)خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد فيض آباد ڪالوني ۾ گهر اندر چلهي مان گئس ليڪيج ٿيڻ سبب باهه لڳي وئي، باهه لڳڻ سبب معصوم نينگري ۽ عورت سخت زخمي، اسپتال منتقل تفصيل موجب فيض آباد ڪالوني ۾ اظهر جنا جي گهر اندر چلهي مان گئس ليڪيج ٿيڻ سبب باهه لڳي وئي جنهن سبب معصوم نينگري عليشا ۽ عورت مسمات سُميا سخت زخمي ٿي پيون جن کي فوري طور تي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

راڻي پور ۾ جسقم اڳواڻ حاڪم پيلار جي گرفتاري خلاف احتجاج

ڪارڪنن وحيد خاصخيلي، امتياز ماڇي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

تعلقي صدر حاڪم پيلار ۽ سنڌس پٽ رخسار پيلار کي آزاد ڪيو وڃي: مظاهرين

راڻي پور(ن ع) جسقم آريسر ضلعي خيرپور جي پاران جسقم آريسر تعلقي سوڀوديرو جي نائب صدر حاڪم پيلار ۽ سنڌس جي پٽ رخسار پيلار جي جبري گرفتاري خلاف جسقم آريسر ضلعي خيرپور جي صدر وحيد خاصخيلي جنرل سيڪريٽري امتياز ماڇي، خزانچي ساجد منگريو نواز شنباڻي، قديراحمد، جسقم اڳواڻ فقير علي ڏنو اجڻ ڊاڪٽرعالماڻي وائيس آف راڻي پور جي اڳواڻ غازي امداد لاڙڪ جي اڳواڻيءَ ۾ باب دستگير گيٽ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ قتل ٿيل نوجوان آڪاش لولائي جي وارثن جو انصاف لاءِ احتجاج

وارثن اڪرم لولائي، ممتاز لولائي، ذوالفقار لولائي، صادق ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پنج ڏينهن اڳ آڪاش لولائي کي بي دردي سان قتل ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

خيرپور(د ر)پنج ڏينهن اڳ آڪاش لولائي کي جوابدارن بي دردي سان قتل ڪري لاش بوري ۾ بند ڪري سم نالي ۾ اڇلائي ڇڏيو هو جنهن بعد مقتول آڪاش لولائي جي وارثن اڪرم لولائي، ممتاز لولائي ذوالفقار لولائي صادق ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي جوابدارن جي گرفتار جي گهر ڪئي

5 فروری
يوم يڪجهتی ڪشمير

سکر: جماعت اسلامي پاران مولانا اسدالله ڀٽي جي قيادت ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ جي قديمي ماڳ موهن جو دڙو تي اٽلي ۽ آمريڪي سياحن جا وفد پهتا

ٻنهي ملڪن جي وفدن اسٽوپا، گريٽ باٿ ۽ ميوزيم سميت ٻين قديمي آثارن جو پڻ دورو ڪيو

اسان جي خواهش هئي ته پاڪستان وڃي سنڌ ۾ عظيم تاريخي ماڳ موهن جو دڙو ضرور ڏسنداسين: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ)سنڌ جي عظيم قديمي ماڳ موهن جي دڙي تي پرڏيهي سياحن جو آمد جو سلسلو جاري آهي سنڌ جي عظيم ماڳ موهن جي دڙي جو اٽلي ۽ آمريڪا جي پرڏيهي سياحن جي وفد دورو ڪيو،موهن جو دڙو تي احسان عباسي آيل وفد جو شاندار استقبال ڪيو سنڌ ٽوئرزم جو گائيڊ ارشاد سولنگي بريفنگ ڏني جڏهن ته اٽلي ۽ آمريڪا جو پرڏيهي وفد اسٽوپا، گريٽ باٿ ۽ ميوزيم سميت ٻين قديمي آثارن جو پڻ دورو ڪيو اٽلي ۽
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ٻڪرين جو چور سوگهو، پوليس حوالي

ڳوٺ مراد بلوچ مان چار چور 3 ٻڪريون ڪاهي فرار ٿيا ته ڳوٺاڻن پيرا کنيا

پيڇو ڪري هڪ چور زبير جت کي ٻڪرين سميت پڪڙي پوليس حوالي ڪيو

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ ٻڪرين جو چور سوگهو 3 ٻڪريون هٿ رات دير سان 4 نامعلوم چور عمر ساند ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ مراد بلوچ مان ٻڪريون چوري ڪري فرار ٿي ويا ڳوٺاڻن پاران چورن جا پيرا کنيا ويا جنهن بعد اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد فاضلاڻي موري پوسٽ ويجهو اٿين جي باغ ۾ هڪ چور نالي زبير جت کي سوگهو ڪري ورتو 3 فرار ٿي ويا ۽ 3 ٻڪريون برآمد ڪري ورتا عمر ساند پوليس واقعي واري هنڌ پهچي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

5th February Kashmir Day
BLACK DAY
Pray For Kashmir
Humans Without Human Rights

حيدرآباد: ڪشميرين سان يڪجهتي واري ڏهاڙي تي نڪتل ريلي ۾ اسڪولي شاگرديائيون پوسٽر کڻي شريڪ آهن

تعليم مفت آهي، فيس جي نالي تي رقم وصول نه ڪئي وڃي: سردار شاهه

داخلا کان وٺي امتحان جي مرحلي تائين فيس جو مرحلو ختم ٿي چڪو آهي

اسان صوبي ۾ تعليم کي بنيادي حقن جي طور تي تسليم ڪريون ٿا

بورڊز طرفان فيس نه وصول ڪرڻ جي حڪمن کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي(بيورو رپورٽ)سنڌ جي تعليم واري وزير سردار علي شاهه ڪجهه تعليمي بورڊز طرفان امتحاني فيس وصول ڪرڻ جي شڪايت جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي صوبائي وزير تعليم سردار علي شاهه امتحاني فيس وصول ڪرڻ جي شڪايت تي نوٽيس وٺندي چيو آهي ته سنڌ ۾
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پاڪستان ٻين تي بيٺل آهي ڀارت خلاف ورلڊ ڪپ ميچ جو بائيڪاٽ ضروري هو: نجم سيٺي

ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ ۾ ڀارت خلاف ميچ جو بائيڪاٽ ڪرڻ جا ڪيترائي اثر پئجي سگهن ٿا

ڀارت جي خلاف ميچ نه کيڏڻ جو فيصلو سوچي سمجهي کنيل قدم آهي

اسلام آباد(م د)پاڪستان طرفان بنگلاديش سان ايڪي جي اظهار طور ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ ۾ ڀارت خلاف ميچ جو بائيڪاٽ ڪرڻ جا ڪيترائي اثر پئجي سگهن ٿا. پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حڪومت، فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا امن لاءِ هڪ صف تي آهن: سهيل آفريدي

هي هڪ گڏيل جنگ آهي ۽ ان کي صرف گڏيل ڪوششن سان کٽي سگهجي ٿو

دهشتگردي کان متاثر علائقن کي ماڊل گڊ گورننس ضلعن ۾ تبديل ڪيو ويندو

ڪراچي(بيورو رپورٽ)خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي خميس ڏينهن چيو ته حڪومت، پاڪستان فوج ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا صوبي ۾ امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ ئي صفحي تي آهن خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير اهي ڳالهيون صوبائي ايپيڪس ڪميٽي جي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

نبي سرروڊ لڳ وحشي مامي هٿان زخمي ٿيل معصوم ڀاڻيجو اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ جانڻ چانڊيو ۾ ٽي 3 ڏينهن اڳ جوابدار ياسين چانڊيو 13 ورهين جي پوڙهو چانڊيو کي ڪهاڙين هڻي مرٽينگ ڪيو

نينگر کي اسپتال آڻڻ بعد ڳنڀير حالت ۾ حيدرآباد اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

لاش جو تعلقي اسپتال ڪنري مان پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو
KASHMIR

ٽنڊو باگو: انتظاميه پاران ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

عمرڪوٽ (رپورٽ قاضي يوسف)نبي سرروڊ لڳ وحشي مامي هٿان 13 سالن جو ڀاڻيجو قتل، پنج ڀيڻن جو اڪيلو ڀاءُ قتل ٿيڻ تي گهر ۾ ڪهرام،جوابدار فرار نبي سر روڊ لڳ ڳوٺ جانڻ چانڊيو ۾ ڪي 3 ڏينهن اڳ وحشي جوابدار ياسين چانڊيو پنهنجي معصوم 13 ورهين جي ڀاڻيجي پوڙهو ولد جانڻ چانڊيو کي ڪهاڙين هڻي مرٽينگ ڪرڻ بعد ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ واسي پيرسن عورت ڪراچي ۾ ريل گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

اسلام ڪوٽ (ن ع) ڪراچي ۾ اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ سينهارناڳڙ جي رهواسڻ 50 ورهين جي عورت فاطمه زال گل نهڙي ٽرين هيٺيان اچي فوت ٿي وئي،ٻڌايو پيو وڃي ته عورت سندن بيمار ننڍڙي پٽ سان گڏ ڪراچي جي سول اسپتال ۾ موجود هئي جتان پلجي نڪرڻ بعد دماغ ڳهمي ويو ۽ هو گم ٿي وئي،رات وقت ڦاٽڪ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: ڪي پي ڪي اسيمبلي جو اسپيڪر بابر سليم سواتي قلندر جي مزار تي حاضري بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

صوفي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جو 774 هون ساليانو عرس مبارڪ جون تياريون مڪمل

ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکن جي تعداد ۾ قلندر جا پانڌيئڙن جي اچڻ جو سلسلو جاري

امن امان قائم رکڻ لاءِ مزار اندر 150 ۽ ٻاهران 250 کان وڌيڪ سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائيون ويون

سيوهڻ(رپورٽ: اعجاز سولنگي) عظيم صوفي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جو 774 هون ساليانو عرس مبارڪ سڀاڻي ڇنڇر کان شروع ٿي رهيو آهي ۽ تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن جڏهن ته سڄي ملڪ مان لکن جي تعداد ۾ قلندر جي پانڌيئڙن جي پهچڻ وارو سلسلو جاري آهي زائرين شهر ۾ مختلف علائقن تي ديرا ڄمائي ويٺا آهن جڏهن ته سيوهڻ شهر کي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اسپيڪر ڪي پي ڪي اسيمبلي بابر سليم خان سواتي سيوهڻ پهچي درگاهه تي حاضري ڀري

بزرگن جي ڪري خلق خدا ۾ ڀٽڪيل ماڻهو رستي تي اچي دين اسلام طرف راغب ٿيا: سليم خان

بزرگن جي وسيلي سان هن ڌرتي تي عنايتون جاري ۽ سارو امن الله ان کي قائم رکي

سيوهڻ(ن ع) اسپيڪر ڪي پي ڪي اسيمبلي بابر سليم خان سواتي سيوهڻ پهچي عظيم صوفي بزرگ حضرت قلندر شهباز جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي ۽ ملڪ ۽ صوبي جي امن ۽ خوشحالي لاءِ دعا گهري ان موقعي تي بابر سليم خان سواتي جي ميڊيا سان ڳالهائيندي ته هنن بزرگن جي ڪري خلق خدا ۾ ڀٽڪيل ماڻهو رستي تي اچي دين
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ ايس يو پي پاران قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ اڳواڻن خلاف ڪارروايون خلاف احتجاج

ڪارڪنن سيد زين شاهه، دلمراد ڏاهاڻي، نورخان سبزوئي، قربان علي ملڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

قبائلي تڪرارن ۾ بيگناهه ماڻهن جو قتل عام، تعليم تباهه ۽ معاشي نقصان ٿي رهيو آهي: اڳواڻ

ضلعي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مٿان انتقامي ڪارروائين ذريعي داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ مرڪزي صدر سيد زين شاهه سميت اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مٿان انتقامي ڪارروائين ذريعي ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل خلاف
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن پورهيت طرفان گهر سروي جي رقم نه ملڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي رتو ديرو جي ڳوٺ مظهر چانڊيو جي رهواسي پيرسن پورهيت طرفان گهر سروي جي رقم نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ ڏيجي ويجهو ٻه ڪارون پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويون، نوجوان فوت، 7 ڄڻا زخمي

مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي حادثي ۾ نوجوان غلام رضا لاشاري موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪڍائي سول اسپتال منتقل ڪري لاش ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

خيرپور(د ر)ڪوٽ ڏيجي جي ويجهو مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي ٻه ڪارون پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويون، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان فوت ٿي ويو جڏهن ته 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن.تفصيل موجب ڪوٽ ڏيجي ڀرسان مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي ٻن ڪارن جي وچ ۾ ٽڪر ٿيو جنهن سبب نوجوان غلام رضا لاشاري موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته 7 ماڻهو زخمي ٿي پيا. پوليس موجب حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش ۽
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

رتوديرو: مقامي ميلي ۾ اٺ ۽ ٻڪرين جا مختلف نسل نظر اچي رهيا آهن

ٽنڊوالهيار ۾ يوسي ڏگاڻي ٻوزدار واسين جو بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج

مظاهرين مهربان علي، علي گل، غلام حسين قمبراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڳوٺ پلو ناهيون کي ڊرينيج سسٽم سميت بنيادي سهولتون ڏئي ٻيجهوڻي ختم ڪئي وڃي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر)ٽنڊوالهيار جي يوسي ڏگاڻي ٻوزدار جي ڳوٺ پلو ناهيون جي رهواسين پاران بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي مهربان علي قمبراڻي. علي گل قمبراڻي. غلام حسين قمبراڻي . امتياز علي قمبراڻي . قاصر نواز قمبراڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو قديمي ڳوٺ آهي جيڪو گذريل ڪيترن ئي سالن کان بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهي اسان جي ڳوٺ ۾ نه بجلي آهي نه ڊرينيج
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي شاهه ڪريم ويجهو ڏهه ايڪڙن کان مٿي بيٺل ڪمند جي فصل کي باهه

ڳوٺ عبدالرحيم ڪاتيار وٽ لڳل باهه تي ڪيترائي ڪلاڪ گذرڻ باوجود ضابطو نه آيو

فصل مٿان گذرندڙ يارهن هزار وولٽيج جي بجلي جي تارن مان شعلا ڪرڻ سبب رهواسين ۾ خوف

ٻلڙي شاهه ڪريم (ن ع) سابق ناظم ۽ سابق چيئرمين ۽ تاليواڙي زميندار وڏيري عبدالرحيم ڪاتيار جي ڳوٺ لڳ تيار بيٺل فصل کي خوفناڪ باهه هٻاهه سبب ڏهه ايڪڙن کان مٿي بيٺل ڪمند جو فصل باهه جي شعلن ۾ سڙي رک ٿي ويو ڪيترائي ڪلاڪ گذرڻ باوجود ضابطو نه اچي سگهيو . باهه اڃان به جاري باهه ڪمند مٿان گذرندڙ يارهن هزار وولٽيج جي بجلي جي تارن مان شعلا ڪرڻ سبب رهواسي پريشان

ڀان سيد آباد ۾ صحافين تي دهشتگردي جي ايف آءِ آر ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ذوالفقار مينگل، آصف علي ميمڻ، مظفر علي ڪوڪر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

صحافين، جمالي برادري ۽ سياسي سماجي اڳواڻن خلاف داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي: مظاهرين

ڀان سيد آباد (ن-ع) پريس ڪلب ڀان سيد آباد جي صحافين پاران دادو پوليس طرفان صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن خلاف دهشتگردي جي قلمن تحت ايف آءِ آر داخل ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي پريس ڪلب جي صدر ذوالفقار مينگل، اصف علي ميمڻ، مظفر علي ڪوڪر آدم مينگل، پرديپ ڪمار سميت ٻين صحافين ڪئي مظاهري ۾ صحافين سان گڏ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو صحافي ناظم مشوري جي ڀاءُ کان هٿياربند روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري فرار، اين سي داخل

مورو (ن ع) گذريل رات نوان جتوئي جو صحافي ناظم مشوري جي ڀاءُ محمد علي مشوري ۽ پٽ محمد حُسين مشوري کان فريد ديرو ٿاڻي جي حد بجاءِ بند وٽ نامعلوم ڦورو موبائل فونون ۽ روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويا اهڙي اين سي ٿاڻي داخل ڪئي وئي جنهن ڪري علائقي ۾ خوف هراس ڇانئجي ويو آهي جڏهن ته ان کان
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڳاڙهو پوليس پاران منشيات وڪري ۽ ڏوهاري ڪارروائين ملوث شڪي ماڻهو گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳاڙهو(ن ع) ايس ايس پي ٺٽو جي هدايتن تي ايس ايڇ او ڳاڙهو پاران چورن منشيات خلاف ڪارروائيون تيز ڪري ڇڏيون ڳاڙهو شهر ۾ مختلف هنڌن تي ڇاپا ڪيترائي شڪي ماڻهو گرفتار ڪري ورتا ايس ايڇ او ڳاڙهو عبدالحميد روڊناڻيءَ ڪيٽي بندر گهوڙاٻاري پوليس سميت ليڊز پوليس سان گڏ ڳاڙهو شهر جي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي ڪيترائي شڪي ماڻهو گرفتار ڪري
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

جيڪب آباد واسي گهرياتين سان گڏجي پاڙن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي جعفرآباد محلا جي رهواسي امتياز علي وڳڻ پنهنجي گهرواري گلباڻو ثمينه ۽ ڀائٽي ساجده وڳڻ سان گڏ پريس ڪلب پهچي پاڙن جي مبينه زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي امتياز علي وڳڻ صحافين آڏو دانهيندي چيو ته منهنجا ڀائر شاهد علي، حاڪم علي، احمد علي ۽ ڀيڻ نصرت وڳڻ وارا ملڪيت مان حصو
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

5 فروری
ڊپٽی ڪمشنر حيدرآباد
مختيارڪار تعلقہ

حيدرآباد: ڊپٽي ڪمشنر جي قيادت ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

پاڪستان ڪشميري عوام سان اٽل سياسي اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو: ناصر شاهه

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول ۾ ڪشمير سان يڪجهتي جو ڏينهن پوري وقار ۽ احترام سان ملهايو ويو

ڪشميري عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد ۽ خوداراديت جي حق لاءِ خاص دعائون گهريون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ۽ مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي هدايتن موجب، سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) ۾ 5 فيبروري تي ڪشمير سان يڪجهتي جو ڏينهن پوري وقار سنجيدگي ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن جو مقصد ڀارتي قبضي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا فوت

مشرف ڪالوني ويجهو روڊ حادثي ۾ پيرسن عورت الله بچائي ڌي وزير علي فوت ٿي وئي

بن قاسم جي ڪمپني ۾ ڪم جي دوران لفٽ جو پنجو لڳڻ سبب پورهيت ڪامران فوت ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. موچڪو ٿاڻي جي حد هاڪس بي جي علائقي مشرف ڪالوني ويجهو اسپارڪو روڊ جي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

نوجوان نادر جمالي جو قتل عدالت مٿانهون قتل آهي: نياز ڪالاڻي

نادر اگر ڏوهاري يا اشتهاري هيو ته ان کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ گهرجي ها

دادو ۾ نادر ڏٿين مٿان داخل دهشتگردي ڪيس فوري طور داخل ٿيل ڪيس ختم ڪيو وڃي

دادو(ڊ-ر) جسقم بشير خان قريشي جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو رمضان پنهور دادو پريس ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته دادو جي نوجوان نادر جمالي جو قتل عدالت مٿانهون قتل آهي وارثن جو موقف اهميت رکي ٿو ان باوجود دادو پوليس ناڪن تي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس، پاڻيءَ بحران ۽ قبضن جي مذمت

ٺٽو(ڊ ر) عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس رزاق چانڊيو جي صدارت هيٺ لاشاري هائوس مڪليءَ تي ٿيو جنهن ۾ تنظيمي ۽ سياسي صورتحال تي سوچ ويچار ۽ رٿابندي ڪئي وئي اجلاس ۾ خاص ڪري ٺٽي ضلعي پاڻيءَ جي هلندڙ بحران واري مسئلي تي شريڪ ميمبرن افسوس جو اظهار ڪندي چيو حڪومت نا اهلي ڪري ضلعي جي تمام تعلقن ۾
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

دادو: جسقم اڳواڻ نياز ڪالاڻي پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

راضيديرو لڳ جکڙ برادري جو معزز اعجاز علي جکڙ لاڏاڻو ڪري ويو

راضيديرو(ن ع) راضيديرو لڳ ڳوٺ ستابي جي رهواسي اعجاز علي جکڙ شگر ۽ بلڊ پريشر جي عارضي سبب لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي جي نماز ستابو ۾ ادا ڪئي وئي مرحوم جي جنازي نماز ۾ جکڙ برادريءَ جي سوين مٽن مائٽن ٻين برادرين جي ماڻهن شرڪت ڪئي جنازي نماز ادا ڪرڻ کان بعد سندس کي ابائي قبرستان ۾ آليون اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ATTENTION
ڪشمير
5 FEBRUARY KASHMIR SOLIDARITY DAY

حيدرآباد: مهراڻ آرٽ ڪائونسل ۾ ڪشميرين جي جدوجهد بابت لڳايل تصويري نمائش کي نارين ڏسي رهيون آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.